مرتب

حميد سنڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

*donated from*
*Suleman A. Memon's*
*personal library*

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر مارئي

مرتب

حميد سنڌي

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاهه

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاپو پهريون
تعداد ۱۰۰۰
مارچ ۱۹۹۰

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت ۴۰ رپيا

هي ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز پاران
اعزازي سيڪريٽري مهتاب اڪبر راشدي ڇپائي پڌرو ڪيو
۽ آفتاب ابڙو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پبليڪيشنس جي
نگراني هيٺ آزاد ڪميونيڪيشنز ڪراچي وٽان ڇپيو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پـﮬـاڪـر

مارئي جي حوالي سان ڪافي سوال "لطيفيات" جو موضوع بنيل آهن. جن مان مارئي ڪير هُئي؟ مارئي پرڻيل هُئي يا مڱيل؟ مارئي بي وس ٿي عمر آڏو آڻ ميجي هُئي يا اٽل ارادي تي مستحڪم رهي؟ عمر جو ڪردار ڇا هيو، عمر عادل هيو يا ڪٺور دل انسان؟ —— نهايت اهم سوال آهن، جن جا جواب هن تحقيقي ڪتاب ۾ اسان جي مانوارن محققن ڏنا آهن. سندن تحقيق جي معيار جي ڪٿا ته پڙهندڙ ئي ڪري سگهندا، اسان جي ڪوشش آهي ته پنهنجن اديبن کي اهڙا موقعا ميسر ڪري ڏيون ته جيئن هو "لطيفيات" جي موضوعن تي هر پهلوءَ کان ڀرپور نموني لکن ته جيئن پڙهندڙن آڏو جامع تحقيق پيش ٿي سگهي. شاه سائينءَ جي ٢۴٥هين عرس جي موقعي تي لطيف ادبي ڪانفرنس ۾ اسان ڀٽائي جي سينئر محققن کي ڪوٺ ڏني هئي، جن شاه صاحب جي عالمگير فن ۽ فڪر تي ڳالهايو. هڪ ئي نشست ۾ شاه جي شاعري ۽ فن جي مختلف پهلوئن تي ڪيترائي خيال سامهون آيا. سر مارئيءَ تي لکيل مقالن لاءِ ڌار مارئي سيمينار ڪوٺايو ويو، جنهن ۾ سر مارئي تي موڪليل مقالن مان چونڊ مقالا پڙهايا ويا.

مقالن کي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ سان، محققن جا خيال، آئيندي تحقيق ڪرڻ وارن لاءِ رهنمائيءَ جو سبب ٿيندا. ڏٺيءَ گهريو ته،

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جون اهي ڪوششون جاري رهنديون، جن تحت هر سال هڪ "سُر" تي مقالا لکرايا ويندا ته جيئن سڄي رسالي جي هر سر تي انفرادي تحقيق مڪمل ٿي سگهي.
مان لطيفي سٿ جي ساٿين جي بيحد ٿورائتي آهيان، جن وڏو وڙڪري مهل ڪُمهل ادبي سهڪار ڪيو آهي. اميد سندن ٿي سهائيتا سان لطيفي قافلو رمندو رهندو.

مهتاب اڪبر راشدي

اعزازي سيڪريٽري

ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| مرتب طرفان | حميد سنڌي | ٥ |
| مارئي جو حسب ۽ نسب | پريتم پياسي | ١٤ |
| سرمارئي جو علامتي اڀياس | ڊاڪٽر غلام نبي سڏايو | ٤٦ |
| سرمارئي ۾ حب الوطني | تاجل بيوس | ٧٢ |
| مارئي جو ڪردار ۽ سنڌي ثقافت | ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي | ٨٤ |
| ڏريائين ڏار | حافظ ارشد انڍڙ | ٩٢ |
| ڪٺيءَ وٺيون ڪُٺيون | محمد حسين ڪاشف | ١٠٤ |
| مارئي جي گرهستي زندگي | ولي سروري | ١١٨ |
| مارئي جي موٽ ۽ ملير جو تصور | بدر ابڙو | ١١٣٤ |
| مارئي جو ڪردار | ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر | ٣٦ |
| مارئي جي حب الوطني | نصرت حسين ابڙو | ١٤٦ |
| عمر سومري جو ڪردار | سوز ٻروچ | ١٥٢ |
| حيف تنين کي هوءِ | عبدالوحيد ڪنڀر | ١٦٠ |
| مارئي جو پيغام | ڊاڪٽر علي اڪبر-ايم- ڍڪڻ | ١٦٨ |
| جان جان دعويٰ دم | عابد مظهر | ١٧٦ |
| سرمارئي جو مطالعو | فقير امداد علي سرائي | ١٨٤ |
| مارئي جو ڪردار- مختصر | محمد ابراهيم چنا | ٢٠٠ |
| فڪري جائزو | | |



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مرتب طرفان

حميد سنڌي

سرمو سفيدي جو جڏهن پاتو جن،
تڏهن ڏٺي تن، اڇائي عالم ۾.

لطيف سائين جي ڪلام جي باري ۾، جيڪي بہ رايا آهن، سي پنهنجي جاءِ تي تاريخي حيثيت رکن ٿا، پر هي رايو صرف راءِ نہ پر هڪ حقيقت آهي تہ لطيف سائين جو نالو سنڌواسين جي روح ۾ رچيل ۽ سندس ڪلام سندن رڳ رڳ ۾ سمايل آهي. شاهه سائين جو ڪلام صرف سنڌ تائين محدود نہ آهي، پر بين الاقوامي ادب جو حصو بڻجي چڪو آهي. شاهه سائين جو ڪلام انگريزي ۽ جرمن ٻولين ڪانسواءِ ٻين ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر ايچ ٽي سورلي، محترمہ ايلسا قاضي، ڊاڪٽر اينميري شمل، شيخ اياز، ۽ ٻين جون ڪوششون نمايان ٿي رهيون آهن. شاهه سائين جي ڪلام جي سهيڙڻ ۽ تشريح جي سلسلي ۾ ڪيترن ئي محققن، عالمن ۽ مفڪرن جي محنت اسانجي سامهون، سندن ڏنل شاهه جي رسالن ۽ ڪتابن جي صورت ۾ موجود آهي. شاهه سائين جي ڪلام جي تحقيق جي سلسلي ۾ ڪيترائي دور ۽ اُنهن دورن ۾ اختلافي مسئلا ٿي رهيا آهن. شاهه سائين جي ڪلام جي ڇنڊڇاڻ جي هڪ وڏي تاريخ رهي آهي، جن ۾ ڪيترن نمايان شخصيتن ڪم ڪيو آهي، پر انهن ڪي تحقيق جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تسلسل ۾ اڄ ياد رکيو نہ پيو وڃي. هيءُ اُهي هيرا هئا، جن جي اختلافي بحثن ۽ لکڻين کان سواءِ اڄ جو شاھ اسانجي سامهون جيڪر نہ هجي ها. مون کي جيڪي بہ نالا ياد اچن ٿا، اُهي هيءُ آهن:

ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرومپ، مرزا قليچ بيگ، ڇيٺمل پرسرام، ڊاڪٽر گربخشاڻي، ليلا رام وطنمل لالوڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر يو. ايم. دائود پوٽو، لعلچند امر ڏنو، پيرومل آڏواڻي، ڊاڪٽر ايڇ. ٽي سورلي، علامہ آءِ آءِ قاضي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پيرحسام الدين راشدي، ايلسا قاضي، اينميري شمل، شيخ اياز، پروفيسر اڪرم انصاري، پروفيسر عبدالعلي قلباڻي، ۽ ٻيا ڪيترائي ليکڪ ۽ مفڪر.

اڄ جيڪا بہ تحقيق ٿئي پئي، اُها مٿين شخصيتن جي ڪيل جاکوڙ ۽ ڏس مطابق ٿي رهي آهي. جيتوڻيڪ هن دور جي ليکڪن ڪجھ نيون روايتون ۽ نيون راهون اختيار ڪيون آهن، جن ۾ نمايان، ڊاڪٽر تنوير عباسي، سراج، محمد حسين ڪاشف، رشيد ڀٽي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، پروفيسر اياز قادري، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، پروفيسر اڪرم انصاري، پروفيسر عبدالعلي قلباڻي ۽ ٻيا ڪيترا بزرگ جن جا نالا وسرڻ ٿا. لطيف سائين تي ٿيل تحقيق جو سلسلو طويل آهي، ۽ انهي سلسلي هيٺ ايڏو خزانو حاصل ٿيو آهي، جو ايندڙ نسلن لاءِ وڏو سرمايو آهي.

هيءُ ڪتاب "سرمارئي" بہ اُنهيءَ خزاني جو هڪ موتي آهي. هن کان اڳ، لطيف سائين جي ميڙي تي پڙهيل مضمونن جي سلسلي ۾ ڪيترا ئي ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. هن سلسلي جا ٻہ دور آهن، پهرين دور ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هن سلسلي جي نگراني ڪئي. ٻئي دور ۾ هن بندي سان گڏ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ۽ علي احمد بروهي صاحب جن هيا، جن جي ساٿ سان، سر ليلا چنيسر،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرگهاتو، سرڪاموڏ پڌرا ڪيا ويا.

مان محترم ماهتاب اڪبر راشدي صاحب جو ٿورائتو آهيان، جو ڪجھ وقفي ڪانپوءِ مون کي ياد ڪيو ويو ۽ مون ڪوشش ڪئي آهي تہ اِنهي سلسلي کي اُنهي ئي ڏس ڏانوَ ۽ روايتن سان جاري ۽ ساري رکجي، جيئن اڳ ۾ ڪيو پئي ويو آهي. هن سلسلي جو مقصد: شاھ سائين جي ڪلام جي روشني ۾ تحقيق جون نيون راهون ڳولڻ ۽ سنڌواسين آڏو ڪي اهڙا رُخ بہ آڻڻا آهن، جن ڪان اجا آگاهي نہ ٿي آهي. هيءُ اُهي ئي ليکڪ آهن، جن شاھ سائين جي ڪلام تي لکڻ فخر پئي سمجهيو آهي ۽ هر ميڙي جي موقعي تي ڏوراهان پنڌ ڪري، پاڙا خرچ ڪري اچي حاضري پري آهي، ڪين لکُ جسُ هجي.

سر مارئي لاءِ ليلارام وطنمل لکي ٿو:

This is one of the most vigorous and pethetic surs of our Poet

تنوير عباسي مارئي لاءِ لکي ٿو:

”مارئي آهي، جيڪا وقت جي حڪمران عمر جي ڪوٽ ۾ آهي. اُها هيڏي ساري حاڪم، هيڏي ساري زبردست بادشاھ آڏو بہ ڪنڌ نہ ٿي جهڪائي ۽ پنهنجي ست کي سلامت ٿي رکي تہ انهي ضعيف انهيءَ مجبور ۽ انهي لاچار ڪردار کي عزم همت ۽ استقلال ڏيڻ ۽ انهن کي پختگي بخشڻ شاھ لطيف جو ڪم آهي.“

ڊاڪٽر ايچ. ٽي. سورلي لکي ٿو:

The Poems of Marui and Umar describe the feelings of Marui locked in her prison rooms and longing to be released by her People, the Rustic camel herds and goat



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

herds of Malir.

"I shall fall at the feet of the man who has come from my country, my fathers's own home. I shall speak (sayid saith) the true thoughts of mine heart:

I am not to blame for this thing and I swear that alone I'd have never come here."

لطيف سائين جو هيءُ ڪردار هڪ عام ڪهاڻي جو هڪ اهڙو ڪردار آهي، جنهن کي لطيف سائين اهڙي نموني اُڀاريو ۽ سنواريو آهي، جو اڄ هيءُ ڪردار وطن ۽ ساڻيه لاءِ عشق ۽ آزادي جي هڪ وڏي علامت آهي.

الا! ايئن م هوءِ، جيئن آءُ مران هن بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، راتيان ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄم ڏينهڙا.

مارئيءَ جي مڙس سان وفا کي شاه سائين اصل ۾ جيڪا شڪل ڏني آهي، اصل ۾ اُها پنهنجي وطن، زمين ۽ ماروئڙن سان وفاداري آهي.

سونهن وڃايم سومرا، وطن وڃان ڪيئن،
حسن ڏاران هينءَ، پسان ڪيئن پنهوار کي.

مارئي انهي حب الوطني جي عشق سان سرشار تہ آهي، پر شاه صاحب ڪجھ ميار ماروئڙن تي بہ رکي ٿو. هو چورائيس ٿو تہ:

ڪانگ لنوي چوءِ، منهنجي ماروئڙن کي،
ڇانگان ڇڄي ڇيلڙو، جي ويو ڪنهن جو هو ۽
سهي وڙولجي سُوءِ، آءُ ڪيئن ويس وسري.(شاه)

لطيف جي مارئي جيڏي همت جذبي ۽ استقلال واري آهي، اوڏي موهيندڙ ۽ دل ۾ پيهي ويندڙ آهي. اِهو ئي سبب آهي، جو ٿر ۽ بر ۾ مارئي جو مان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشاهون آهي. سُر جي محققن ۽ ليکڪن انهي مان کي سمجهندي لطيف جي خيال ۽ فڪر کي مانُ ڏيندي هيءُ مقالا لکيا آهن. شال سندن محنت اُنهيءَ خلوص جيان ثاب پوي، جيڪو خلوص هو ميڙي ويلي ڏيکاريندا رهيا آهن.

مان وري بہ ٿورائتو آهيان، ڀٽ شاه ڪلچر سينٽر ۽ محترم مهتاب اڪبر راشدي صاحبہ، جو جنهن روايت برقرار رکي، هن سال ميڙي کي مچايو ۽ ادبي ڪانفرنس منعقد ڪرائي، اُن سان گڏ ڪتابن جي ڇپائي جو اهم سلسلو جاري رکيو آهي. شال سندن وک اِن ڏس ۾ وڌجي. آخر ۾ هميشہ جيان هن دعا ۽ اُميد سان هيءُ بہ اڪر پورا ڪيان ٿو.

چوڻ چارو ناه ڪو، بديون بي شمار،
ڪِهڙ ڪارونپار، اُڪاريئن احسان سين.
(شاه)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جو حسب نسب

پريتم پياسي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جو حسب ۽ نسب

پريتم 'پياسي'

ڪيترن ئي سالن کان ولي تر جي سهوت ۽ ستي مارئي جي ذات جي لاءِ محققن، اديبن، مفڪرن ۽ سگهڙن جي وچ ۾ مختلف رايا رهندا آيا آهن. ڪي چون ته مارئي ذات جي مارو هئي، ڪي پنهور، ڪي چون ته سماٽ هئي، ڪي رباري چون ته ڪي وري چون ته ماڙيچي هئي ۽ ان کانسواءِ هندو، مسلمان هجڻ جو پڻ تضاد رهيو آهي. اُن ڏس ۾ گهڻو ڪري سيني محققن انهن تاريخن کان ئي مدد ورتي آهي، جيڪي تاريخون مارئي کان تمام گهڻيون پوءِ لکيون ويون آهن، پر هڪ اها تاريخ جنهن جي سٽ سٽ ۾ سنڌ جي اُها حقيقت سمايل آهي، جنهن تي سنڌواسي جيترو به فخر ڪن، اُهو ٿورو آهي. اُن تاريخ جو پيو نالو 'شاهه جو رسالو' آهي.

مارئي جي ذات ڏسڻ لاءِ سڀ کان پهرين اُنهيءَ ذات جي رهڻي ڪهڻي، اوڙ ويس گذرمعاش ۽ ريتن رسمن کي ڏسبو ته اُهي مارئي کي ڪهڙي ڏس ولڻو وجن ٿيون ۽ انهي تهذيب جا آثار ٻين ڪهڙن اڳاٽن شاعرن جي ڪلام مان ملن ٿا.

مينگهواڙن جون ڪيتريون اهڙيون شاخون آهن، جيڪي درجي به درجي بدلبيون رهيون آهن يا هر علائقي جي ڪري سندن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي پنهنجي رهڻي ڪهڻي رهي آهي، هڪڙيون اُهي جيڪي مارواڙ ۾ رهنديون آهن، تن کي مارواڙي مينگهواڙ سڏيندا آهن. انهن جو ڏنڌو جتيون ٺاهڻ، ڪلون ٻنگڻ ۽ ڪتا واڻڻ آهي. اهڙي طرح ڪڇي، سنڌي، ٿراڏري ۽ گجراتي مينگهوارڻ جو پڻ ڏنڌو ساڳيو ئي آهي، پر هر علائقي جي ڪري مخصوص نالن سان سڏبا آهن. اهڙي طرح ماڙيچا بہ مينگهوارڻ جي هڪ شاخ آهي. سندن ڏنڌو ويس پوشاڪ ۽ ريتيون رسمون پڻ ساڳيون ئي آهن. اُهي سيئي قومون دراوڙي قومون سڏبيون آهن. موهن جي دڙي واري سيپتا ۾ پڻ اُهو ئي ڏيکاريو ويو آهي تہ سنڌ جا قديم رهواسي بدن ۾ مضبوط ۽ رنگ جا ڪارا هوندا هئا. دراوڙي قوم جي هِن مخصوص انداز کي سامهون رکي شاه عنايت مارئي جي محبوب لاءِ ڪهڙو نہ صحيح چيو آهي تہ:

"منهن 'ماڙيچو' منڙو، سکيو، سمرو ڪانئر ۽ ڪارو."

اڄ بہ ڪو مينگهواڙ اتر سنڌ ويندو تہ ان کي مينگهواڙ جي بدران 'ماڙيچو' سڏيندا آهن. هاڻي سوال هي آهي تہ هن وقت 'ماڙيچا' ٿر ۾ نالي ماتر ڇو آهن؟ ۽ ڪيڏاهن ويا. جيئن تہ مارئي ذات جي 'ماڙيچي' هئي. مهراڻي ۾ ڄائي نپني ۽ وڏي ٿي ۽ اتان ئي کڄي ۽ عمر وٽ قيد ٿي هئي.

جڏهن 'ماڙيچن' کي مارئي جي کڄڻ جي خبر پئي، تڏهن ويچارا عمر بادشاه جي خوف وچان ڪي پائر، ڪانئر ۽ پارڪر طرف هليا ويا تہ ڪن ماڳهين ٿر ملڪ ئي ڇڏي ڏنو. غالباً اتر سنڌ ڏي هليا ويا، جتي اڄ بہ ججهي انداز ۾ رهن ٿا. ان طرف سرڪار يٽ ڏٽي فرمائي ٿو تہ:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سدا جن پرياڻ، پانڌي پکي لڏسين،
مارو ڳُڻن ساڻ، ويئڙا تر اُڪري. (١)

معنيٰ تہ هنن ٿر جو ملڪ ئي ڇڏي ڏنو ۽ وڃي پري پري پکا اڏيائون ۽ جيڪي حياتي جا ڏينهڙا هئا، سي پڻ خوف ۾ گذاريندا رهيا. سدائين فڪر هوندو هين تہ متان عمر ڏاڍ ڪري ۽ ستائي. هڪ ٻہ سال نہ پر پوري حياتي ويچارا ڊڄندا رهيا. شاهہ عنايت فرمائي ٿو تہ:

هڪل مير همير جي جڏهن پڌائون،
تنهن مهل ملير مان ڪرجنيون ڪيائون،
ان اوسيڙي عنات ڇني لڏ نہ لاٿائون،
ڪنبدي ڪٽيائون، جيڪي هنن حياتي ڏينهڙا.(٢)

اهڙي ڏهڪاءَ ۾ مسڪين مارو ڪٿي ٿا رهي سگهن، پر تنهن هوندي بہ جيڪي مارئي جا مائٽ ٿورا گهڻا ٿر ۾ رهيا هئا، تن بہ مارئي جي ملڻ کان پوءِ ستت ئي ملڪ مٽي ڇڏيو ۽ پري پري وڃي رهيا نتيجي ۾ مارئي جي مائٽاڻي پون اهڙي سڀاجهي سبوت ستي لاءِ هميشہ سڪندي رهي.

عمر جو مارئي کي پيڻ ڪري ٿر موڪلڻ ۽ مارئي جي مائٽن جو دربدر ٿيڻ ۽ ملڪ ڇڏڻ کانپوءِ پاتن، پانن ۽ چارڻن هن قصي کي 'پاءُ ۽ پيڻ' جو روپ ڏيئي پوري سنڌ ۾ مشهور ڪيو، جنهن جي نتيجي ۾ اُها 'پاءُ ۽ پيڻ' واري روايت سنڌ ۾ مقبول عام ٿي.

انهي سڄي قصي کي تڏهن صاف ڪري سگهبو، جڏهن اڳاتن شاعرن جهڙوڪ شاهہ عنات، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، خليفي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صاحب ۽ ٻين وڏن شاعرن جي رسالن کي چڱي طرح مطالعو ڪجي. ان قصي کي سُلجهائڻ ڪان پهرين ڪن تاريخن جا رايا ۽ روايتون پيش ڪجن ٿيون، جن سان خبر پوندي ته مارئي ڪير هئي.

## مارئي لاکي ڦلاڻي جي ڌي هئي:

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، عبدالله خان کهري جي روايت ۽ انگريز عالم رچرڊ برٽن جي ڪتاب 'سنڌ ۽ سنڌو ماٿري ۾ رهندڙ قومون' جي حوالي سان لکي ٿو ته:

"هڪ روايت موجب مارئي لاکي ڦلاڻي جي ڌي هئي ۽سندس ماءُ جو نالو (مهران ڌي) يا مهران هو. هوءَ پاڻي ڀرڻ لاءِ کوھ تي آئي، جنهن ڪري قسمت کيس عمر ڪوٽ ۾ آندو."

"لاکي ڌي ڦل پوتي، ايراڏي آنديا س،

جڏهن پاڻي ڪان پياس، تڏهن ڦضا آندي ڪوٽ ۾."(٢)

گهڻن ئي جو اِهو خيال آهي ته مارئي لاکي ڦلاڻي جي ڌي هئي ۽ مارئي جي ماءُ کي پالڻو پنوهار پڃائي آيو هو. کيس مارئي پهرين ئي پيٽان هئي، جڏهن هو موهر ۾ آيو، تڏهن مارئي ڄائي ۽ سندس حُسن جو پڙاڏو ملڪين مشهور ٿيو.

جيئن ته مارئي حسين هئي ۽ حسن جي ڪري هنڌين ماڳين مشهور هئي ۽ پيو ته سندس قدرت سان مارئي جي ماءُ جو نالو پڻ 'ماڌوئي' هو، ان ڪري سندس گهڻن ئي عالمن جي خيال جو هي مرڪز ٿي ويو ته اهڙي حسين ۽ خوبصورت پَري هڪ غريب ۽ مسڪين جي گهر ڪيئن ٿي جمي سگهي ٿي. انهيءَ ڳاله ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضرور ڪو فرق آهي. تڏهن ڪٿي 'ماڏوئي' مان 'مهران ڏ' ٺاهيائون ۽ هي ڳالهه مشهور ڪيائون تہ مارئي جي ماءُ کي پالڻو پيدائي آيو هو. پر هِن جو اِهو مطلب تہ ڪونهي تہ ڪو ڪنهن مسڪين ۽ غريب جي گهر ۾ حسين ٻار پيدا ڪونہ ٿيندا آهن. تاريخ ۾ اهڙا لکين مثال ملن ٿا تہ غريبن جي گهرن ۾ پڻ گلاب جا گل ڦٽندا آهن.

هي طرف تاريخ جي مطالعي ڪرڻ سان پڪي پت خبر پئجي سگهي ٿي تہ ماڏوئي کي ڪڏهن بہ پالڻو پيدائي ڪونہ آيو هو. ان ڏس ۾ تحقيق ڪندي رائچند هريجن "ڪڇ جي گجراتي اتهاس" جي حوالي سان صاف صاف لکي ٿو تہ:

"ڪڇ جو گجراتي اتهاس ڇاپو پهريون سال ١٩٢٦ع جي صفحي ٥٢ ۾ لکيل آهي تہ ڪڇ جي راجا ڄام ڦل کي پنجن راڻين مان ڇهہ پٽ ٿيا ڄام 'ڏولاراءِ' جي ڪنيا مان 'سانڌ'، 'چاوڙي راڻي' مان 'سور'، 'سوڍي راڻي' مان 'کيهرو' ۽ 'ڏونڻ'، 'واگهيلي' راڻي مان 'ڏاڻو' ۽ 'سونل راڻي' مان 'لاکو' پيدا ٿيا. صفحي ٥١ ۾ لکيل آهي تہ سنبت ٩٧٦ (٩١٩ع) ڪهارتڪ سڌ ٢ ٻيج جي ڏينهن سونل جي پيٽان هڪ پٽ ڄائو، ان جو نالو لاکو رکيو ويو. انهيءَ اتهاس جي صفحي ٥٧ ۾ لکيل آهي تہ لاکو لڙائي ۾ وڙهندي سنبت ١٠٣٥ (٩٧٨ع) ڪهارتڪ ٻيج جي ١٢ بجي مارجي ويو."(۴)

مٿين تاريخ جي بيان جي پٺ پرائي هڪ ڪچي دوهو بہ ڪري ٿو، جيڪو لاکي ڦلاڻي جي جنم جي واقعي بابت چيو ويو آهي.

"سنبت نو سئو ڇا هتر، ٻيج تٿ ڪاتڪ ماس،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جس دن لاکو جنميو سورج جوت پرڪاش."(٥)

مٿين دوهي ۽ تاريخي حوالي کان پوءِ هي خبر پئجي سگهي ٿي تہ "مارئي لاکي ڦلاڻي جي ڌي نہ هئي" ڳالھ بلڪل ڪوڙي آهي، ڇو تہ عمر سومرو ١٣٥٥ع کان ١٣٩٠ع تائين حاڪم هيو ۽ مارئي بہ انهيءَ عرصي ۾ ڪچي عمر ڪوٽ آئي. لاکي جو جنم ٩١٩ع ۽ موت ٩٧٨ع ۾ ٿيو. هِن حالت ۾ مارئي ڪيئن ڄام ڦل يا لاکي ڦلاڻي جي ڌي ٿي. عمر سومري ۽ لاکي ڦلاڻي جي وچ ۾ ٽي سو سالن کان بہ وڌيڪ فرق آهي. تڏهن چئي سگهجي ٿو تہ اِها ڳالھ بلڪل ڪوڙي آهي.

اهڙا فقير ماڻهو لاکي ڦلاڻي جهڙي هاٺو جي زال پڃائي اچن، سا هڪ ناشدني ڳالھ آهي. ۽ ڪڏهن بہ ٿي نٿو سگهي تہ ڪو مارئي لاکي ڦلاڻي جو ٻج آهي ۽ ماڙوئي پالڻو پڃائي آيو هو.

'موهر'اُهو نصيبن وارو علائقو آهي، جتي تمام حسين ماڻهو پيدا ٿيندا آهن. اهڙي حسين خطي ۾ مارئي جهڙي هڪ سپوت ۽ سهڻي عورت پيدا ٿيڻ ڪو عيب ڪونهي. انهي حسين خطي کي ساراهيندي ڪنهن ڳايو آهي تہ:

""ساڙ' بکاڻا 'سنڌ' ري، 'مونگ' 'مڏوهر ديس،

جهيڻو ڪپڙو 'ماڙيو' ماڙهو 'مڙڌر ديس."(٦)

يعني تہ ساريون سنڌ جون پهريون نمبر ۽ سڳند واريون آهن. مگ 'مڏوهر ديس' ۽ ڪپڙو 'ماڙيي' جو سٺو آهي (مڏهور ۽ ماڙيو هئي هندستان جا شهر آهن) ليڪن ماڻهو مڙڌرديس يعني مهراڻي جا حسين ۽ خوبصورت آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مارئي رباڙڻ هئي

ڪيترن ئي عالمن جو خيال آهي تہ مارئي ذات جي رباڙڻ هئي. ان ڏس ۾ منگهارام اوجها لکي ٿو تہ:

”ڪڏهن ڪنهن قربائتي ڪچهري ۾ ويٺي ڳالهہ چرندي آهي تہ مارئي رباڙڻ هئي. اسان جو ويس وڳر بہ ساڳيو جو مارئي جو هو. آهي بہ ايئن.“

”مارئي رباري قبيلي جي نياڻي هئي ۽ هندو ڌرم جي هئي. هن طريقي موجب پٺاڻي صاحب پنهوار جو اڪر سندس مٿن مائيٽن جي گذرمعاش جي حوالي سان ڪتب آندو آهي. حقيقت ۾ هن راءِ رکندڙن وٽ بہ هڪ پختو دليل موجود آهي. مثال طور ان ڏس ۾ هي شاهہ عنايت جو بيت حوالي طور ڪتب آڻي سگهجي ٿو تہ:

راتِ رباري آئيو، انيءَ جو اوٺي،
تليون سڀ تار ٿيون، سڀ جوءِ سٿوڻي،
ڪوه ڪانا ۽ ڪوٺي، لڳئون لوهہ لهي پيا.(٧)

انهي ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ هي بيت شاهہ عنات جو آهي، پر هن بيت ۾ ايتري صداقت ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي، جيئن چئي سگهجي تہ مارئي پڪ رباري هئي. رباري هڪ قاصد بہ ٿي سگهي ٿو ۽ مٿين بيت ۾ بہ چيل آهي تہ رباري اوٺي ٿي آيو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ شاهہ عنات کي خبر پئي هجي تہ ماڙيچن هڪ قاصد ڪري مارئي ڏانهن موڪليو هو. انهي تي شاهہ عنات جي بيت چيو هجي ليڪن اِها هڪ پختي راءِ نہ ٿي.

هڪ هنڌ شاهہ سائين بہ رباري کي قاصد ڻاهيو آهي. ٿي سگهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو تہ انهي وقت جو ريباري قاصد ناهڻ رواج هجي، مثال طور راڻو مومل ڏاهن ريباري قاصد کهڙي نموني موڪلي ٿو. پٽ ڏٺي فرمائي ٿو تہ:

راڻي 'ريبارو' تو ڏانهن مڪو تڪڙو،
لڌا اٿئا لطيف چئي، ماڻج موچارو،
صبح سوارو، ڪاڪ گهڙندو ڪرهو.(٨)

مارئي جي ذات بابت هتي هڪ ٻيو بيت، شاهہ عنات جو پيش ڪجي ٿو:

ست سهويون سائرا، ڏڏرڪاڪارو،
سوڍرو ۽ سڌرو، ڏنبي ڏڪا ڏارو،
منهن 'ماڙيچو' منڙو، سڪيو، سمرو، ڪاٺر ۽ڪارو.(٩)

ان بيت ۾ 'ماڙيچو' سنئون سڌو مارئي جي محبوب جي ذات ڏانهن اشارو آهي ۽ مارئي خود بہ 'ماڙيچي' هئي. اصلي 'دراوڙن' جي حيثيت ۾ سندس محبوب جو قد، رنگ ۽ذات پڻ ڏسيل آهي ۽ اُهائي راءِ وڏن شاعرن توڙي ننڍن شاعرن وٽ مقبول عام آهي ۽ اُهائي روايت صحيح ۽ پختي آهي.

## مارئي "مارو" قبيلي سان تعلق رکي ٿي:

مارئي کي 'مارو' ذات جي سڀ کان پهرين 'تاريخ طاهري' لکيو آهي. مصنف لکي ٿو تہ:

"عمر سومري بابت ڳالهہ ٿا ڪن تہ مارئي نالي هڪڙي سهڻي زال جا پرتيل چئي ٿي ويئي مارو جي قوم مان زوري هٿ ڪري، عمرڪوٽ جي قلعي ۾ بند ڪري ويهاري وينو هو." (١٠)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن صاحب بہ هڪ روايت پيش ڪئي آهي ۽ چوي ٿو تہ ”ڳالھ ٿا ڪن تہ “ مطلب تہ هن صاحب پڻ تحقيق کان سواءِ ڳالھ تي ڀروسو ڪري مارئي کي ’مارو‘ ذات جي ڪري ڄاڻائي آهي. ۽ ان کانپوءِ ”تحفةالڪرام“ ۾ ميرعلي شيرقانع بہ ساڳي روايت بيان ڪئي آهي، لکي ٿو تہ:

”مارئي نالي هڪ پاڪدامن ۽ خوبصورت عورت ’مارن‘ جي قوم مان ’تلها‘ ڳوٺ ۾ رهندڙ هئي.“(١١)

ان کانپوءِ ڇيتمل پرسرام لکي ٿو تہ :

ملير جي ڳوٺ ۾ ’مارو‘ ذات جا ڳوٺاڻا رهندا هئا.“ ٿر ٿر اندر ٿاڪ، عمر ماروئڙن جا.“(١٢)

مطلب تہ هنن درويشن مارئي ’مارو‘ ذات جي ڪري ڪوٺي آهي، مگر حقيقت هي آهي تہ هن وقت ڪوبہ ’مارو‘ ذات جو بني آدم اسان وٽ ڪونهي. جيڪڏهن ڪا مارو ’ذات‘ هجي ها تہ ان جو وجود ضرور هجي ها. البت’ماروقوم‘ ضرور هئي، جيڪا تمام گهڻو اڳاٽو ختم ٿي وئي، جنهن جو هينئر وجود ئي ڪونهي. اسان وٽ اڪثر ڪري ٿري ماڻهو جيڪي بہ آهن (هندو يامسلمان) ڳالهيون ڪندي پاڻ کي چوندا آهن تہ اسين مسڪين ’مارومارڙهو‘ آهيون.

مطلب تہ اسان وٽ ’مارو‘ هميشہ مالوند ڀاڳين کي چيو ويحي ٿو. هاڻي انهي ڳالھ ۾ کهڙي ثابتي تہ مارئي ڪير هئي. ’مارو‘ لفظ ۾ تہ هندو مسلمان سڀئي اچي ويا. ’ملير‘، ’موهر‘ يا ’مهراڻي‘ جا جيڪي بہ ڀاڳيا مالوند آهن. سي ’مارو‘ ئي آهن. جيئن ڪڇ جا رهاڪو پاڻ کي ’ڪڇي‘ سڏائين ٿا. انهي جو اُهو تہ مطلب



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونهي تہ 'ڪڇي' ذات آهي، يا 'مارواڙ' جا رهاڪو پاڻ کي 'مارواڙي' سڏائين ٿا، انهي جو اِهو مطلب ڪونهي تہ ڪو مارواڙي ذات آهي. انهي نموني سان ملير جا رهاڪو بہ پاڻ کي 'مارو' ڪوٺائڻ سان فخر محسوس ڪن ٿا ۽ 'مارو' نڪا ذات آهي ۽ نڪي مارئي ذات جي مارو هئي.

## مارئي ذات جي پنهور هئي.

مارئي جي نک نسب بابت ڪيترن ئي اديبن جو خيال آهي تہ هيءَ 'پنهور' قوم جي نياڻي هئي. مثال طور محترم غلام محمد لاکو لکي ٿو تہ:

"سوال آهي تہ مارئي ڪهڙي قبيلي سان واسطو رکيو ٿي. ڏسجي ٿو تہ هِن ۾ اڪثريت جو اتفاق آهي تہ هِن سنڌي عورت جو واسطو 'پنهور' يا 'پنهوار' قبيلي سان هو."(١٣)

هي بہ هڪ ڳالهہ آهي تہ مارن جي گذرمعاش ۽ لطيف سرڪار جي ٻولي اڄڪلهہ جي اديبن کي منجهائي ڇڏيو آهي. جيئن تہ پهون= ٻڪريون+وار= وارو يعني ٻاڪيو ٻڪرين وارو ماروئڙن جو اڄ بہ مال تي گذران آهي ۽ ان وقت بہ هو. ٻڪرين کي ياد ڪندي شاهہ عنات فرمائي ٿو تہ:

"ان جو 'پهون' پوڄ وهائيون، ڏهٽي ڏڏ ڏهن."(١٤)

فقير فتح محمد صاحب پڻ چوي ٿو تہ:

"ڇيڪاريو ڇنن ۾ پهرائين پهون."(١٥)

۽ شاهہ شريف ٻاڏائي بہ چوي ٿو تہ:

"چارين ۽ وارين 'پهون' پائر وٽ ۾."(١٦)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪانسواءِ ڀٽ ڌڻي پڻ ڪيترن ئي هنڌن تي ’پهون‘ جو ذڪر ڪيو آهي. ڀٽ ڌڻي جهڙي سچاڻ شاعر ۽ ان ڪان پوءِ ٻين سچاڻ شاعرن مارئي کي ڪنهن به طرح ’پنهور‘ ڪري نه ڳايو آهي. جيڪڏهن ڪنهن به هنڌ ’پنهور‘ لکي ها ته پڪ ٿئي ها ته مارئي جي ڪري ’پنهوار‘ چيو آهي ۽ ادين ”پنهوار“ کي ”پنهور“ سمجهي ڪٺي مارئي کي پنهور قبيلي جي ناهي آهي. ’پنهوار‘ لفظ ڪتب آڻيندي سرڪار ڀٽ ڌڻي فرمائي ٿو ته،

”وينو واجهه وجهي هنيون، پر ۾ ”پنوهارن،

▲

”پرچي ڪين ’پنهوار‘ ري جان جُسي ۾ جيءَ.“

اهڙي طرح تمر فقير به چوي ٿو ته:

”هو پونگا هو پيٽيون، هو چانگون نه چيلن،
بيشڪ پٽون لنگهيا، هو پرتي پنهوارن.
تني ڪيا ’تمر‘ چئي ٿاٽا منجهه ٿرن.
ڏئي وچوڙو ورهن،اُني ويٺڙا اُڪري.“

مصري شاهه پڻ ’پنهواريون‘ ڪري ڳايو آهي، پر ’پنهوارٽيون‘ ڪري نه ڳايو آهي. مثال طور:

اطلس اوڍين ڪين ڪي، هو لوين وارا لوڪ،
پهرين ويس ’پنهواريون‘ ڪين مريڙا موڪ،
قوت ڪکائون سومرا، ٿر پيليرا ٿوڪ،
سدا سنگهارن جي، جنگهن پاسي جهوڪ،
راجا ڇڏي روڪ، موڪل ڏي ”مصري“ چوي.

شاهه شريف بلڪل چٽو چيو آهي ته ’پنهور‘ نه بلڪ ’پهوارن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پارا‘ يعني ٻڪرارن جهڙا اهوجه فرمائي ٿو ته؛

”الله اونـي آئين ڪو “پهوارن پارا“
سانيي ساريم شريف چئي ڏٺار ڏڻ چارا،
ويڙهن ويچارا، رهي وينا راج ڪري.

ويجهي وقت جو شاعر قاصر جمعاڻي پڻ پنوهار چئي ٿو ليڪن ’پنهور‘ نٿو چئي.

” ڪي ڏينهن هئس قرار، مارن سان ملير ۾،
سُڌ نه لڌي تنهن سرتئين، نه ڪئي پنوهارن پچار،
مون تني کان ڏار، ساعت نه گهاري سک جي.“(١٧)

مارئي راجپوت گهراڻي جي نينگري هئي؛

هي راءِ رکندڙ تمام ڪي ٿورا ماڻهو آهن. وٽن ڪا به اهڙي پختي ثابتي ڪونهي صرف ”پنهنجا سوال ۽ پنهنجا جواب“ وارو قصو آهي. مثال طور چيتمل پرسرام لکي ٿو ته،

”کيت سين نالي مان ياڻنجي ٿو ته مارئي راجپوت ڪٽنب جي هئي جو ’سين ۽ سنگھ‘ راجپوتن جي نالن پٺيان ٿيندا آهن.“(١٨)

مٿين ٻن سٽن مان ڪا به اهڙي ڳالھ ڪونهي جو چئي سگهجي ته مارئي راجپوت گهراڻي جي هئي. اڄ ڏينهن تائين ڪنهن به ’کيت‘ کي ’کيت سين‘ ڪري نه لکيو آهي ۽ نه ئي اهو نالو ٿيي ٿو. ڪهاڻي به پاڻ ٿي لکي اٿس ۽ پاڻ ئي مارئي کي راجپوت ٺاهيو اٿس. ٻيو ڪو به ثبوت ڪونهي ته مارئي راجپوت هئي.

## مارئي هندو هئي يا مسلمان:

مارئي جي هندو يا مسلمان هجڻ جو به عالمن جي وچ ۾ تمام گهڻو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تضاد رهيو آهي. ان ڏس ۾ جڏهن لوڪ ادب کي سهيڙڻ لاءِ ڊاڪٽرنبي بخش خان بلوچ مارئي بابت مواد ڪٺو ڪيو، تڏهن ڪيس پوري سنڌ مان گهٽي پاڳي اِهائي روايت ملي ته عمر ۽ مارئي "ياءُ ـ ڀيڻ" هئا.

ياءُ ۽ ڀيڻ جي سٻنڌ کي برقرار رکندي ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته:

"سنڌ جي هن عام مقبول روايت موجب عمر سان مارئي جو رشتو 'ڀيڻ-ياءُ' وارو هو. انهي رشتي مان ظاهر آهي ته هوءَ مسلمان هئي. انهي مشهور روايت موجب. مارئي کي پنائي صاحب پڻ مسلمان ڪري ميجيو آهي. مثال طور مارئي چوي ٿي ته:

اول الله ميجيان جو مڙني متاهون.

▲

سچي اٿم سومرا، نبي ڏي نيت.

▲

واجهائي وطن کي، آئون جي هت مياس،
گورمنهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس،
ساري ڏينم سرتيون، منجهان ولڙين واس،
مُيائي جياس، جي وڃي مڙه ملير ڏي.

لطيف سائين خدا کي ميڄڻ جو چيو ته ڪا غلطي ڪو نه ٿي. مثال طور مومل راڻي مهيندري کي خدا جو واسطو ڏي ٿي، پر مومل مسلمان ته نه هئي. ساڳيوئي سرڪار پڻ ڏٺي فرمائي ٿو ته :

پره ٻاکون ڪديون، شمع ٻاريندي شب،
موٽ مران ٿي مهيندرا، راتا ڪارڻ رب،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهنجي تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا.

اهڙي طرح نبي بہ هر ڪنهن قوم جا آهن. مارئي جي جيڪڏهن نبي ڏي نيت هئي تہ ڪو عيب ڪونهي.

پر مومل راڻي ۾ 'مومل' حضورصلعم جو نالو وٺي ٿي:

ڪا ڪيون قاصد آئيو، راڻي پاس رمي،
چڙهہ محمد هاشمي دوست دم دمي،
اڳيان خوف نہ خطرو نڪو غم غمي،
ڪامل تو ڪرمي، جيڏو ناهہ جهان ۾.

ليڪن هيٺيون بيت جنهن ۾ 'لاش پورڻ' جي رسم ڏانهن ڊاڪٽر صاحب ڌيان ڇڪائيندي مارئي مسلمان ظاهر ڪئي آهي، سا بہ ڳالهہ غلط آهي، ڇاڪاڻ جو مارئي ماڙيچي هئي ۽ ماڙيچا جيڪي دراوڙ آهن ۽ دراوڙي قومون اصل کان ئي لاش پوريندڙيون ٿيون اچن. انهي ۾ ايئن تہ ڪونهي تہ سيئي هندولاش ساڙيندا آهن، ڪي ساڙيندا آهن تہ ڪي پوريندا آهن، پر اصل سنڌي دراوڙ اڄ ڏينهن تائين لاش پوريندا آهن. اهڙي نموني لطيف سائين، بيون اهڙيون تشبيهون ڏنيون آهن. انهي جو هي مطلب تہ ڪونهي، نہ ڪو واقعي ايئن آهي مثال طور:

"ڪڏ تہ ڪاڻ لهي هتان هي همير."

يا

"ههڙو حال همير، وڃي شل ويڙهہ ويحان."

مٿين ٻن بيتن جو هي مطلب تہ ڪونهي تہ ڪومارئي کي همير سومرو ڪٺي آيو هو يا،

"امر هٿيو اڌ ڪري، سي ڪاغذ لکان ڪيئن."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو بہ اِهو مطلب ڪونهي تہ ڪو مارئي آمريڪا مان پي-ايچ-ڊي جي ڊگري حاصل ڪري آئي هئي ۽ پڙهيل هئي.

خدا کي ميڻ يا نبي ڏي نيت هجڻ ڪو عيب ڪونهي، انهي سان پڪ نٿي ٿئي تہ مارئي مسلمان هئي.

وري مارئي کي هندو ظاهر ڪندي ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي عمر کي پاڪدامنائي جي ثابتي هندو ڌرم جي رسم مطابق ڏيندي، هندو ظاهر ڪندي لکي ٿو تہ،

"آئون قسم ڪٽي ٿو چوان تہ مون ڪا بہ خيانت ڪانہ ڪئي آهي. انهي ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ هندو ڌرم جي ڪھڙي بہ پرکشا لاءِ تيار آهيان."(١٩)

متين حقيقت ۾ مارئي کي هندو ناهو ويو آهي، ڇاڪاڻ جو عمر بادشاهہ وچان لنگهي ٿو ۽ هندو ڌرم جي ثابتي ڏي ٿو، پر اِها حقيقت مارئي کي هندو ناهي نٿي سگهي. مگر هاڻي شاهہ عنات جي رسالي ۽ خليفي صاحب جي رسالي کان سواءِ ٻين ڳاڻن شاعرن جي بيتن ۾ ڏنل اهڃاڻن جي روشني ۾ ريتن رسمن، گذرمعاش ۽ اوڍ ويس جي بنياد تي ڏسون تہ مارئي ڪير هئي. هندو هئي يا مسلمان ۽ پنهور، مارو، راجپوت يا ماڙيچي؟

## مارئي ڪير هئي ۽ سندس گذرمعاش ڪهڙو هو؟

ماڙيچا ۽ مينگهواڙ هڪڙي قوم آهن، سندن گذر معاش هڪجهڙو آهي. اڄ بہ جيڪڏهن ٿر جو ڪو مينگهواڙ اتر سنڌ ڏانهن ويندو تہ اتي ان کي مينگهواڙ جي بدران ماڙيچو سڏيندا. مينگهواڙن کي شروع واري دور ۾ "ستي" چيو ويو ۽ ان کان پوءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ساڏ“. ساڏ کان پوءِ ”رکيو“ ۽ آخر ۾ ”ميگهه“ سڏيو ويو مثال طور-

””ست جگ‘ ۾ ’ستي‘ ڪهجي، ’دوئا جگ‘ ۾ ’ساڏ‘
’تريتا جگ‘ ۾ ’رکيو‘ ’ڪلِ جگ‘ ۾ ’ميگهه‘.“(٢٠)

انهي دوهي کان سواءِ اهڙو هڪ جملو بِئي هنڌ بہ لکيل ڏٺم مثال طور ڪانجي مل چوهاڻ لکي ٿو تہ:

”ڳالهه ڪندا آهن تہ ست جگ ۾ ’ميگهه-رک‘ کي
ستي يعني ٻاٻن کان پري رهندڙ سڏيو ويو.“(٢١)

ان کانپوءِ ڀڳت ڪبير صاحب پنهنجي گروياڻي رويداس جي پورن ڀڳتي ۽ ستيا ڏسي چيو تہ:

’ستي‘ ست مت ڇوڙيئي، ست ڇوڙئي پت جا،
ست کي ٻانڌي لڪشمي، ڦر ملي گي آ.(٢٢)

جيئن مٿي بيان ڪيل مينگهواڙن يا ماڙيچن کي’ستي‘ چيو ويندو هو. لطيف سرڪار هڪ مارئي کي نہ بلڪ سندس مٿن مائيٽن کي بہ ستي چوي ٿو ۽ فرمائي ٿو تہ:

سرتين سنجڻ ڇڏيو، ’ستين‘ ڳالهه سُئي.“

يا

پني جي پوٽن، پيچ پٽڪو نہ سٽان،
سنجڻ واريون ستيون، وچي ويڙهه وٽن،
پيا ست سڙن، تـڙهي ٻنين ڪنڌئين.

ان کان پوءِ شاهه شريف ياڏائي پڻ سيني ماروئڙن کي ’ستي‘ چوي ٿو:

”ستين کي شريف چئي، ڪوڙي لڳي مَ ڪُت“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هاٿي ڏسجي ته انهن ستين جو ڏنڌو ڪهڙو هو؟

## ڏنڌو:

مارواڙن جو گذر معاش گهڻو ڪري مال چارڻ هو، پر ان سان گڏ ٻيا به ڪي ڏنڌا هئا. سندن ڏنڌي جي لحاظ کان پنهنجو ڪلچر جُدا هو. خليفو صاحب فرمائي ٿو ته:

"جنڊ ڳاري ۾ ڳم، ساڳ سلوٽا 'راڇڙين'.
گندم ساڻ غريب جو قاسم ڪونهي ڪم،
داور منهنجو دم، پوتو هٽ پنهوار سان.(٢٣)

مٿين بيت ۾ 'راڇوڙ' لفظ ڪم آيل آهي 'راڇوڙ' ڪاٺ جي هڪ ننڍي پيٽي هوندي آهي، جيڪا صرف مارُيچن ۽ مينگهواڙن جي ئي گهرن ۾ هوندي آهي. جنهن جي مٿان ننڍا ننڍا خانا هوندا آهن، تن ۾ جُتين جي پرت جا اوزار ۽ پشم وغيره رکيل هوندي آهي. ۽ هيٺ ڪاڏي پيٽي کان سواءِ ٻيو سامان پڻ رکيو ويندو آهي. ٻين ذاتين توڙي مسلمانن وٽ اِها پيٽي رکڻ عيب سمجهيو ويندو آهي. انهي مان ظاهر آهي ته مارئي مارُيچي هئي. جو وٽن وٽ اُهي پيٽيون هونديون هيون.

ان ڪانسواءِ هنن جو خاص ڏنڌو ڪلن ۽ چمڙي جو آهي. ڪلن کي صاف ڪرڻ وقت ڪل جي اندرين پاسي چهٽل گوشت کي پاڪين سان لاٿو ويندو آهي، تنهن کي ڪوس چئبو آهي. ڪوس کي لاهڻ وقت اڳي مسڪين مارُيچا ٻيا سڀ ڪپڙا لاهي چيله تي ڪٽي جي لنگوٽي جيڪي مٿان چم جو ڪشو ٻڌندا هئا (اڳي ڪٽا پائيندا هئا، جيئن ته ڪٽن کي سولائي سان ڳنڍ ڪا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ويڙهه‌ڪي وٽراهه، ڏرت پڳي ڏيهه تان،
پڪا پيرون پٽ جا، سرتين آيا ساءِ،
چوندين ماڻ ڪتين ڪاڻ، جيڏيون جا بجاءِ.
۽ دنڌي جو ذڪر ڪندي فرمائي ٿو ته:
"ڪي آٽين ڪي چاڙهين، ڪي واٽين ڪتن،
قوت ڪڪائون سومرا، ٻاتائون پٽن.
مارئي خود به انهي ڪم ۾ حصو وٺندي هئي ۽ مسڪين مائٽن
جي مدد ڪندي هئي. لطيف سائين فرمائي ٿو ته،
"سبي سيبا ڏي، پوري نينهن نه ڪچوئي،
ڪتي وتيون ڪتيون، ستي سيئي سي،
مچڻ چونم ڪي، ته لڄايئي تر جائيون."
۽ صوفي صديق فقير صادق فرمائي ٿو ته:
"لوئي لينگ ڪنجري، ٿي سبي سيبا ڏي،
ڪتي وتيون، ڪتيون ستي سيڙي سي،
مچڻ چونم ڪي، لڄايئي تر جائيون."
مطلب ته مارئي جو ڏنڊو وغيره ماڙيچن وارو ئي هو. انهي مان
صاف ظاهر آهي ته هو ماڙيچي هئي.

## ريتيون رسمون:

گذر معاش ڪان پوءِ ريتن رسمن ڏانهن ڏسبو ته اُهي مارئي ڪي
ڪهڙي پاسي ولي ويحن ٿيون. جيئن مٿي ذڪر ڪيل ڪتا ۽
لوئيون ناهڻ ماڙيچن جو ئي ڌنڌو هو. ۽ اڄ به آهي مگر جيڪا
هڪ شادي جي رسم آهي، سا به هڪ عجيب رسم آهي. جيئن ته



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڙيچن ۾ غريب هجي يا هوند وارو پنهنجي ڌي جي شادي مهل ڏاج ۾ ڪٽا ۽ ڪرڙ وغيره ضرور ٻـ ضرور ڏيندو. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن ڪٽا وغيره نـ ڏنا ۽ پيو پلي لڪ لتائي ڌي تـ بـ اُهو ڏاج نـ ڇنبو. جيڪڏهن ڪنهن مسڪين وٽ ڪٽا ۽ ڪمبل وغيره نـ هوندا تـ هونالي ماتر ڳٽائيندو ليڪن ڏيندو ضرور. انهي سڄي رسم کي شاھ عنات هِن طرح بيان ڪري ٿو:

"سونهن ڪرڙ خاص، وهين ويڙيچن جا،
اُن انهي ڏيه ۾ ڏيج جين جو ڏاس،
پٽولي نـ پاڙيان، لوئي جي لباس،
الا پڄي آس، اُڪندين عنات چئي."

ان کان سواءِ جڏهن ڌي جي شادي ٿيندي آهي ۽ چونري جو وقت ايندو آهي. تڏهن چورس اٺن ڏهن ڦٽن تي چار (ڪهڙ) جون چڙيون ڪوڙيون ويندون آهن ۽ چار چار جون ننڍيون ڪليون ٺاهي ڪوڙي ۽ ان جي چؤطرف گُرڙو ڪچو پيلو ڌاڳو ٻڌي ڦيرا ڏيندو آهي. هي رواج صرف مينگهواڙن ۽ ماڙيچن ۽ ٺورو گهٽو دراوڙي قبيلن ۾ آهي. ۽ چونري ۾ نينگري کي چار ڦيرا ڪارايا ويندا آهن. چئن ڦيرن جو ذڪر مارواڙ جي مشهور لوڪ داستان "هُلامٽو جينوئو ۽ سونل ٻائي" جي ڳالهه ۾ پڻ آهي. سونل ڦيرا ڪائيندي چوي ٿي تـ:

"چونٽري سب سوني روپي ري، چونٽري 'ڦيرا چار
چونٽري ڦرتي ٻرڪيو، تو بوڊو بالم آپ."(٢۴)

ليڪن ٻين هندن ۾ چونٽري جا ست ڦيرا ٿيندا آهن. ۽ اهڙن ستن ڦيرن کي اُچي طبقي جا هندو 'پت ٻڌي زال' چوندا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي ذڪر ڪيل مارئيچن ۾ جڏهن گهوٽ ڪنوار کي پنهنجي گهر وٺي ويندو آهي، تڏهن اُهي چار جون چار ئي ڪليون ۽ ڏاڳا ڏاج سان گڏ گهوٽ جي حوالي ڪندا آهن. ۽ پوءِ اُهي ڪانئيون ۽ ڪليون ويڙهي سيڙهي گهوٽ وارا پنهنجي وس آهر سنڀالي رکندا آهن. حضرت سچل سرمست ان ڏس ۾ صحيح چوي ٿو ته:

هت ڏين مارو ڏاج ۾، ڄاٽي چارڙيون،
پيون آهن سڀ کي اُهي ويڙهيون وارڙيون.(٢٥)

ان کان سواءِ جڏهن نينگري جي شادي ٿيندي، تڏهن گهوٽ پنهنجي گهران ڄڃ سان گڏ ڪنوار لاءِ چوڙو وٺي ايندو آهي، تنهن کي ’سهاڳ چوڙو‘ چوندا آهن. مينگهواڙن ۾ اڄ ڏينهن تائين چوڙو نه ڪنواريون پائينديون آهن نه ئي وڌوا. چوڙو صرف سهاڳڻ يعني پرڻيل عورت ئي پائيندي آهي. اِها اڄ به مينگهواڙن جي خاص ريت آهي. ڀٽ ڌڻي ان ڏس ۾ فرمائي ٿو ته،

”جن ڪراين ڪچ جا، ور ساهيڙيون سي،
اُت اڪنديون آهيان، منهن مارو جي،
پکن سين نه پاڙيان، هنڌ هتي جا هي،
اهل اباڻن کي، مري شال ملهائيان.“

سهاڳڻ جو اِهو چوڙو پائڻ، ماروئڙن جو مرڪ آهي. ليڪن بيوه ٿيڻ کان پوءِ سنت ئي اِهي چوڙا ڀيحي ڇڏبا آهن. مينگهواڙن يا مارئيچن ۾ وڌوا کي ڪڏهن به چوڙو پاتل نه هوندو آهي. سرڪار ڀٽ ڌڻي فرمائي ٿو ته:

”ڪراين ڪروڙ جا، چوڙا ڪوڙا جن،
سو مرڪ مارئڙن، جيئان لوڪ لڄ ٿئي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن ڪنهن جو مڙس گذاري ويجي ٿو، تڏهن اُها عورت چوڙا پيجي ڇڏي ٿي ۽ پيجڻ کان پوءِ هوءَ ايستائين اڇا ڪپڙا اوڍيندي آهي، جيستائين ان جا مائٽ اچن ۽ ”اڇا لهرائين“ مسڪين ماروئڙن ۾ ايئن شوق خاطر اڇا ڪرڻ يا ڇُني اوڍڻ وڏو عيب سمجهيو ويندو آهي. ”مهٽي طور چوندا آهن تہ ”تنهنجا تہ سب جيئرا وينا آهن، اڇا ڇو اوڍيا اٿئي“ انهي سڄي رسم کي سرڪار يٽ ڏٺي هيئن ڳائي ٿو:

”عمر اڇا ڪپڙا ، ڪاٿياريون ڪيئن ڪن،
جني جا ٿرن ۾ ورتا ويڻ سهن،
هو جي حق پيجن، سي ڪيئن سنيون سومرا.“

اِهي سڄيون ماڙيچن جون ريتيون رسمون يٽ ڏٺي ڳايون آهن، جيڪي ثابت ٿيون ڪن تہ مارئي ’ماڙيچي‘ هئي.

## ويس ۽ پوشاڪ:

جيڪڏهن ويس تي مضمون لکبو تہ تمام وڏو ٿي پوندو، ليڪن جن بہ ٻن ٽن پوشاڪن جو ذڪر شاه سائين توڙي ٻين شاعرن ڪيو آهي، تنهن جون مختصر بيان هيٺ ڪجي ٿو.

جيئن تہ ماڙيچن ۾ ننڍيون توڙي وڏيون عورتون اڳي لوئيون اوڍينديون هُيون. اڄ کان ١٨-٢٠ سال پهرين مونکي بہ ٿورو گهڻو ياد آهي تہ عورتون اُن جو، سهٽيون لوئيون ناهي يا نهرائي ڳاڙهي رنگ سان رڱي اوڍينديون هيون، تن کي ’ريٽا‘ بہ چيو ويندو هو. اڄ بہ ڪيترن ئي ٿري مينگهواڙن وٽ ٿي سگهي ٿو تہ هجن. هِن وقت سڌريل دور جي ڪري پوشاڪ ۾ گهڻي ڦاڳي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تبديلي اچي وئي آهي. لوئي جو ذڪر هر ڪنهن وڏي شاعر ڪيو آهي. ليڪن هتي نموني طور هڪ شاه جو بيت پيش ڪجي ٿو:

"پسا نہ پهريان سومرا، جان ڪي تان جيان،
آئون ڪيئن لوئي لاهيان، ڪارڻ ڀن ڏيهان،
جا سين ٿي جيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو."

مٿي تي 'ريٽو' يا لوئي اوڍڻ مينگهواڙن جو خاص ويس هو. جڏهن تہ ٻيون عورتون پڻ مٿي تي لوئي ۽ بدن تي 'ڪنجريون' پائينديون هيون. ماڙيچن ۾ ڪنجري پهرڻ جو خاص رواج آهي. ڪنجريون صرف پرڻيل ۽ وڏوا عورتون پائينديون آهن. ليڪن ڪنواري ڪين پائي. ڪنجري اڄ بہ عام خاص مينگهواڙن توڙي ماڙيچن ۾ پاتي وڃي ٿي. ان جو ذڪر پڻ لطيف سائين هِن طرح ڪيو آهي:

"سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام،
اباڻن جي آسري، ڪتي ڪانہ ڪيام،
جا ڏيٺ ڏکيام، تنهن جو پرورپن رهائين."

آخري هيٺيون ويس گهاگهرو آهي، جنهن کي سنڌي ۾ 'پڙو' بہ ڪوٺيو وڃي ٿو. مينگهواڙن ۽ ماڙيچن کان سواءِ ٻيون بہ ڪي هندو ۽ سماٽ ذاتيون پڙا پائين ٿيون، ليڪن اوڍ ويس جي سلسلي ۾ هي بہ هڪ ويس جو نمونو آهي. پڙي کي ٻين بہ شاعرن ڳايو آهي. مثال طور شيرمحمد چڪندو فرمائي ٿو تہ:

"سُنا لٽا سومريون، پائن وڃي پاڻ،
'پڙو' پايون جو جوڙي جو، اسان ئي اڻجاڻ،
ڪانهي اسان کي ڪاڻ، سٺن لٽن جي سومرا."(٢٦)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاجي حقير چوي ٿو تہ،

پشگير پري ڪر، اٺم پسند پڙا،
چانديون ۽ چادريون، ڪنجرا لاک رتا،
ڪنديئي خير خدا، مون کي اُماڻ ملڪ ڏي.(٢٧)

عورتن جي پوشاڪ کان پوءِ مردن جي پوشاڪ جو ذڪر ڪبو، آءٌ صرف هڪ پٽڪي جو ذڪر ڪريان ٿو، جيڪو مينگهواڙن جو اصلي ويس آهي. ڪو زمانو هو، جڏهن هي سيئي ڳاڙها پٽڪا ٻڌندا هئا، ٿر ۾ اڪثر ڪري، مينگهواڙن ۾ اڄ بہ ڳاڙها پٽڪا ٻَڌا وڃن ٿا، مگر وقت جي تقاضا سبب گهٽي تبديلي اچي وئي آهي، پر پوءِ بہ شادي جي موقعي تي هرويرو ڳاڙهو پٽڪو ٻڌو ويندو آهي ۽ پوءِ بہ ڪي مهينا رهندو آهي. هي ريت مينهگواڙن ۽ ماڙيچن کان سواءِ ٻي ڪنهن بہ هندو قوم وٽ ناهي، جي آهي تہ بہ نالي ماتر. پٽڪي کي ياد ڪندي شاھ شريف ياڏائي فرمائي ٿو تہ:

”لما ڳن ڪهاڙئين، لاکيونـ لويون ڄن،
منجهاڻ ميحر رتيون، پاڳون پنهوارن،
تون ڪيئن سندا تن، آٿيو قيد ڪبوتر پائين.“(٢٨)

مٿي ذڪر ڪيل ريتن رسمن ويس وپوشاڪ ۽ گذرمعاش جي لحاظ کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ مارئي ماڙيچي هئي ۽ هندو ڌرم جي هئي.

## مارئي ماڙيچي هئي:

مارئي جي آڳاٽن شاعرن کان پوءِ هن وقت مون کي صرف هڪ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ئي اهڙو جملو ڏسڻ ۾ آيو آهي، جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ مارئي
ماڙيچي هئي. ان ڏس ۾ ۾ سڀ کان پهرين محترمہ مهرپروين لکي
ٿي تہ:

"مارئي ذات جي ماڙيچي هئي. سندس وطن ملير يعني 'موهر' هو
جنهن کي هِن وقت مهراڻو سڏيو وڃي ٿو. هن کي جڏهن جو
حاڪم عمر سومرو کڻي ويو تہ هِن اُن کي ٺُڪرائي ڇڏيو. آخر
حاڪمَ مجبور ٿي هِن کي آزاد ڪري ڇڏيو."(٢٩)

مٿي ذڪر ڪيل حوالو سؤ سيڪڙو صحيح آهي. اُن ڏس ۾
ڏسون تہ ٻين اڳاتن شاعرن کان وٺي هن وقت تائين جي شاعرن
جا ڪهڙا رايا آهن. سڀ کان پهرين شاهہ عنات جو هي بيت
جيڪو اڳ ۾ پڻ اچي چڪو آهي.

"ست سيهويون سائرا، ڏڏر ڪاڪارو،
سوڍرو ۽ سڌرو، ڏنيي ڏڪا ڏارو،
مُنهن 'ماڙيچو' منڙو سکيو سمرو ڪانر ۽ ڪارو. "

سرڪار يٽ ڏٺي جو هي جڳ مشهور بيت:

سرتين سنجڻ ڇڏيو، ستين ڳالهہ سُئي،
'ماڙيچي' ماڙين ۾ ڪڏهن ڪا نہ هئي،
عمر آن نہ مٺي، ان اوٻاليان اڳهين."

خليفو نبي بخش صاحب فرمائي ٿو تہ:

مون سر 'ماڙيچن' جا ٿورا نہ ٿورا،
آئون ڪيئن ڪيان ڪنن مان، ڏاڏاڻا ڏورا،
سانيي سڏورا، منڌ روئيندي ميڙيا.

يا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يتين يتين پال، مون سر ’ماڙيچن‘ جا،
کوه کريان کونين کي، مون نہ گهرجي مال،
وينـي گُهران وصال، من ۾ مارو چام جو.“

صوفي صديق فقير صادق پڻ فرمائي ٿو تہ:

چُٽن چٽڪن چت ۾، ’ماڙيچا‘ مون من،
هڪڙو ڏک ڏوٿين جو، ٻي ندي کي نيرن،
سانگين لاءِ صادق چئي، اکيون رَت روئن،
ماڙي مان پنهوارن، شل قيد بندياڻي ڪام ٿئي.

شاه شريف ڀاڏائي پڻ چوي ٿو تہ:

”آئي آڏ اڏيائون، وينگس ولهارن ۾،
مارن ويندي جيڏئين، هيرا ڏيئي آئون،
سهسين سيڪائون، مون من ’ماڙيچن‘ سان.

تيرهيو فقير بہ چوي ٿو تہ:

چوندين وڏي چاه سان، سائون سگَر ڳم،
ماري ٿو مرم، مون کي ’ماڙيچن‘ جو.(٣٠)

▲

کيرو کيڙن کي، جي رهن پکي پانڌ،
هيڪر ٿئي هيڪانڌ، منهنجي ’ماڙيچن‘ سان.

▲

”لٿا نير نار کي ’ماڙيچيون‘ مرڪن.“

ماڙيچن کي ياد ڪندي غلام محمد خانزئي پڻ چوي ٿو تہ:

هُو هندورا ماڙيون محل نہ ’ماڙيچن‘
مون کان ماروئڙن، پري پکا کوڙيا.(٣١)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▲

توبہ تنهنجي ڪوٽ کان، توبہ تنهنجو طعام،
سوا سانگين سومرا، قاتم ٿي قيام،
مون تان لاھ ملام، ملان 'ماڙيچن' کي.

ان کان پوءِ وادي سنڌ جو مشهور شاعر منٺار فقير راڄڙ فرمائي ٿو:

١-"اوٺي شل کي اچن، خبرون کن 'ماڙيچن' جون مون وٽ."

٢-ساريان روز صبح موليٰ، ڳڻ 'ماڙيچن' جون ڳالهيون، مون سان ڪيون جي تن مارئين

شاھ محمد ديدڙ پڻ انهي ڏس ۾ چوي ٿو تہ:

"عمر اسبابن تي، مان هرگز نہ هرڪان،
آئون 'ماڙيچي' ماڙ جي، ڪيئن ماڙين ۾ مرڪان."(٣٢)

صاحب ڏنو شاھ پڻ ايئن چوي ٿو تہ:

"ماڙيچن لئي ماندو، هي ماڙين ۾ من،
وساريان نہ وسرن، مون پائر پنهوار."

حاجي حقير بہ تصديق ڪري ٿو تہ:

"مهندان چيو مارئي عمر ڇام ادا،
ڪر نہ اهڙيون ڳالهيون حاڪم ڪر حيا،
'ماڙيچي' پنهنجي ورسين، ڪندي ڪين دغا،
شايد تنهنجي شهر ۾ آهي ريت اِها."(٣٣)

مل محمدود پڻ چوي ٿو تہ:

"ڪريان جي يقينؤن، سڀاجهي سوال،
'ماڙيچن' سين منهنجي، پري پت شال،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متي 'مل محمود' ڪري مهر پال."

حاجي عبدالله ڊکڻ بہ فرمائي ٿو تہ:

ٺوٺي ٺاهر، هنجون هاريان،
'ماڙيچن' سين ڳڌ جي ڳهاريان،
ڇيلا ڇيڪ تہ ڇوڙيو ڇاريان،
جهنگ جهر گهمندي ٿيان شادان،
منهنجو مارن سان گذران."(٣٤)

ايڏن وڏن شاعرن جي تصديق کان پوءِ بہ اسان مارئي کي پنهور، مارو، راجپوت يا رباري ڪري ڪوٺيون، اِها نہ صرف هڪ مسڪين مارئي ۽ 'ماڙيچن' سان بي انصافي آهي، پر سرڪار پٽ ڌڻي، ٻين شاعرن، پنهنجي تاريخ ۽ سانگيئڙن سان پڻ بي انصافي آهي، جن جي تحقيق کي رد ڪري پنهنجا خيال ظاهر ڪريون ۽ ويچاري مارئي کي در در روليون.

## "حوالا"


(١) ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ-"شاه جو رسالو" ڇاپو پهريون سال ١٩٧٤ع صفحو ٥٦٤ پٽ شاه ثقافتي مرڪز حيدرآباد.

(٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "شاه عنات جو رسالو" ڇاپو پهريون سال ١٩٦٣ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(٣) ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ - بروايت عبدالله خان کيري - "عمرمارئي" لوڪ ادب جو ڪتاب نمبر ٣٧ سال ١٩٨٣ع صفحو٧- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(٤)رائچندهريجن"تاريخ ريگستان- حصو پهريون ڇاپو پهريون




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحو ٧٩-سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(٥) ڪڇي ٻولي جو هڪ مشهور دوهو آهي. هِن سان مشابهت رکندڙ لاکي جي جنم سان لاڳو هڪ ٻيو بہ دوهو آهي.

(٦) مگٿهارن توڙي سگهڙن وٽ هي عام دوهو آهي. سندس مڙڏرديس (مهرائي) ڪي چيو ويندو آهي. هي دوهو ڪن ڪتابن ۾ پڻ اچي چڪو آهي.

(٧) غلام محمد لاکو- بروايت الهورايو مهر- مقالو 'عمرڪوٽ-چند تاريخي مسئلا'، 'تماهي مهراڻ' سال ٢/ ١٩٨٦ع صفحو ١٠١ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(٨) مرزا قليچ بيگ 'شاه جو رسالو' سال ١٩١٣ع صفحو ٥١۴-صابر مصطفيٰ عبدالجبار پاڪ پريس حيدرآباد.

(٩) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ-'شاه عنات جو رسالو' سال ١٩٨٣ع صفحو ٦٧ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(١٠) سيد طاهر محمود نسياني ٺٽوي-مترجم نياز همايوني- سال ١٩٨٨ع تصنيف ١٦٢١ ڇاپو ٻيو صفحو ٣٩، ۴٠، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(١١) مير علي شير قانع- مترجم مخدوم اميراحمد "تحفةالڪرام" سال ١٩٥٧ع ڇاپو ٻيو صفحو ١٠٠- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(١٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ -"معين شاه عنايت جو رسالو" سال ١٩٦٣ع ڇاپو ٻيو صفحو ٦١سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.

(١٣) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "شاه شريف پاڏائي جو رسالو" ضميمو-ميان فتح محمد صاحب جو ڪلام-سال ١٩٨٢ع ڇاپو ٻيو صفحو ١٩٩ع اداره-سنڌ شناسي-انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(١٤) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- شاه عنات جو رسالو-سال ١٩٦٣ع چاپو پهريون صفحو ٥٩-سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
(١٥)ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ - شاهه جو رسالو-سال ١٩٧٤ع صفحو ٥٤٩.
(١٦) محمد عثمان ڏيپلائي-شاهه جو رسالو پاڪيٽ سائيز-سال ١٩٦٣ع چاپو پهريون صفحو ٥٥٧ع شيخ غلام علي اينڊ سنز حيدرآباد.
(١٧) سيد قادن شاه رضوي "تمر فقير جو ڪلام" سال ١٩٧٠ع چاپو پهريون صفحو ١٠٥ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
(١٨)مقبول احمد پٽي- ڪليات مصري شاه-سال ١٩٦١ع چاپو پهريون صفحو ٢١٧ مصري شاه ميموريل ڪوآپريٽو ڪائونسل نصرپور.
(١٩) ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ- شاهه شريف ڀاڏائي جو رسالو-سال ١٩٨٢ع چاپو پهريون صفحو ١٧٢- انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.
(٢٠) قاصرجمعاڻي- اوسيڙو، سال ١٩٨٢ع چاپو پهريون صفحو ٣٧-قاصر اڪيڊمي ڪاڻ.
(٢١) جيٺمل پرسرام گلراجاڻي- شاه جون آکاڻيون- ڀاڱو ٻيو-سال ١٩٢٣ع چاپو پهريون پارتواسي پريس حيدرآباد.
(٢٢) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ- عمرمارئي- چاپو ٻيون سال ١٩٨٣ع صفحو ١٠،٩ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
(٢٣) شاهه جو رسالو- ٻمبئي چاپو سال ١٨٨٦ع- مطبع فتح الڪريم ٻمبئي صفحو ٢٧٧.
(٢٤) مرزا قليچ بيگ- شاهه جو رسالو-سال ١٩١٣ع صفحو ٨٠٤- صابر مصطفيٰ عبدالجبار پاڪ پريس حيدرآباد.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٥)هوتچند مولچند گربخشاڻي-"روح رهاڻ" سال ١٩٨٣ع صفحو ٥١,٥٠ ناشر-مڪتبہ اسحاقيہ جهونا مارڪيٽ ڪراچي.
(٢٦) ڪانجي مل چوهاڻ "ميگهہ-رک" سال ١٩٧٧ع ڇاپو پهريون صفحو ٩ لاڙ ادبي سوسائٽي بدين.
(٢٧) شرمان نندلال پريولال نندن "سپنڊ ۽ ساڪيون عرف دوهاولي" سال ١٩٨٢ع صفحو ١٥-خود ڇپائيندڙ.
(٢٨) مارواڙي مشهور لوڪ داستان-هِن داستان جي وچ ۾ ڪيترائي دوها آهن-هي دوهو سونل پنهنجي پوڙهي مڙس کي ڏسي چيو هو.
(٢٩) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "سچل سنيهو" سال ١٩٨٤ع ڇاپو پهريون صفحو ١٠٤-سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
(٣٠) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "هفتا، ڏينهن، راتيون ۽ مهينا" سال ١٩٦١ع ڇاپو پهريون صفحو ٢٧٦ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
(٣١) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ "شاهہ عنات جو رسالو" ڇاپو پهريون سال ١٩٦٣ع صفحو-٥٥-سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
(٣٢) مهرپروين-مقالو-"شاهہ جون سورميون" جي تو بيت پانيا" سال ١٩٧٩ع مرتب خالد ۽ ناشاد-پارڙا پبليڪيشن حيدرآباد.
(٣٣) ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ "شاهہ شريف پاڏائي جو رسالو" سال ١٩٨٢ع ڇاپو پهريون صفحو ٣٦٥- انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.
(٣٤) ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ "غلام محمد خانزئي جو رسالو" سال ١٩٨٥ع ڇاپو پهريون صفحو٣٦٧ شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهہ.
(٣٥) ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ "تيهہ اکريون جلد پهريون" سال ١٩٦٠ع ڇاپو پهريون صفحو ٣٥١ سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر مارئي جو علامتي اڀياس

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سُر مارئي جو علامتي اڀياس

ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو

هن ڪهاڻي جا سڀ ڪردار علامتي نوعيت جا آهن، جنهن ۾ لطيف سائينءَ الاهي اسرار جا نوان نڪتا نروار ڪيا آهن. سر مارئيءَ جي تمثيل بابت، پنهنجي راءِ کان اڳ جهونن عالمن جي راءِ ازحد ضروري آهي.انهي باري ۾ محترم غلام محمد شاهواڻي جو رايو آهي ته هن سُر ۾ شاهه هڪ وڏي تمثيل رٿي آهي. مارئي کي روح سان، عمر کي نفس سان، ملير کي وحدانيت جي وادي سان، عمر ڪوٽ کي هن دورنگي دنيا سان مشابهت ڏني آهي. شاهه، سالڪ کي روحن جي اصليت ۽ انجام جو سارو قصو سڻايو آهي. جيئن مارئي ملير لاءِ بيقرار هئي، تيئن روح وري عالم ارواح ڏانهن تانگهي ۽ تاڻي ٿو. حقيقت ۾ هي سارو سُر "ڪُل شيءُ يرجع اِلي اصلة" (سيڪا شيءِ پنهنجي اصل ڏانهن موٽي ٿي) جو تفسير آهي." (١)

مرزا قليچ بيگ جو انهي سلسلي ۾ خيال آهي ته: "مارئي مان حقيقت جي مراد آهي؛ الله جو سچو عاشق. عمر مان مطلب آهي؛ هن جهان ۾ ظالم ۽ زبردست ماڻهو. عمر ڪوٽ آهي؛ هي جهان، جو ايمان وارن لاءِ بنديخانو آهي. ملير آهي؛ اصلوڪو وطن يا پيو جهان. ڀهراڙي جا تماشا، جهڙوڪ گاهه گلزاريون وغيره آهن؛



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخرت جا مزا ۽ سک، زيور ۽ پوشاڪون چٽبيون آهن؛ هن جهان جي اجائي ڏيک ۽ ۽ سينگار کي، جي ڪنهن بہ ڪم جا نہ آهن.“ (٢)

ڪتاب ”شاھ جو پيغام“ ۾ حافظ محمد احسن چنا لکي ٿو تہ ”مارئي مان مراد هرڪو انسان، مارو، محبوب حقيقي، ملير اصل وطن.“ (احسن پبليڪيشن دادو ـ ١٩٧٠ع ص ـ ٢٣)

شري ڪلياڻ آڏواڻي ”شاھ جو رسالو“ ص ـ ٢٥٤ تي لکي ٿو: تہ هن سُر ۾ ملير سان مراد آهي، انسان جواصلوڪو وطن يعني عرش، روح اتي پاڪ هئا، پر دنيا ۾ اچڻ سان، حرص ۽ هوس جي قيد ۾ قابو ٿيا. عمر مان مراد آهي؛ ڪميٽو نفس يامن، جوهر وقت انسان کي بد راھ ڏانهن پيو آتاري ۽ گهلي، ڏٺي جا عاشق انجي دام ۾ هرگز نٿا اچن.“

پروفيسر نارائڻ داس ڀمڀاڻي انهي سلسلي ۾ ڪي قدر مختلف رايا ڏنا آهن. هو لکي ٿو:

”مارئي جي سيرت کي جوڪن شاھ جو اپياس ڪندڙن تمثيلي رنگ ڏنو آهي، تنهن سان مان شامل راءِ نہ آهيان.“ اڳتي هلي لکي ٿو: ”شاھ کي شاعراڻي دل هئي، شاعراڻو دماغ هو. هو سمجهي سگهيو ٿي تہ ڪهڙو مضمون شعر ۾ قلمبند ٿيڻ جي قابل آهي. سر مارئي ۾، شاھ فطرتي شاعر، محب وطن ۽ پنگتي تاريخ نويس نظراچي ٿو.“ پنهنجي بيان جي پختگي لاءِ وڌيڪ لکي ٿو: ”سُر مارئي جي پارنهن ئي داستانن ۾ ڪوبہ اهڙو بيت يا وائي درج ڪيل ڪونہ آهي، جنهن جي آڌار تي چئي سگهي تہ هن آڪاڻي ۾ شاھ ڪا تمثيل رکي آهي.“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرفيسر يمياڻي جي راءِ ڪافي وزندار ۽ فني نڪتي نگاهه کان بہ درست آهي، ڇو جو تمثيل شاعري جو هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن جي ذريعي شاعر اڻ ڏٺل ۽ اڻ پڌل شين جو سير ڪرائي ٿو. پنهنجي تجربي جي بنياد تي غير محسوساتي حقيقتن کي ظاهر ڪري ٿو. انهي سلسلي ۾ رچرڊس (Richards) لکي ٿو تہ: تمثيل حسي تجربي (Sehsual Experience) جو هڪ اهم وسيلو آهي.“ (سنڌي ٻولي جو سماجي ڪارج ص_ ٣٢٩)

پروفيسر يمياڻي سُر مارئي کي تمثيل تسليم نہ ڪرڻ جي جواز ۾ لکي ٿو: ”هن تمثيل جي قبول ڪرڻ ۾ هڪ ٻيو بہ مونجهارو آهي. ڪائنات جي اتهاس پٽاندڙ عالم ارواح مان روحن کي ڌڻي تعاليٰ پنهنجي مرضي موجب بهشت عدن ۾ آندو. خاڪي لباس خواه جسماني جامي ۾، روحن کي عالم ارواح مان سڌ وهن دنيا ۾ ڪونہ موڪليو ويو. تنهنجو مطلب تہ جيڪڏهن عالم ارواح آهي ملير، تہ عمر جو ڪوٽ ٿيڻ گهرجي بهشت عدن، ليڪن ائين بہ ٿي نٿو سگهي. عمر جي ڪوٽ ۾ مارئي قيدي مثل هئي، پر بهشت عدن ۾ آدم کي هرڪا آزادي مليل هئي. ڇيو ويجي ٿو تہ جڏهن آدم بهشت عدن ۾ آيو، تڏهن سندس سٽر مان حوا پيدا ٿي ۽ اتي شيطان اچي کانئس خطا ڪرائي. تنهن ڪري خدا مٿن غصي ٿي، کين ’اهبطو‘(هيٺ لهو) جو حڪم ڪيو. پوءِ آدم ۽ حوا اچي فرش تي ڪريا. هاڻي جي کٽي ڇنجي تہ شاهه پنهنجي تمثيل ۾ بهشت عدن جو بيان نہ ڪيو آهي. (جيتوڻيڪ سُر مارئي ۾ جيڪڏهن پوري تمثيل رکٽي هيس تہ ان جو ذڪر ڪرڻ گهربو هوس) تہ سوال ٿو اٿي تہ آدم ۽ حوا تہ شيطان جي چار ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڦاٿا، جنهن ڪري عرش تان هيٺ لهڻو پيو، ليڪن مسڪين مارئي ڪهڙو گناه ڪيو هو، جو عمر ڪيس قيد ۾ وٺي ويو. مارئي تہ معصوم ڳوٺاڻي ڇوڪري هئي، جا پنهنجي ست تي قائم رهي."

پروفيسر انهي سلسلي ۾ پنهنجو رايو هن ڏانئيندي لکي ٿو تہ: "مان هن رايي جو آهيان تہ مارئي تي تمثيل مڙهيل آهي، سا سراسر اجائي، اڻ پوري ۽ دوردراز آهي، نہ مارئي روح آهي، نہ عمر نفس آهي، نہ عمرڪوٽ دنيا آهي، نہ آدمي جو جسم عمر جو قيد. منهنجي خيال ۾ ايئن ٿو اچي تہ مارئي واري تمثيل تي زور ڏيڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ جو نہ اها دل سان ٿي لڳي ۽ نہ اها مارئي جي سيرت کي وڏيڪ وٹندڙ بڻائي ٿي." (٣)

مان پروفيسر پمياڻي جي راءِ سان انهي ڪري متفق آهيان، جو هن جيڪي دليل ۽ ڳالهيون مارئي جي تمثيل کي رد ڪرڻ لاءِ ڏنيون آهن، سي سڀ عقل ۽ فهم تسليم ڪري ٿو. هونءَ بہ "تمثيل ٻن مختلف شين يا واقعن يا موقعن جي مشترڪ وصفن ۽ مقابلي جو ٻيو نالو آهي، جيڪو شخص تمثيل کان ڪم وٺي ٿو، اهو هڪ موقعي جي احوال جي ذريعي سان ڪندو آهي." (٤)

جڏهن ڪنهن شيءِ، مقام ۽ وقت ۾ اختلاف پيدا ٿي پوندو تہ مطلب اهو ٿيندو تہ احوال ۽ حقيقتون بہ مختلف ٿي پيون، اهڙي حالت ۾ ان کي تمثيل نہ ڪوٺبو.

مارئي جي سلسلي ۾ پروفيسر پمياڻي جي هڪ نڪتي کي مان هت واضح ڪرڻ چاهيان ٿو،جيڪو هن لکيو آهي تہ "مسڪين مارئي ڪهڙو گناه ڪيو هو، جو عمر ڪيس قيد ۾ وٺي ويو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارئي هڪ معصوم ڳوٺاڻي ڇوڪري هئي، جا پنهنجي ست تي قائم رهي.“

انهي سلسلي ۾ جيڪو نڪتو لطيف سائين بيان ڪيو آهي، شايد پروفيسر ڀمڀاڻي جو ان ڌانهن خيال ڪونہ ويو ٿو ڏسجي. اهو هي آهي تہ حسب معمول سڀ سهيليون مارئي سميت سج ايرڻ کان اڳ کوهہ تان پاڻي ڀرڻ ويندڙيون هيون، پر واقعي واري ڏينهن، مارئي کي اهڙي تہ ننڊ نهوڙيو هو، جو سرتين سان گڏجي ترڙ تي پهچي ڪونہ سگهي. انهي ٿوري ويسر جي ڪري، کيس عمر جي ڪوٽ ۾ قابو ٿيڻو پيو. لطيف سائين پنهنجي رسالي ۾ اهڙو اشارو ڏنو آهي. چوي ٿو:

آڏي اٿڻ تي، جيلان پاڻي پاتار ۾،
وارو ويسرين کي، ڏينهان ڪونہ ڏي،
مون ڪميڻي کي، مٿان کوهہ کٽي ويا.
(۸-۱۰)

مٿين بيت ۾ لطيف سائين مارئي جي ويسرائپ ۽ گناهہ ڪري کيس 'ڪميڻي' ڪوٺيو آهي، ڇو تہ هر ڪم لاءِ هڪ خاص وقت مقرر آهي. ورنہ ٿوري سستي بہ هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿي. مٿين بيت ۾ 'آڏي اٿڻ'، 'پاڻي'، 'پاتار'، 'ويسرين' 'ڪميڻي' وغيره سڀ علامتون آهن، جيڪي منزل ۽ مقصد جي حاصلات لاءِ اهم مفهوم عطا ڪن ٿيون.

هونءَ بہ هن ڪهاڻي جا سڀ ڪردار حقيقت ۾ ڪن گڻن ۽ وصفن جا نشان آهن، جيڪي وطن سان محبت جو درس ڏيندڙ، آمرن ۽ استحصالي ٽولي خلاف آواز اٿاريندڙ، صوفين ۽ سچن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سالڪن کي روحاني رس پهچائيندڙ ۽ لالچ، تشدد ۽ خوف جي ڪوڙڪي مان آزاد ٿيندڙ انسانن جي ڪهاڻي آهي.

لطيف سائين جو هي سُر وطن جي حب ۽ سماج ۾ اڻ برابري واري حقيقتن خلاف آواز آهي. خود مطلبي، خود پسند ڏاڍ ۽ جبر جي زور تي هٿرادو نااهيل قاعدن ۽ قانونن جي رکوالي ڪندڙ حاڪمن ۽ سندن چاڙتن جي آڪاٽي آهي. اهڙي سماج ۾ آخري ڪلي هٽندڙ کو جوڏو پيدا ڪونه ٿيو ته پوءِ ان سماج جا ڏرتي سان ناتا ٽٽيو پون ٿا.

لطيف سائين پنهنجي سماج جي ضعيف ۽ نازڪ حالت ڏسي، مارئي جو تصور (Concept) ڏنو آهي. لطيف انهي تصور ذريعي اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته سچائي ۽ همت هرويرو سرمائيدارن ۽ حاڪمن جو سرمايو نه آهي. مارئي هڪ عورت آهي. سنڌي سماج ۾ عورت کي هيٺو سمجهيو ويو آهي. غريب عوام کي حاڪم ٽولو به هيٺو سمجهندو آهي. ان ڪري ئي لطيف سائين اسان کي هڪ اهڙو لافاني تصور ڏنو آهي جو، اُهو تصور مارئي جي سيرت ۾ شامل ٿي پيو آهي. لطيف جي مارئي عزم ۽ همت جو پيڪر آهي. سائين ڊاڪٽر عبدالجبار چوائي ”وطن جي ٿڌي مٽي ۾ دفن ٿيڻ لاءِ ڪيڏن پٽي واجهائي! عمر جي هر آچ کي ٿڌي چڏي ٿي. مارن جا سڳڙا سون برابر ٿي سمجهي ۽ عمر جي سون کي سوءِ ٿي جاڻي. ڪاڏو پيتو هر عيش آرام تيج ٿي سمجهي، پنهنجو ڪتو اوڍيندڙ محبوب هر وقت ياد اٿس. عمر جي محل کي ملير جي جهوپڙن جي برابر نه نٿي جاڻي. محل ۾ مرڻ نه نٿي چاهي، ثابت قدمي جو مثال بس اهو هڪ ئي آهي.“ پهرين وچان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوءِ، پوءِ مر پڇنمر ڏينهنڙا.“ (٥)

سچا انسان ڪنهن به لالچ تي لبجن نٿا، پر اُهي ته اهڙين سيني آچن کي تيج برابر سمجهن ٿا. عمر ڏاڍ ۽ جبر جي علامت آهي. ملير سچن انسانن جو مسڪن، جنهن جي ٿڌي مٽيءَ ۾ دفن ٿيڻ کي سچا انسان ترجيح ڏين ٿا. ڪٿا اوڏيندڙ محبوب مان مراد پنهنجا غريب ماڻهو آهن.

ظاهري طور تي هن سُر ۾ وطن سان محبت جو سبق ڏنل آهي. اهڙو مثال ڪنهن ٻي شاعر وٽ مشڪل سان ملندو، جيڪو لطيف سائين پيش ڪيو آهي، جو هڪ سنڌ جي ڳوٺاڻي ڪنواري ڇوڪري، وقت جي جابر حاڪم سان مهاڏو اٽڪائي، اهو ثابت ڪري ڏيکاريو ته عزم ۽ حوصلو ڪنهن جي ميراث ڪانهي.

حقيقت هي آهي ته لطيف سائين لاءِ جهڙو تهڙو پر پنهنجو وطن سڀ کان افضل آهي. گلن، ٻوٽن ۽ گلڪارين سان ڀريل پرديس کان پنهنجو اپرو سپرو ديس، ڪيس وڌيڪ پسند آهي ۽ ان کي سڀ کان وڌيڪ فوقيت ڏي ٿو. اهڙي ريت هي سُر لطيف جي سماج جي ڪهاڻي آهي ۽ ان ۾ ڪم ڪندڙ سڀ ڪردار سچائي تائين پهچڻ جو ذريعو آهن.

طريقت جي لحاظ کان به هي سُر صوفين لاءِ رهنمائي جو سبب آهي، جنهن ۾ روح، خدا ۽ ڪائنات جي باري ۾ گهڻو مواد دستياب ٿئي ٿو.

محترمه ايلسا قاضي مارئي کي بادشاهن جي بادشاهه آڏو وچن ڏيندڙ سچو انسان ڪري پيش ڪيو آهي. ان ڪري هوءَ ڌرتي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هڪ حاڪم عمر جي خواهش آڏو جُهڪي ڪونہ ٿي، پر هوءَ تہ يوم ميثاق کان هڪ جي حڪم جي پيروي ڪرڻ لاءِ پاڻ کي پابند ڄاڻي ٿي. ان ڪري هن عمر جي سيني ترغيبن کي تچ ڪري سمجهيو. هن ڏسي وائسي عمر جي ڪوڙي خوشامد کي ٺڪرائي ڇڏيو ۽ پنهنجو رشتو انهن ماڻهن سان ڳنڍيو، جتان ڪيس ڇني آندو ويو هو. اهڙي ريت هن شعوري طور تي پنهنجي واسطيداري هڪ خدا سان ڳنڍي. سُر مارئي جو شروعاتي بيت انهي علامتي انداز جي بنيادي ڪڙي آهي.

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا مورت ماه،
نڪا سُڌ ثواب جي، نڪو غرض گناه،
لکيائين لطيف چئي،ات ڳچهاندر ڳاه،
اکين ۽ ارواح، اها ساڃاءِ سپرين.(٦)

لطيف سائين جو سچو رسالو خصوصن سنڌي سماج ۽ عمومن ڪائنات جي مسئلن ۽ انهن جي حل جي سماجي تاريخ آهي. هن جو سچو جوهر سُر مارئي ۾ نظر اچي ٿو، جنهن ۾ هڪ مدبر جيان هن پاڻ کي ظاهر ڪيو آهي.

شاه لطيف جي دور ۾ مغلن جو راڄ هو ۽ مغلن طرفان سنڌ تي ايڪيتاليه گورنر راڄ ڪرڻ آيا. لطيف جي پيدائش وقت نواب ابونصرت سنڌ جو گورنر هو. ويه گورنر هن کان اڳ سنڌ ۾ اچي چڪا هئا ۽ ويه ابونصرت کان پوءِ آيا. منطقي نڪتي نگاه کان ڏٺو وڃي تہ لطيف مغلن جي ظلم ۽ زيادتي واري دور جي عروج واري زماني ۾ انهي ڪري پيدا ٿيو تہ جيئن اڳين ۽ پوئين دور جي حاڪمن جي ظلمن ۽ ڇڱاين کي ہڏي ۽ ڏسي، نتيجا اخذ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري. لطيف پنهنجي سماج جو ساکي آهي. چوي ٿو:

آٿين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏهاڙي سومرا،
سٿا ڪيو سيد چئي، سائون سڪائين،
منجهان لنب لطيف چئي، چانڊ ڪيو چاڙهين،
پلاءُ نہ پاڙين، عمر آراڙي سين.
(٧-٤)

لطيف سائين قصو تہ عمر مارئي جو بيان ٿو ڪري، پر اهي ڪردار پنهنجي عوام جي مسئلن کي بيان ڪرڻ ۽ نتيجن کي ظاهر ڪرڻ جو ذريعو آهن.

سماج ۽ مذهب جو بہ شاعر تي وڏو اثر ٿئي ٿو. جيڪڏهن سنجيدگي سان ڏسبو تہ شاعري ۾ مذهب کان وڌيڪ سماجي روايتن جو عمل دخل نظر اچي ٿو. ايران ۾ جيڪا بہ شاعري ڪئي ويئي آهي، تن ۾ مسلمان شاعرن جون خدمتون بہ نمايان آهن. انهن سڀني شاعرن رستم سهراب، شيرين فرهاد، سڪندر، دارا ۽ جمشيد کي بہ ايترو ئي سارهايو آهي، جيترو اسلامي اقدار کي، اهڙي طرح اردو ادب وارن بہ فارسي جي تتبع تي شاعري ڪئي آهي ۽ پنهنجي شاعري ۾ ساڳيا استعارا، تشبيهون، تمثيلون ۽ علامتون ڏنيون اٿن، جن جو مذهب ۽ سماج سان گهاٽو سٻنڌ نظر اچي ٿو.

ڊاڪٽر اعجاز حسين لکي ٿو: "اردو وارا هر ان شيءِ کي اکيون ٻوٽي پنهنجي شعر ۾ جڳهہ ڏئي رهيا هئا، جيڪا فارسي ۾ نمايان درجو حاصل ڪري چڪي هئي. اهڙي ريت توهان انساني بزم کان ٿوري دير لاءِ قطع نظر ڪري، عقيدي جي دنيا ۾ اچو تہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ٿيندو تہ هت بہ ساڳيو ئي عالم آهي، مذهب تہ ڇا، مذهب جي خلاف اعلانيہ اهڙن عقيدن تي شاعري ڪيل آهي جو سراسر اسلام جي منافي آهي. مثلن بت پرستي، رندي، شاهد بازي ۽ اهڙي قسم جي بي شمار خيالن تي شعر چيائون.“ (٧)

شاعري جا مختلف لاڙا رهيا آهن. وقت جو ان ۾ وڏو عمل دخل رهيو آهي. جهڙي طرح اسان جي مشرقي تهذيب ۾ مغربي قدرن جي جهلڪ روز بروز وڌي رهي آهي. انهي لحاظ سان هن دور ۾ موضوع ۽ ان جي اظهار جي سلسلي ۾ مغرب جي رنگ کان بچڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. اهڙي ريت هر دور ۾ حاڪم طبقي جي ڪلچر ۽ تهذيب جو اثر اسان جي تهذيب ۾ شامل ٿيندو رهيو آهي. اردو ادب ۽ سنڌي شاعري پنهنجي دور جي ايراني ادب جو اثر دل کولي قبول ڪيو، پر ڪن شاعرن جهڙوڪ لطيف سائين ڪنهن بہ موقعي تي اهو بار کڻڻ لاءِ تيار نہ ٿيو. باقي هڪ شيءِ جيڪا سيني شاعرن ۾ ساڳي نظر اچي ٿي، اها آهي روايتن سان فن جو رشتو. لطيف سائين اهڙي رشتي کي نہ صرف قبول ڪيو، پر، پنهنجي شاعري ۾ بہ منتقل ڪيو. اهوئي سبب آهي جو سائس هر وقت مولانا رومي جي مثنوي ساڻ هوندي هئي.

ڊاڪٽر اعجاز حسين جن عقيدن جو مٿي ذڪر ڪيو آهي، سي در اصل حالتن مطابق روايتي ۽ فني اصطلاح آهن. جن کي جديد دور ۾ علامت ڪوٺي سگهجي ٿو.

لطيف سائين بنا تفريق جي مذهب ۽ اسلامي قدر سان گڏ پنهنجي سماج مان بہ سماجي علامتون چونڊيون آهن، جيڪو سندس فن ۽ روايتن جي رشتي جو ثبوت آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر مارئي ۾ سنڌي ثقافت ۽ روايت جو عڪس نمايان نظر اچي ٿو. روايتن جي سلسلي جو ٻيو پاسو، روايتن جي باني حضرت انسان (ٻهرين) سان ويجهو ملي ٿو. ان ڪري لطيف سائين جون علامتون ڪائنات ۽ انسان جي وچ ۾ هڪ رشتو آهن. انهي رشتي جي مناسبت سان سُر مارئي ۾ اپٽار ٿيل آهي، جنهن ۾ انسان جي پيدائش کان مرڻ تائين وجود جي بقا ۽ مقصدن جي تڪميل جو فلسفو سمجهايو ۽ سلجهايو ويو آهي. لطيف سائين چوي ٿو:

قسمت قيد قوي، نات ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،
آڻي لکئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريم هي،
پرچي ڪين پنهوار ري، جان جسو ۽ جيءُ،
راجا راضي ٿي، تہ مارن ملي مارئي.
(١ـ٨)

قسمت ۽ تقرير جو مسئلو اڄ تائين اختلاف جو سبب بڻبو آيو آهي. انسان جي پيدائش کان وٺي هن مسئلي جي چند ڇاڻ تي ڪافي بحث مباحثا بہ ٿيندا رهيا آهن، پر هي مسئلو پنهنجي جاءِ تي مسئلو ئي بڻيل آهي.

تقدير ۽ جرم و سزا جي مسئلي تي هن وقت تائين بہ مختلف خيال رکندڙ گروه پيدا ٿيا آهن، جن مان هڪ 'جبريہ' ۽ ٻيو 'قدريہ' مشهور آهن. جبريہ جي خيال مطابق انسان پنهنجي اعمالن جي سلسلي ۾ قدرت آڏو مجبور ۽ بيوس آهي. قدرت طرفان سندس حق ۾ جيڪي بہ فيصلا ٿي چڪا آهن، انهن ۾ ڪنهن بہ قسم جي تبديلي لاءِ انسان جي ڪوشش جو ڪو عمل دخل ڪونهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن تقدير کي ’مبرم‘ يعني اٽل چئبو آهي. هن خيال مطابق ارسطو جي نظرئي ’مورثي جبر‘جي پيرائي ٿئي ٿي، جنهن مطابق جهڙو نظام اعصاب جو تهڙو مزاج ۽ تهڙي صلاحيت ۽ فطرت ماڻهو جي.(٨)

نظرئي قدرت تي يقين رکڻ وارن جو خيال آهي تہ انسان پنهنجي عمل ۽ فعل ۾ آزاد ۽ مختيار ڪل آهي. هن تقديرکي ’معلق‘ يعني شرطيہ (Conditional) چئبو آهي. فرائڊ ان نڪتي کي هيٺين ريت واضح ڪيو آهي. ”جهڙو ماڻهوءَ جو سماجي تجربو ۽ سندس سماجي پس منظر اهڙوئي ان جو مزاج.“ (٩) هن نظرئي کي نفسياتي جبر وارو نظريو چيو ويجي ٿو.

ارسطو جي پيٽ ۾ فرائڊ جو نظريو نفسياتي جبر ڪنهن حد تائين اسلام جي دين فطرت هجڻ جي لحاظ کان قرين قياس معلوم ٿئي ٿو. تقدير ’مبرم‘ مان مراد آهي، دائمي ۽ ابدي فيصلن جو صادر ٿيڻ ۽ ان ۾ نا اميدي يا مايوسي جو عنصر شامل ڪونهي، جو تہ نيڪي ۽ بدي جو اڳواٽ بڌائي چڏڻ اهڙو اشارو آهي، جنهن مطابق انسان پنهنجي عمل لاءِ آزاد ۽ خودمختيار آهي، ’روسو‘ انهي ڳالھ جو حامي هو تہ ”انسان نيڪ ڄائو آهي ۽ اهو سماج ئي آهي جيڪو، هن کي برو ٿو بڻائي.“ (١٠) ۽ انهي ريت روسو ۽ ٻين عالمن خدا ۽ شيطان متعلق يعني بدي ۽ نيڪي جي مسئلي تي ڪافي سوال اٿاريا. هن ڏنو تہ مذهب تہ بدي لاءِ لفظ شيطان جو تصور ڏنو آهي ۽ نيڪي لاءِ خدا، پر جيڪي ماڻهو خدا جو تصور ئي نٿا رکن، انهن آڏو تہ شيطان جو تصور بہ عدم آهي، اهڙا ماڻهو بدي کي سماج جي بڻايل هڪ صورتحال سمجهن ٿا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪن جي خيال مطابق بدي روايتن ۽ ڪلچر جي پئداوار آهي. يعني "اها انسانن جي ناهيل شيءِ آهي ۽ انسانن جي ئي خلاف ڪم ڪري ٿي." (١١)

روسو (Rossue)۽ مينٽي اسڪيو (Mantesquieu) جهڙن عالمن انهن مسئلن کي سلجهائڻ ۾ اقتصاديات کي بنياد بڻايو، هنن جي خيال مطابق فرد جي بگاڙ جو سبب سماج آهي. سماج جو سڌ اروئي فرد جي سڌار جو سبب آهي. هنن نيڪي کي ازلي ۽ بدي کي عارضي ڄاتو.

هنن عقليت (Rationalism)کي اهڙي سڌاري لاءِ ڪار آمد سمجهيو ۽ چيائون ته جيڪا به شيءِ عقل سليم آڏو مناسب نه هجي، سا بُري آهي. اهڙي طرح هنن جو خيال هو ته عقل سليم اهو تسليم نٿو ڪري، ته وڏيري جو پٽ وڏيرو هجي، پير جو پٽ به پيري اختيار ڪري، ڀاريدار هميشه ڀاريدار رهي، ڪڙمي جو پٽ ڪڙمي ۽ ڏکڻ جو پٽ ڏکڻ ئي رهي. ان ڪري هنن چيو ته اهڙو سماج هٽرادو آهي ۽اسان ان کي ڍاهي وجهنداسين. فرانس ۾ هنن ان ڪري ڀهريون ڪم اهو ڪيو، جو جڏهن فرينچ پارليامينٽ ڪم شروع ڪيو، تڏهن ڀهرين قانونن ۾ اهو قانون به پاس ٿيو ته اڄ کان وڏيرپ (Nobility) پنهنجي سڀني لوازمات سان گڏ ختم. (١٢)

اسلام ۾ انهي فلسفي کي تقويٰ جي نظرئي مطابق سلجهايو ويو آهي، جنهن ۾ رنگ ۽ نسل، ذات پات جي تفريق ختم ٿيو وڃي ٿي. هر ماڻهو پنهنجي نصيب جو خود معمار آهي. سندس تقدير جو عمل نيڪي ۽ بدي تي حاوي نه آهي ۽نه ئي دين فطرت جي اها



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تقاضا آهي. تقدير جو سهارو وٺي، چپ چاپ، گمر سمر زندگي بسر ڪرڻ ۽ محنت ۽ ڪوشش کان ڪنارو ڪرڻ رهبانيت آهي ۽ اسلام ڪنهن به صورت ۾ ان کي جائز ڪونه ٿو سمجهي.

لطيف سائين مٿين بيت ۾ به مسلسل ڪوشش ۽ جستجو ڏانهن واضح اشارو ڪيو آهي. هو چوي ٿو ته: "پرچي ڪين پنهوار، ري جان جسو ۽ جيءُ" يعني پرين پرچائڻ يا مقصد جي حاصلات لاءِ قرباني ضرور ڏيڻي آهي. لطيف سائين بيت جي مٿين ٻن سٽن ۾ سوال اٿاري جواب به پاڻ ٿو ڏي.

قرباني سان ئي تقدير ۽ قسمت ۾ ڦيرو اچي ٿو ۽ انهي عمل سان مقصود حاصل ٿئي ٿو ۽ نتيجي ۾ ماڻهو (فرد) ذهني ۽ سماجي طور تي آزاد ٿئي ٿو.

معلوم ٿيو ته اعمالن جو نتيجو، ذهني ارتقا ۽ ماحول تي مدار رکي ٿو. ان لاءِ پاڻ کي بدلڻو پوندو، پنهنجي تصورن ۾ تبديلي ۽ ارادن ۾ مضبوطي پيدا ڪرڻي پوندي.

"پرچي ڪين پهنوار، ري جان جسو ۽ جيءُ" مان مراد آهي ته جيڪي ماڻهو مايوس ۽ خاموش کي تقدير جو نالو ڏيئي، غير عملي ۽ بي حسي جو مظاهرو ڪن ٿا، سي پهنوار کي پرچائي نٿا سگهن. گهر ويٺي گهوٽ ٿيڻ جي ڳالهه ناممڪن ۽ بي وقتي آهي.

ڊاڪٽر تنوير عباسي سنڌي سماج کي مسلسل اذيت ۾ وڪوڙيل ڏسي، ان کي تقدير پسند سڏيو آهي ۽ لطيف سائين جي شاعري تي پڻ ان کي تقدير پسنداڻي Fatalist ماحول جو اثر قبول ڪيو آهي. بهرحال هن انهي مسئلي کي تحقيق طالب به سڏيو آهي.(١٣)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان انهي ڳالهه جو آهيان تہ لطيف سائين جي سچي شاعري جو مجموعي تاثر جدوجهد آهي. هن ڪتي بہ اهڙي ڳالهه ڪونہ آهي، جنهن مان مايوسي جو پهلو نمايان ٿئي.

تقدير جي مسئلي متعلق هيٺيون بيت پڙهندا. هن بيت جي عامي تصور کي چڏي، مجموعي تاثر کي ڏسبو تہ حقيقت سامهون ايندي. لطيف سائين چوي ٿو:

جي امر هنيون اڏ ڪري، سي ڪاغذ لکان ڪيئن؟
واڳون جي وصال سين، تنين چاڙهي چيهن!
رڻان راتو ڏينهن، جيئن ان جي وائي ۾ ورگهتا.
(٢ـ٥)

هن بيت جو مجموعي تاثر فرد جي بيداري، جستجو ۽ انقلابِ زندگي آهي، جنهن ۾ سندس دور جي حاڪمن جي ڏاڍ، ڏمر ۽منافقي کان سماج کي آگاهي ڏني اٿس.

هن بيت ۾ 'امر'، 'ڪاغذ'، 'واڳون' ۽ 'چيهن'سڀ علامتون آهن.

مٿين بيت ۾ لطيف سائين جنهن ڪاغذ ڏانهن اشارو ڪيو آهي، سو عام رواجي ڪاغذ نہ آهي، بلڪ اُها هڪ لکيل عهدنامي (Pact) جي ڳالهه پوله آهي، جيڪا ڏارين حاڪمن، لطيف جي ديس واسين سان امن ۽ خوشحالي جي حوالي سان ڪئي هئي.

لطيف سائين چوي ٿو تہ حاڪم ٽولي کي عهدنامي (Pact) جي ڪابہ پرواهہ ناهي. اهي تہ لکيل عهدنامي جي ڪا حيثيت نہ ڄاڻيندي، هڪ ئي حڪم جي نوڪ سان، ان کي ڦاڙي بہ اڏ ڪري ڦٽو ڪن ٿا ۽ خوشحالي ۽ امن گهرندڙ امن پسند ماڻهن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ڦاهي تي لٽڪايو ڇڏين ٿا. لطيف، اهڙي غاصب ٽولي کان پنهنجي سماج کي خبردار ڪندي چوي ٿو ته: مونکي روئڻ انهيءَ ڳالهه تي ٿو اچي (يعني روئڻو انهي ڳالهه جو آهي) جو انهن منافقن جي ڳالهه ٻوله ۾ ڪو تڪاءُ ۽ يڪسوئي ڪونهي، يعني اُهي واعدي جا پڪا نه آهن.

اهڙا معاهدا غير ملڪي حملي آور وقفي وقفي ۾ وقتي مصلحت تحت مقامي ماڻهن سان ڪندا رهيا، پر سندن ڪوبه واعدو سچو ۽ پڪو ڪونه نڪتو. ڄام فيروز سان ڪيل واعدو به انهي سلسلي جي ڪڙي آهي. جڏهن ڪانئس مطلب ڪڍيائون ته پوءِ ڪيس واٽ کان هٽائڻ لاءِ ساڻس ڪيل عهدنامي جو ڪو احترام ڪونه ڪيائون ۽ مٿس شاهه بيگ ارغون جي مرڻ تي خوشيون ملهائڻ جو الزام مڙهي، حملي جو اعلان ڪيو ويو. (١٤) اهڙي طرح ڄام فيروز جي ڪڇ ڀڄي وڃڻ کان پوءِ سندس حمايتن کي ڦاهي تي لٽڪايو ويو.

ڌاريا هر موقعي تي سنڌين سان دغا ڪندا آيا. ڄام فيروز ۽ ارغونن جي وچ ۾ جيڪو آخري معرڪو چاچڪن ۽ راهمن ڳوٺ وٽ ٿيو هو، تنهن ۾ سنڌي لشڪر ارغونن کان اهڙي خاطري ورتي ته مقابلو گهوڙن کان هيٺ لهي ڪيو ويندو، پر جيئن ئي سنڌين جو لشڪر گهوڙن کان هيٺ لٿو، تيئن ارغونن واعدي جي خلاف ورزي ڪندي، گهوڙن تي سوار مٿن حملو ڪيو. (١٥)

لطيف سائين ڌارين جي اهڙين چالبازين کان واقف هو، تنهن ڪري هنڌ هنڌ پنهنجي سماج کي علامتي انداز ۾ اهڙي آگاهي ڏني



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتس. مٿين بيت ۾ بہ غاصبن جي اهڙي ئي چالبازين جو ذڪر آهي.

لطيف سائين انهي ڪري ئي سيني غريب ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ٿيڻ جي ڪوٺ ڏي ٿو.

ترٿر اندر ٿاڪ، عمر! ماروئڙن جا،
لاٿائون لطيف چئي، مٿان لوئي لاڪ،
عمر ڪريو آڪ، پهريو ٿي پن چران.
(٢-٧)

ماروئڙن مان مراد ڌرتي جا سڀ غريب ماڻهو وٺي سگهجي ٿي. ُتر ٿر ُمعنيٰ ڌرتي جو چپو چپو يعني پوري ڪائنات. عمر هڪ جابر حاڪم ۽ استحصالي ٽولي ڏانهن اشارو آهي، جيڪو جياپي جي سيني ذريعن تي قابض آهي.

لطيف سائين چوي ٿو تہ غريب ماڻهو جيڪي پيٽ جي باھ کي پري نٿا سگهن سي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن، يعني انهن جي گهڻائي آهي. اهي جتي بہ هجن، پر سندن پاڻ ۾ واسطيداري آهي. لطيف سيني غريب ماڻهن کي هڪ احتجاجي پليٽ فارم تي گڏ ڏسڻ جو خواهشمند آهي. انهي ڪري چوي ٿو تہ، انهي پيڙهيل ٽولي، پنهنجن ماڻهن جي پنيرائي ۾، ۽ ظالم حاڪم خلاف پنهنجي لباس ۽ ناھ نوھ واري هلت چلت ۾ تبديلي آڻي ڇڏي آهي. اهڙي ريت ئي آزادي سان ڪاڌ خوراڪ ۽ پيون شيون حاصل ڪري سگهن ٿا.

لطيف سائين کي اهڙا نتيجا حاصل ڪرڻ لاءِ تبدل پسند ماڻهن جي ضروررت آهي، جن جا اصول پختا ۽ عزم اٹل هجن. چوي ٿو تہ:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهسين سيبا ڪنجري، لوئي ليڙ تيام،
اباڻن جي آسري، ڪتي ڪانہ ڪيام،
جا ڍِٽ ڍِڪيام، تن جو پروڙين رهائين.
(٢-٩)

مٿين بيت ۾ 'ڪنجري'، 'لوئي' ۽ 'ڍِٽ' علامتون آهن، جنهن ۾ صرف عمر مارئي جو قصو نہ آهي، پر هڪ اهڙو آئيڊيا آهي، جنهن ۾ هڪ سماج سڌارڪ ۽ اصولن جي پڪي انسان جي ڳالھ آهي. عمر ڪوٽ مان قيد جو تصور اڀري ٿو. ملير بہ هڪ وطن جي علامت آهي. اهو لفظ ملير مان اسرندڙ تصور آهي، منزل يا ماڳ ڏانهن اشارو بہ آهي. لوئي ست ۽ حياءُ جو تصور ڏي ٿي. اهي سڀ علامتون علائقائي (Regional Symbols) آهن.

مقصد تہ ماڻهو پنهنجي پوئلڳن جي اعتماد (لوئي) کي ڇڏائي نٿو. هو سون، روپيي ۽ ٻين قيمتي لالچن تي لبجي نٿو. بلڪ انهن جي هر آڇ کي ٺڏي ڇڏي ٿو ۽ پنهنجن ماڻهن سان ڳانڍاپي کي اهميت ڏي ٿو. هو قيد و بند ۾ بہ پنهنجن سان ڪيل واعدا وساري نٿو.

لطيف سائين جو مقصدي ماڻهو ڪو عام رواجي انسان نہ آهي. هو دلير ۽ سر موڙ فرد آهي ۽ وقت جي جبري حاڪم آڏو پنهنجي وجود جوسماج سان واسطو ڏيکاريندي ڪيہائي ڪونہ ٿو. حب الوطني جو اهوئي ڪائناتي طريقو آهي. حب الوطني جي تہ تائين پهچڻ لاءِ اهو ڏسٽو آهي تہ، فرد پنهنجي شخصي مقصدن کي اجتماعي مقصدن لاءِ قربان ڪيو آهي يا هن پنهنجي زندگي کي ساڳي مهم لاءِ وقف ڪري رکيو آهي، جنهن جي لاءِ هن جي هم



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وطنين پنهنجون زندگيون وقف ڪري ڇڏيون آهن. يا هن گهٽ ۾ گهٽ زبان سان انهي مهم ۾ شريڪ ٿيڻ جو اقرار ڪيو آهي. يا هو وري پنهنجي پاڙيسرين ۽ پنهنجي خاندان جي لاءِ هر قرباني لاءِ آماده رهي ٿو.“ (١٦)

لطيف سائين مٿين بيتن ۾ ڪامل فرد ۽ سماج جي وچ ۾ اهڙي ئي رشتي کي ظاهر ڪيو آهي. اهو جيتوڻيڪ لطيف جو ذاتي معاملو آهي، پر ان جي باوجود بہ دنيا جي ڪنهن بہ قومي رهبر ۽ هيرو (Hero) تي نظر وجهبي تہ اهي سڀ انهن ئي خوبين جا مالڪ نظر ايندا.

لفظ ’مارئي‘ ايثار ڪندڙ انسان جي علامت ۾ ڪم آيو آهي. لطيف سائين جي نظرن ۾ بہ قرباني ڏيندڙ انسان جي وڏي اهميت آهي، انڪري لفظ مارئي لطيف ايترو تہ استعمال هيٺ آندو آهي، جو اهو لفظ پنهنجي علامتي مفهوم سان سڃاتو وڃي ٿو.

ڊبليو ـ بي ييٽس جي نظر ۾ ”مڪمل صوفياڻو اهڃاڻ اهو آهي، جنهن جي دوران ڪابہ ڪهاڻي، فڪر يا فطرت جي ڪنهن بہ شعبي ۾ پڙهي سگهي ٿي. پوءِ اهو طبعي، مذهبي يا فلسفياڻو ڇو نہ هجي. اهي سڀ ڳالهيون ان هڪ ۾ موجود آهن.“ (١٧)

فطرت ۽ فڪر جي لحاظ کان واقعي شاعر پنهنجي قوم جا مزاج شناس، رهبر ۽ ڏيہ جي هر رهواسي جي عمل کان پوري ريت واقف هوندا آهن. هر قوم ۾ ڪانئر ۽ قوم فروش بہ پيدا ٿيندا آهن تہ قومي ساک رکندڙ مٿير بہ. شاعر جڏهن بہ قومي تقاضائن جي ڳالهہ ٻولہ ڪندو تہ اهڙن قومي ساک رکندڙ ماڻهن کي سمبل بڻائي پيش ڪندو. مارئي جو اهڃاڻ قوم پرستي، انسان پرستي ۽ عزم



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي دلالت ڪري ٿو. ڏسو:

سنهي سئي سبيو، مون ماروءَ سين ساه،
ويٺي ساريان سومرا، گولاڙا ۽ گاه،
هنئيون منهنجو هُت ٿيو، هِت مٿي ۽ ماه،
پکن منجھ پساه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

(۷ـ۱۲)

سئي جو ڪم آهي ڳنڍڻ ۽ سبڻ، پر اهو ڳانڍاپو مضبوط تڏهن ٿئي ٿو جڏهن سئي جا سنها ڳهاءَ پنهي پاسن کان هڪ جهڙا لڳندا آهن. لطيف سائين جنهن سئي سان مارئي ۽ مارن جي رشتي کي ڳنڍي ٿو، سا سنهي بہ آهي. يعني ہي معنيٰ ۾ اهو ٽوپو يا بکيو باريڪ ۽ نہ ٽٽڻ وارو آهي. اهو تصور ڪو عام رواجي ڪونهي بلڪ، هڪ آفاقي تصور آهي، جنهن ۾ ڪائنات جي هيڪڙائي واري تصور جي اپٽار ٿيل آهي. مارئي، مارو، سومرا، قالب ۽ ڪوٽ سڀ تصور آهن. هڪ مرڪز ڏانهن وڌڻ جا.

شاه صاحب فرمائي ٿو تہ:

جيها سي تيها، مون مارو ميحيا،
مون جيڏيون ملير ۾، چوندن موڪ ميها،
منهنجي آه اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي.

(ابيات متفرقہ ـ ۹)

مٿين بيت ۾ لطيف سائين جو آئيڊيا سماجي تبديلي (Social Change) آهي. مارئي هڪ اهڙو اهڃاڻ آهي، جو پنهنجو پاڻ کي جاگيرداري نظام جي رحم وڪرم تي نٿو ڇڏي، بلڪ هو چاهي ٿو تہ سماجي بي آرامي (Social unrest) ختم ٿئي. هو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي سماجي تبديلي وارو عمل پنهنجي ماڻهن ۾ رهي (غريب عوام ۾) وڏيڪ سوپيادان طريقي سان ڪري سگهي ٿو. انهي ڪري هو انهي جاگيرداري ڪوٽ کي ڪرائڻ جو خواهشمند آهي.

جاگيرداري نظام ۾ سماجي تبديلي واري سوال تي، وڳوڙ کي منهن ڏيڻ لاءِ، جاگيردار ۽ حاڪم، مقصدي ماڻهن کي طرحين طرحين جون لالچون ڏيئي، پنهنجو طرفدار ڪرڻ چاهيندا آهن، پر لطيف سائين جو تصوراتي ڪردار ڪنهن بہ حربي ۾ ڦاسي نٿو، بلڪ هن کي هر دم اها وائي وات آهي تہ:

چُرن چِٽڪن چت ۾، وساريا ڪين ورن،
"ليس ڪمثلة شيءٌ" پسڻ ناه پرين،
پکا پهنوارن، نيئي اڏايا ناه ۾.
(٨ ـ ٣)

فرد جڏهن تنظيم کان ڪٽجي وڃي ٿو يا ڪن حالتن ۾ تنظيم ئي ختم ٿي وڃي ٿي، تنهن صورت ۾ فرد پاڻ کي اڪيلو ۽ ويڳاڻو محسوس ڪري ٿو. اهڙي حالت ۾ اڪيلائپ جي ڪارڻ تي سوچڻ تہ سٺي ڳالھ آهي، پر مايوس ٿي ويهي رهڻ خودڪشي ڪرڻ جي برابر آهي.

لطيف سائين چوي ٿو تہ هڪ فرد پنهنجي تنظيم جي معطلي جي ڪرب کي محسوس ڪري سگهي ٿو، ڇو جو اهڙي حالت ۾ ڪيس ڪٿان بہ رهنمائي ڪونہ ٿي ملي. تنظيم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويو هجي ۽ تنظيم جو هر فرد اڪيلو رهجي ويو هجي. تاريخ ۾ اهڙا واقعا ٿيندا رهيا آهن. اوڏي ويل هڪ فرد کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڳائي تہ ذاتي ويڳاڻاپ کي وساري، پنهنجي تنظيم جي قيادت ۽ اتحاد جي درد کي محسوس ڪري. اهڙي حالت ۾ فرد جي جوابداري وڏي ويجي ٿي ۽ هن کي اڳي کان اڳرو ٿي ڪم ڪرڻو آهي ۽ بدليل حالتن ۾ پنهنجي ڪم جون راهون بہ درست ڪرڻيون آهن، اهڙي ريت لطيف سائين فرد توڙي سماج کي حالتن سان مقابلي ڪرڻ جي سگھہ ۽ حوصلو ڏي ٿو.

فرد جي ڪوشش، سماج ۽ ڪائنات جي مسئلن جو حل ثابت ٿئي ٿي. لطيف سائين انهي تصور کي ڪهڙي نہ ڏاهپ سان بيان ڪيو آهي:

اُتان اونـي آئيو، خبر ايَ ڪَري،
وساريج مَ ور کي، پنج مَ منڊ مري،
ويندين ات وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾.
(۱۰ـ۴)

مٿين بيت ۾ لفظ 'اتان' اشارو آهي، انهن کان يعني مارن کان. اونـي علامت آهي، پيغام آئيندڙ جي، لفظ 'ور' هونءَ تہ مڙس يا گھوٽ لاءِ استعمال ٿئي ٿو، جيڪو مائٽن جي مرضي سان بہ ملي ٿو. پر هت اهو لفظ 'چونڊيل' (Selected) فرد جي علامت ۾ استعمال ٿيو آهي. سرڳواسي پيرومل ڪتاب قديم سنڌ ۾ لکي ٿو تہ 'ور' معنيٰ گھوٽ، پر بنيادي معنيٰ اٿس چونڊيل ۱۸ ماڻهو جنهن تي ويساهہ هجي. جيڪو سيني جو رهبر ٿي سگھي، جنهن ۾ سيني انيائن کان بچائڻ جي ۽ مسئلن کي سلجھائڻ جي سگھہ هجي.

اهي سڀ علامتون سنڌي سماج سان واسطو رکندڙ آهن. ديس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هر شيءِ کي لطيف سائين پنهنجي بيتن ۾ کھڙي نہ هنرمندي ۽ ڏاهپ سان جاءِ ڏني آهي، جو هڪ پاسي تہ اهي لفظ ٻولي جي واڌاري جو سبب بڻيا آهن ۽ ٻئي پاسي معنوي لحاظ کان وڏي فڪر جي ڳالهہ ٻولہ نظر اچي ٿي.

## حوالا


١ ـ شاهواڻي غلام محمد: "شاهہ جو رسالو" آر ـ ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد. ٦١ ـ ١٩٦٠ع ص ـ ٧٦٩

٢ ـ مرزا قليچ بيگ: "احوال شاهہ عبداللطيف ڀٽائي" ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز حيدرآباد. ١٩٧٢ع. ص ـ ١٧٠

٣ ـ سيد صفدر علي شاهہ (مرتب) "آواز لطيف" سنڌ اطلاعت کاتو ڪراچي. آڪٽوبر ١٩٨٧ع ص ص ـ ٣٣ ـ ٣٤.

٤ ـ هاءِ رچلس: "فڪر سليم ڪي ترتيب" (ترجمو غلام رسول مهر) شيخ غلام علي اينڊ سنز ڪراچي. ١٩٦٥ع ص ـ ١٥٢

٥ ـ جوڻيجو عبدالجبار (ڊاڪٽر): "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" سره ڪتاب حيدرآباد. ١٩٧٣ع. ص ص٥٢ ـ ٥٣.

٦ ـ قاضي ايلسا: "رسالو آف شاهہ عبداللطيف" سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ١٩٨١ع ص ـ ٧

٧ ـ اعجاز حسين (ڊاڪٽر) "مذهب و شاعري" اردو اڪيڊمي ڪراچي. ١٩٥٥ع. ص ص ـ ٨٠ ـ ٨١

٨ ـ ٻوهيو الهداد (ڊاڪٽر): "ادب جا فڪري محرڪ" سنڌي اديبن جي سهڪاري سنگت. حيدرآباد. ١٩٨٤ع ـ ص ـ ١٣٢

٩ ـ ———— ايضا ———— ص ـ ١٣٢

١٠ ـ ———— ايضا ———— ص ـ ٢١٥




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

١١ ـ ــــــــــــــ ايضا ــــــــــــــ ص ـ ٢١۴

١٢ ـ ــــــــــــــ ايضا ــــــــــــــ ص ـ ٢١٥ ـ ٢١٦

١٣ـ عباسي تنوير: "شاهہ لطيف جي شاعري" نيو فيلڊس پبليڪيشنس حيدرآباد ١٩٨٥ع ص ـ ص ٦٦ ـ ٦٧

١۴ ـ قريشي اعجاز: "تاريخ سنڌ" (ارغون ۽ ترخان دور) سنڌ ريسرچ سوسائٽي حيدرآباد. ١٩٨٥. ص ـ ٣٧.

١٥ ـ ــــــــــــــ ايضا ــــــــــــــ ص ـ ٣٨.

١٦ ـ پيري الف بارٽن: "آدمي ڪي انسانيت" (مترجم مولانا محمد بخش مسلم) اردو بوڪ اسٽال لاهور (دفعو پهريون) ١٩٦٢ع. ص ص ـ ١١۴ ـ ١١٥.

١٧ ـ عباسي تنوير "شاهہ لطيف جي شاعري" شاهہ لطيف ثقافتي سوسائٽي ڪراچي. ص ـ ١٢٦

١٨ ـ آڏواڻي ڀيرومل: "قديم سنڌ" ادبي بورڊ حيدرآباد. ١٩٨٠ع ص ـ ٢٧٥.




sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سرُ مارئيءَ ۾ حب الوطني

تاجل بيوس

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر مارئيءَ ۾
# حب الوطني

تاجل "بيوس"

اُتر کان آگم ٿيا آهن. پورب جي ديويءَ جي مٿي تان چُنيءَ جو پاند سرڪيو آهي. آتڻ ۾ ڪاتاريون چرخن پيڙيون ٿيون آهن. وسڪاري جي ويل آءِ واهوندن وراڻ ڪئي آهي. جر ٿر تک تنوار آهي، چو تہ وڏ ڦڙو وَٺو آهي. پناڻي عمر ڪوٽ جي برج تي بيهي ڪارونجهر ڏانهن تڪي رهيو آهي، جيڪو ڪيس اندا لٺ جي دائري کان بہ ڦداور پيو لڳي. ڦوڳ ڦلاريا آهن.ٿانگر ٽڙي پيا آهن. پُسي ۽ پيرونءَ جي مند ڦوھ جوانيءَ تي رسيل آهي. ڪرڙ ڪڪوريا آهن. پوريون پڪا پيون ٽُڪين. وهين ۽ هُڙين جي ولرن کبڙن ۾ پينگون پڏيون آهن. سر نسر يا آهن. ڪنڃي ڊڍي تي ويهي گيت ڳائي، چٽ تنڻ جو اعلان ڪري رهي آهي. ڏهرن ۾ پتر، ڳنڊ ير، چانهڪ، توه، لوٹک، چيڙ، مريڙو، للر، ساوڙي، لاٿي، ريڙيون، گهوڙا ول، ڪانديرا، متيرا، ونگيون، ميها ، گدرا ۽ توهر ڦتا آهن. لڳي پيو جڻ قدرت ٿر جي ڌرتيءَ تي سبز مخملي مينا ڪاريءَ جو فرش وڇائي ڇڏيو آهي. ٻبرن جا پيلا گل، ڪنديءَ جي ٻونگر ۽ ليڙ، ڄانگر جي پور



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي سڳنڌ ۽ سرهاڻ سڄي ٿر کي واسي ڇڏيو آهي. اپريل اُره واريون وهون مٿن تي سينها سينگاري ٻاٽي پرڻ پيون وڃن، جن جا ڪوهن تي ڪجڪار ڪبڙن ۽ ليارن جي وڙهڻ کي معنيٰ پيا بخشين. جهر جهنگ ٻاٻيها ۽ تاڙا وانگيٽڙن کي وسڪاري جون واڌايون پيا ڏين. ڪُنڍين جي ڪٽڪن ۽ ڇڙن جي چونگارن تي فطرت رقص ڪري رهي آهي. ٻاجهريءَ جي سنگن تان پوڙيون جهرڪيون پوري چٽي رهيون آهن. شام ٿي آ، ڪونجون اولهائين جبلن جي قطارن ڏانهن اڏامنديون، ٿر اُڪري رهيون آهن. هي آهن اُنهن ماڳن ۽ مڪانن جا نظارا، جتي ٿر، جائي مارئيءَ کي ماڏوهيءَ جنم ڏنو هو. جن نظارن کي ۽ ڌرتيءَ جي سونهن کي لطيف مارئي، سارنگ، مومل، راڻو ۽ سر ڍهر تخليق ڪري، امرتا بخشي آهي. سهڻي لطيف جي تخليق ڪيل سر مارئي کي پڙهجي ٿو تہ ميٺو ٿوپوي تہ مارئي جو ڪردار حب الوطني جي هڪ مثالي يا اٽلپ علامت آهي. اُها علامت جا دنيا جي قومن ۾ صدين ڪانپوءِ جنم وٺندي آهي. پناٿيءَ جي هن هڪ سٽ ۾ وطن جي محبت جا الائي تہ ڪهڙا، ڪهڙا اسرار سمايل نظر اچن ٿا.

"پکن ۾ پيهي، محلن جي مر لاهيان." محلن ۾ لڳن تي مَرُ يا ڪَرُ ڪانہ چڙهندي آهي. مَرُ هميشہ پکن، جهوپن لوڙهن ۽ لانڍين ۾ رهڻ ڪري چڙهندي آهي. هتي پناٿي جهانگن جي جهوپڙن ۽ ڳوناٺي زندگيءَ کي محلاتن جي ماحول کان مٿي، گهڻو مٿي ڪٽي وڃي ٿو. سوچٽو ٿوپوي تہ اُها ڪهڙي ڪيفيت آهي، جا مٿيءَ کي مانائتو ٿي چورائي. علامتي طور 'مَرُ' مان پناٿيءَ جي مراد



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اجري ڪردار کي زنگ چڙهي ويڻ کي ڌوئي صاف ڪرڻ بہ چئي سگهجي ٿو. هن ڏس ۾ پالٽي پنهوار جي ڏيءَ مارئيءَ جي ڪردارکي دنيا جي ٽن قديم ترين تهذيبن جي حوالي سان تورجي ۽ تڪجي تہ وڏيڪ مانائتو بہ ملهائتو ٿيندو. اُهي آهن: مصر، عراق ۽ سنڌ ملڪ جون تهذيبون. ٽنهي تهذيبن جو تجزيو ڪبو تہ معلوم ٿيدو تہ سنڌ جي تهذيب ماءُ ۽ مصر ۽ عراق جون تهذيبون سنديس ڌيئرون سونهنديون.

عراق جي آثارِ قديمہ جي کوٽاين مان سنڌ جي سورمن ۽ جوڌن جا اهڙا اهڃاڻ بہ مليا آهن، جن چيو آهي :

” منهنجو وطن اُهو آهي، جتان سج طلوع ٿي ساري سنسار کي روشن ٿو ڪري.“

قديم رومين جي ڪتابن ۾ تہ سنڌ جي گاج ڪٽڪ جو ذڪر مليو آهي. هندن جي پراڻي مقدس ڪتاب رگ ويد ۾ سنڌو نديءَ جو ذڪر ٿيل آهي.

مصري اهرامن جي احوالن ۾ بادشاهن ۽ سندن ڪٽنبن جي ممين ٺاهڻ لاءِ سنڌ مان مسانن گهرائڻ جو ذڪر ٿيل آهي. انجيل مقدس ۽ توريت ۾ سنڌ جي ململ جو ذڪر مليو آهي. اِهي پنج حقيقتون ۽ اهڃاڻ سنڌ ۽ سنڌ جي تهذيب کي دنيا جي مڙني تهذيبن کان قداور ٿيون ثابت ڪن. پوءِ ڪيئن نہ مارئيءَ جي ڪردار کي عالمي سطح تي حب الوطنيءَ جي علامت ڪوٺجي!

مارئيءَ جو ڳوٺ پالوا ۽ عمر سومري جي گاديءَ جو هنڌ عمرڪوٽ ٻئي ضلعي ٿرپارڪر ۾ اچي ويڻ ٿا، جنهن ۾ نَو (۹) تعلقا آهن! يعني ميرپور خاص، جيمس آباد، ڏگهڙي، سامارو،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمرڪوٽ، مٺي، ڏيپلو، ننگر پارڪر ۽ ڇاڇرو. اِن مان صاف ظاهر ٿيو تہ مارئيءَ جا پڊ ۽ عمر سومري جا محل ۽ ماڙيون هِن ئي ضلعي ٿرپارڪر جا ٻہ حصا آهن، جنهن ۾ ڊٺ، ڀٽ، قـتـل پراڻ، راڻي ۽ همير جا پڙا، نئين ڪوٽ جو تاريخي قلعو، ڪارونجهر، پوڏيسر جو تلاءُ، ملير، ڀاري نگر، گوڙيءَ جا مندر، قـتِـل هاڪڙو، ڍورو وغير اچي وڃن ٿا. لطيف هنن ماڳن ۽ مڪانن کي ڇٽيءَ طرح سر مارئي، ڍهر ۽ سارنگ ۾ قلمبند ڪيو آهي.

” ڏتين، ڀٽين ڍير، مَهين ماروئـڙن جا،
ڀانئر سڀ ڀچي پيو ، گهر گهاريندي ڪير؟
ڪوٺين لڳن ڪير ، محلين ’منجهي مون هنيون.“

سر مارئيءَ ۾ جيڪي بہ ڪردار، ماڳ، مڪان، اهڃاڻ ۽ علامتون لطيف ڪتب آنديون آهن، اُهي سڀ جون سڀ زندگيءَ جي اُن تصور سان واسطو ٿيون رکن، جنهن کي اسان نہ رڳو محسوس ٿا ڪيون، پر پنهنجين اکين سان ڏٺو وائــنـو بہ آهي. قياس، وهم، وسوسا، مفروضا ۽ فرضي ڪردارن جو استعمال اتي ۾ لوڻ برابر بہ ناهي. عجب ٿو لڳي جڏهن لطيف جي ڪلام جي معنيٰ ۽ مطلب اسانکي ”ظاهري“ ۽ ”باطني“ ٻڌايو ٿو وڃي. ڇڻ تہ ماڻهوءَ جي زندگيءَ کان سڌو سنئون انڪار ۽ منفي رويي جي وڪالت ڪيل آهي. اسان ٿا چئون ملير يعني ماڏوئيءَ جي ڏيءَ مارئيءَ جو ڳوٺ، جيڪو جيئرن جي جهان ۾ واقع هئو ۽ اڄ بہ جنهن جي ڏنڌلي تصوير ٿر ۾ موجود آهي. هوڏانهن اسان جي ڪن وڏڙن شرح طور سمجهايو آهي تہ ملير ماڻهوءَ جو اصلوڪو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وطن يعني عالم ارواح آهي، جتي جسم مان روح منتقل ٿي عالم ارواح ۾ پهچي ٿو. اسين ٿا چئون عمر بادشاهه جيڪو سنڌ جو رهواسي، سومرن سان تعلق رکندو هو، جنهن جا ڪوٽ ۽ محل اسان جهڙن ماڻهن اکين سان ڏٺا هئا، پر هوچون؛ عمر معنيٰ ڪميڻو نفس ۽ عمر جون آچون معنينفساني لالچون يا شيطاني خواهشون، نہ رڳو ايترو پر مارئيءَ کي هڪ نيڪ طالب ۽ ڪامل بندو ڪري ٿا پيش ڪن، جيڪا عالمِ ارواح ۾ سرخرو ٿيڻ لاءِ عمر جي لالچن کان پاڻ کي بچائڻ جي ڪوشش پئي ڪري. بجاءِ جو ڪٺي ايئن چون تہ مارئي هڪ ٺر ڄائي هئي، جا پنهنجو سيل ۽ سِترِ قائم رکي، واپس ملير موٽي وڃڻ پئي چاهيو. عجيب فلسفو آهي، جو عمر ڪوٽ کي هيءَ دنيا ۽ ڏٿ ۽ ٻٽ کي ٻي دنيا چيو ويو آهي. اسان تہ چوندا سين تہ عمر ڪوٽ سنڌ جي ٻسنين وانگر هڪ ننڍو شهر هو، جتي اقتصادي طور ڪمزور مالوند مارُن جي نياڻي مارئيءَ کي عمر اچي قيد ڪيو هو ۽ ملير بہ مارئيءَ جي مائٽن جو هڪ اهڙو ئي ڳوٺ هيو جهڙا سنڌ جا ٻيا ڳوٺ ۽ واهڻ.

مٿئين قسم جي تشريح ذهن ۾ رکي، اسان ادب ۽ شاعريءَ جي ارتقائي سفر تي نظروجهنداسون تہ معلوم ٿيندو تہ سر مارئيءَ جي اڊنگي تشريح ورهاڱي تائين پنهنجي اوج تي پهتل هئي ۽ هاڻي جڏهن هِن حياتيءَ ۽ هِن دنيا جي اهميت جو پتو لڳو آهي تہ اچوڪي تشريخ ادب جي ترقي پسند ۽ معروضي دائري ۾ ڪئي ٿي وڃي، جنهن مطابق ماڻهو، ڌرتي، زندگي ۽ مادي شين کي معنيٰ ملي آهي. اڄ جو ڳڀرو جوان ادب جي تشريح ڪندي ڪوڙن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دلاسن بجاءِ ڏرتيءَ جي سندرتا ۽ ماڻهوءَ جي سندر جذبن جي حفاظت لاءِ اتل ٿي بيهندو.

انساني غفلت هاڃيڪار آهي. اهڙو هاڃو جنهنجي تلافي ٿيڻ مشڪل ٿي پوي. مارئيءَ غفلت کان ڪم ورتي ڪوهه تان پاڻي ڀرڻ دير سان وئي ۽ ڪجهي وئي.

"آڏيءَ اُٺن تي، جيلان پاڻي پاتار ۾،
وارو ويسرين ڪي، ڏينهان ڪونه ڏٺي
مون ڪميڻيءَ ڪي، مٿان ڪوهه ڪڻي ويا."

ٿر ۾ ڪوهن جو پاڻي گهڻو هيٺ يعني پاتال ۾ هوندو آهي. ڏينهن جو مال کي بہ ڪوهن تان پاڻي پياربو آهي، اُن ڪري گهڻيءَ رش ڪري ٿرياڻيون آڌيءَ رات جو پاڻي ڀرينديون آهن. جيڪي ايئن نہ ڪنديون آهن ۽ ويسر ڪنديون آهن، اُنهن کي ڏينهن جو وارو ڏکيائي سان ملندو آهي. لوڪ روايت آهي تہ جنهن صبح عمر مارئيءَ کي ڪوهه تان کنيو هو، اُن رات مارئيءَ جي اک لڳي ويئي هئي، جنهن ڪري صبوح جو دير سان پاڻي ڀرڻ وئي هئي، جنهن غفلت ڪري مارئي اڄي عمر ڪوٽ ۾ نڪتي هئي. هِن قسم جي غفلت جو هي مثال، ايڏو وڏو مثال آهي، جيڪو عالمي تاريخ ۾ لکڻ جوڳو آهي.

مارئي قيد ۾ هئڻ جي باوجود بہ پرائي اوڇڻ اوڏو نہ ٿي وڃي ۽ سو بہ مخملي لباس ۽ پٽ پٽيهر، جو تہ وطن واپس ورڻ ڪانهوءِ هوءَ مارُن جون اُٺيل ڪير جهڙيون اڇيون ۽ اوجل ڪٿيون وڃي اوڍيندي. پنهنجي ديس جا ڪرڙ ۽ ڪٿيون پرائي ديس جي مخمل ۽ ڪمخوابن کان مٿي آهن. هيءُ بہ حب الوطنيءَ جو هڪ بين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الاقوامي اصول جُڙي پوي ٿو، جيڪو اِجهو هينئين بيت ۾ موجود آهي:

”سهسين سيبَا ڪنجري، لوئي ليڙ ٿيام،
اباڻن جي آسري، ڪَتي ڪانہ ڪيام،
جا ڏٺ ڏڪيام، تنهنجو پرور پن رهائيين.“

پنائيءَ جو هي بہ بيت پڙهو!

”ڪارا ڪرَاين ۾، سونُ اسان کي سُوءَ
ورُ جيڏين سين جُوع، فاقو فرحت پانئيان“

”ڪارا“ مان مراد ڪارِي رنگ جا ڏاڳا ۽ ”سُوءَ“ مان مراد ماتم يا روج راڙو آهي. جوع ۽ فاقو معنيٰ بک يا لنگهڻ. مارئي چوي ٿي تہ پنهنجن ماڳن ۽ مَنهن ۾ سرتين سان گڏ بک بہ سندس لاءِ نعمت آهي. صحبت ۾ لنگهڻ ڪيڻ فرحت آهي. حب الوطني اِها ئي تہ آهي. هِتي مارئي ملير جي زمين ۾ وڻ وانگر کُتل آهي. جيڪو جڏهن اکوڙبو تہ گلن وانگي ڪو مائجڻ لڳندو.

وطن جا برپٽ وطن وارين جو پردو ۽ پناهہ آهن. گولاڙا ۽ گگريون سندن اوڇڻ آهي. مارو ماڻهو ڇهڇ ساين ولين ۾ ويڙهيا ٿا وَتن

”وَرُسي وطن ڇائيون، صحرا ستر جن
گولاڙا ۽ گگريون، اوڇڻ ا باڻن،
ويڙهيا گهمن وليين، جهانگي منجھ جهنگن،
مونکي ماروئڙن. سُجَ ڳڻائي سيج ۾“

دنيا جي ادب ۾ اُهو ڪهڙو عظيم شاعر آهي، جنهن ايئن چيو هجي تہ وطن جا وڻ ۽ وليون انسان جو اوڇڻ يا لباس آهن. ولين



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي رس ۽ سڳنڌ عطر عنبير کان وڌيڪ خوشبوءِ وارو آهي. هي آهي وطن جي حب جو اُهو مثال، جڏهن ماڻهوءَ کي سڀني رنگن مان "مٽيءَ" جو رنگ سٺو لڳندو آهي ۽ پلر جو ميراڄهڙو پاڻي عرقن ۽ شربتن کان مٺو هوندو آهي:

"آئون ڪيئن ڇڏيان سومرا! تن پنوهارن پچار؟
جڙ جني جي جان ۾، لڳي ريءَ لهار،
ميخون محبت سنديون، هنئڙي منجهه هزار،
پکا ۽ پنوهار، ڏٺي مُون ڏينهن ٿيا! "

هي آ ماڻهوءَ جي وطن سان محبت ۽ عقيدت جي اُها ڪيفيت جنهن ۾ ماڻهوءَ جون پنهنجي ڌرتيءَ ۾ وڻ وانگر پاڙون لڳل هجن ٿيون. اِها ڪيفيت سوين هزارين سال ابن ڏاڏن کان وٺي زمين جي هڪ خطي تي رهڻ ڪانئوءِ ٿي، ماڻهوءَ ۾ پختگي اختيارتي ڪري ۽ نه انهن ڌرتيءَ ڏڪاٽن وانگر آهي جنجي تهذيب اخلاق ۽ ماڻهوءَ مار اصول شهر جي گٽين ۽ محلن ۾ جنم ٿا وٺن.

سر مارئيءَ جي پڙهڻ مان پتو ٿو پوي ته وطن جي سڪ جنهن کي اسين حب الوطني ٿا چئون، سا مرڻ ڪانئوءِ بہ ماڻهوءَ کي پنهنجي ئي ڌرتيءَ ۾ پورجڻ تي آماده ڪندي آهي. هَن جو روح قراربو آهي، جڏهن مرڻ ڪانئوءِ سندس هڏڙا وڃي وڏڙن جي هڏڙن سان گڏبا آهن. هيٺئين بيت پڙهڻ ڪانئوءِ ڏسو ته مارئي عمر سومري کي ڪهڙي تي پارت ڪري:

"واجهائي وطن کي، آئون جي هِت مياس،
تہ گور منهنجي سومرا، ڪج پنو هارن پاس،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏج ڏاڏاڻي ڏيهه جي، منجهان ولڙين واس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.“

وطن آزاد آهي. هڪ هنڌ کان ٻي هنڌ وڃڻ تي ڪابه پابندي ناهي. هڪ شهر به ويڙهي مثل آهي. وٿ ۽ واپار تي ڪوبه محصول يا چنگي ڪانهي. مارُو ماڻهن جو مال مويشي به سکيو ستابو آهي. مارُون ڳاڙها گل روڙيو اچيو ٿا آهرون پرين. هُو پاڻ ته بي بها انسان آهن، پر سندن ملير به مُرڪٽو آهي. مان سمجهان ٿو ته پنهنجن ڪکن، ماڻهن، ماڳ ۽ ساٿيه جا پَٽائيءَ پارَ پتا ڏنا آهن، جا واکاڻ ڪئي آهي اُن جو مثال پوريءَ دنيا جي شاعريءَ ۾ ملڻ محال آهي. پڙهو:

”نڪا جهل نه پل، نڪو راڻــر ڏيهه ۾،
آٿيو وجهن آهرين، روڙيو رتا گل،
مارون پاڻ امل، مليرئو مُرڪٽو.“

ڦوڳ هڪ هاري آهي، جو پالڻيءَ کان مارئي جو سنگ ٿو گهري. مارئي اڳي ئي کيت جي نالي ٿي چڪي آهي. ايئن ڪئي چئجي ته سنديس منگڻو کيت سين سان ٿيل آهي. پالڻي ڦوڳ کي انڪار ٿو ڪري جنهن ڪري ڦوڳ پسر جي ٿو وڃي ۽ وڃي ٿو عمر ڪوٽ کان نڪري. مارئيءَ جي سونهن جي واکاڻ ڪري اچي ٿو ڏينهن ڏني جو مالوند مارُن جي ننگن جا ڏاڙا هٿائي. ڏسجي ٿو ته ڦوڳ اُن ئي ڌرتيءَ جو ڦل کائيندو هو، جنهن ڌرتيءَ جا مارئي جا مِٽ رهواسي هئا. هُو منافقي ڪري، مارُن جي لڄ لٽڻ ۾ پاڻ به اوترو ئي شريڪ هجي ٿو، جيترو عمر بادشاه. اُن ڪري ڦوڳ جي ڪردار کي انهن منافقن، نمڪ حرامن ۽ مردارن جي ڪردار



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پيئي سگهجي ٿو، جيڪي پنهنجي وطن جي ڌرتيءَ جي چاتيءَ مان ڪير بہ ٻين ٿاءِ سندس مقدس چاتيءَ کي هٿن جي نَهن ۽ ڏاڻن سان نوچيندا بہ رهن ٿا. ايئن جيئن يوناني ديو مالا ۾ پروميٿس ديوتا جي جيريٰ کي ٽيهہ هزار سالن تائين مقرر ڪيل ڳجھ نوچيو هو.

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جو ڪردار ۽ سنڌي ثقافت

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئيءَ جو ڪردار ۽ سنڌي ثقافت

ڊاڪٽرميمڻ عبدالمجيد سنڌي

مُصوري جي لافاني شاهڪار "موناليزا" جي مرڪ جي مصور ليوناردو چيو هو، ته "اهو سڀ ڪجهه، جيڪو حسين آهي، اهو فاني آهي، فن ئي ان کي لافاني بنائي ٿو." اهڙيءَ طرح اهو شاهه صاحب جي فن ۽ فڪر جو ڪمال آهي، جو شاهه صاحب جي سورمين: مارئي، سسئي، سهڻي، مومل، نوري، ليلا ۽ سورٺ لافاني حيثيت حاصل ڪئي آهي. شاهه صاحب مارئي کي اهڙي عورت ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪا پنهنجي اصول ۽ مقصد تي اٽل ۽ اڏول آهي. هوءَ نه ڪنهن لالچ ۽ لوڀ ۾ اچي ٿي، ۽ نه ظلم ۽ ڏاڍ، ارڏائي ۽ البيلائي آڏو ڪنڌ جهڪائي ٿي. محل ۽ ماڙيون، بخمل ۽ بافتا، پانهيون ۽ دايون، طرحين طرحين طعام ۽ قسمين قسمين زيور ڪيس موهين ته ڪونه ٿا نه پر پاڻ سندس نظر ۾ حقير ۽ ڪين جهڙا ٿي پون ٿا. هوءَ هر حال ۾ پنهنجي وطن جي ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ کي هر شيءِ کان مٿانهون سمجهي ٿي.

شاهه صاحب هن سر ۾ سنڌ جي ثقافت جي تصوير حقيقت پسندانه نوع ۾ چٽي آهي. شاهه صاحب کي مشاهدي مان معلوم



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو هو، تہ سنڌ جي ثقافت ٻن طبقن ۾ تقسيم ٿيل آهي: هڪ غريبن، اڀوجهن، مسڪين مارن جي تهذيب آهي، ۽ ٻي بادشاهن ۽ اميرن جي تهذيب آهي. سادگي، خلوص، رواداري، هڪجهڙائي، اخلاقي اصولن جي پابندي، نهٺائي، اصول پرستي، اطمينان قلب-عوامي ثقافت جون بنيادي خوبيون آهن، تہ هٺ، وڏائي، تڪلف، بي-چاپڙائي، پاڻ پڏائڻ، پرماريت، ٻين جا حق ڦٻائڻ ۽ عيش عشرت-اميرانہ زندگيءَ جا اوگڻ آهن. شاهه صاحب هن سر ۾ انهن ٻنهي تهذيبن کي نکيڙي نروار ڪيو آهي. شاهه صاحب مارئيءَ جي عوامي ثقافت کي فطرت جي ويجهو سمجهي ٿو، ۽ ان جي پاڪيزگي ۽ انسان دوستي جي ڪري، ان جو مان مٿانهون سمجهي ٿو. مارئي پهنجي ثقافت، رهڻي ڪهڻي ۽ مزاج فطرت جي ترجماني ڪندي چوي ٿي اسان مارن ماڻهن جو اهو ورد نہ آهي، تہ ڏاڍ ۽ پرماريت جي بنياد تي قائم ٿيل اميرانہ ثقافت کي پنهنجي فطري ۽ پاڪيزه ثقافت تي ترجيح ڏيون. مارئي چوي ٿي:

پٽولا پهنواريون، مور نہ مٽي ڪَن،
جُتہ لاک رتائون لوئيون، تہ سالٽان سونهن،
انُ ايلا چنئون اڳري، بخمل بافتن،
سکر پائيان سومرا، ان کٽي کان ڪنهن،
جا ڏنم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄ مران.

هوءَ عمر کي مخاطب ٿي چوي ٿي، تہ مونکي اميرانہ ثقافت ريشمي ڪپڙا ۽ ٻيون عيش عشرت جون شيون نہ آڇ، چاڪاڻ جو اهي منهنجي آڏو حقير آهن. انهن قيمتي ريشمي ڪپڙن جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيٽ ۾ مان ان لوئيءَ کي وڏيڪ بهتر سمجهان ٿي، جيڪا مون کي پنهنجي اباڻن جي طرفان مليل آهي. اهي سڳا سون کان بہ بهتر آهن، جيڪي ماروءَ طرفان مليل آهن:

سون برابر سڳڙا، ماروءَ سندا مون،
پٽولا پنهوار کي، عمر! آڇ مَ مون.
ور لوئيءَ جي لون، ڏاڏاڻن ڏنام جي.

هوءَ پنهنجي وطن جي سادي ۽ فطري زندگيءَ جو اظهار ڪندي چوي ٿي، تہ اها سادي زندگي جنهن ۾ نہ اُچا طعام آهن، نہ قيمتي ڪپڙا. اُتي عورتون نہ برقعا پائين نہ چادريون. ان هوندي بہ سيل ۽ ستر واريون آهن، پختي عزم واريون ۽ وطن جي حب جي جذبي سان سرشار آهن. ٿر جا وڻ ڱڱريون ۽ گولاڙا سهڻ ڏيک ۽ پناه آهن. مون کي مارن قيمتي وڳن جي بدران ٿر جي سج ۽ بک واري، پر فطري زندگي ڏاجي ۾ ڏني آهي. مان ان کان مطمئن آهيان، ۽ اوهان جي پرتڪلف ثقافت کان بهتر سمجهان ٿي، ڇاڪاڻ جو توهان جي ثقافت غريب جي پگهر، رت ۽ ست مان وجود ورتو آهي، ۽ اسان جي ثقافت فطري آهي، ۽ قدرت جي جوڙيل ٺاهيل، سنواريل ۽ سينگاريل آهي. مارئي چوي ٿي:

ورسي وطن ڇائيون، صحرا سترڻ جن،
گولاڙا ۽ ڱڱريون، اوچڻ اباڻن.
وِيڙهيا گهمن ولين، جهانگي منجھ جهنگن،
مُنکي ماروئڙن، سج ڳڻائي سيج ۾.

مارئي پنهنجي ثقافت کي پاڪيزه سمجهي ٿي، ۽ اُتي جي رهواسين کي امن ۽ سلامتيءَ سان رهندڙ، مطمئن زندگي گذاريندڙ،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بي فڪرا، آزاد ۽ صحيح معنيٰ ۾ سچا ۽ مخلص انسان سمجهي ٿي. هو نہ ڪنهن جي هنئين ۾ آهن نہ ڪنئين ۾، منجهن پاٽپٽي، هٺ وڏائي، لالچ ۽ خودغرضيءَ جي رتي بہ ڪونهي. هو بي محابا، بي چيا ۽نٺر نہ آهن، پر انسان دوست، سچا ۽ سدورا آهن. مارئي چوي ٿي:

پلر پيئڻ، اوڇڻ ان، جن جا پير مٽي پٽ-پاڪ،
وِهڻ وَر ڪن ۾، اُنِ جي اَجوڪي اوطاق،
عمر اوءِ نہ عاق، ڏکئا جمر ڏکوئيس.

شاھ صاحب سمجهائي ٿو تہ، جيستائين خودغرضي ۽ خودپرستي ختم نہ ڪجي، تيستائين سکي زندگي گذاري نہ سگهبي. هو چوي ٿو تہ ٿر جا ماڻهو انهيءَ ڪري مطمئن زندگي گذارين ٿا، جو فطرت جي ويجهو آهن، ڪنهن جو حق نہ ٿا مارين، ۽ جيڪي فطرت جي طرفان عطا ٿئي ٿو، ان تي ارها نہ آهن:

ٿوري قوت قرار ٿا، رهن سَبَر سَتِ،
ڪتيءَ ۾ ڪَ يَڪلِئا، پوٺِنِ اهڙي پَتِ،
پهنوار ڪي پٽ، پيهي پچ ملير ۾.

جيئن تہ هو پنهنجي حال ڪان ارها نہ آهن، تنهن ڪري منجهن احساس ڪمتري ڪونهي. يعني پنهنجي حال ڪي ٻي ڪان گهٽ نہ ٿا سمجهن. احساس ڪمتري نہ هجڻ ڪري انساني وقار برقرار رکي سگهن ٿا ۽ پنهنجا اصول ڪنهن بہ حالت ۾ قربان نہ ٿا ڪن. اهڙيءَ طرح شاھ صاحب ٻڌايو آهي، تہ صحيح انسان اهو آهي، جيڪو عزت، شان ۽ وقار سان زندگي گذاري ۽ لوڀ ۽ لالچ تي هرڪجي پنهنجي عزت ۽ ملڪ جي وقار جو سودو نہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري. شاهه صاحب ٻڌايو آهي، ته سنڌين هميشه عزت ۽ شان کي هر حال ۾ برقرار رکيو آهي. هنن دنيوي لالچ ۾ اچي عزت جو سودو ڪرڻ انتهائي ذليل حرڪت پئي سمجهيو آهي. حضرت شاهه صاحب عمر مارئيءَ جي تمثيل ۾ مارن جون خوبيون ۽ خصوصيتون بيان ڪندي، سنڌين جي انهيءَ مزاج جي هر طرح ترجماني ڪئي آهي:

ايءَ نه مارن ريت، جنءَ سيڻ مٽائن سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪا نه ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نه مٽيان.

يعني مارو عزت جي سودي بازي نه ڪندا آهن. هو عزت آڏو هر شيءِ کي هيچ سمجهندا آهن. هو عزت ۽ مان کي هر شيءِ تي ترجيح ڏيندا آهن. جيئن ته مارن جي اها ريت نه رهي آهي، ته چند سڪن تي عزت وڪڻي ڇڏين، تنهن ڪري مارئي چوي ٿي، ته اي عمر! آءٌ به عمرڪوٽ ۾ اچي پنهنجي رسم ترڪ نه ڪنديس ۽ پکن تي ماڙين ۽ محلن کي ترجيح نه ڏيندس.

ٻي هنڌ شاهه صاحب مارن جي سادي زندگيءَ جو ذڪر ڪندي چوي ٿو:

آٿين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏهاري سومرا،
سٿا ڪئو سيد چوي، سائون سڪائين،
منجها لنب لطيف چئي، چانور ڪئو چاڙهين،
پلاءُ نه پاڙين، عمر آراڙيءَ سين.

يعني جيتوڻيڪ مارن جي اها حالت آهي، جو هيڏانهن ڏٿ ميڙي اچن ٿا ۽ هيڏانهن رنڌي پچائي کائين ٿا، تڏهن به اُن ڏٿ کي پلاءُ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ترجيح ڏين ٿا.

شاهه صاحب چوي ٿو ته جيئن ته فطري زندگي گذارين ٿا، ۽ تصنع ۽ تڪلف کان پري آهن، انهيءَ ڪري سدائين سنرا آهن.

تن ونهين ويڙهيچن ۾، سدائين سڪار،
چوندبيو آٿيو چاڙهين، سندو ڏونرن ڏار،
جن جو ويڙين سين واپار، سي ڏوٿي هون نه ڏبرا.

يعني جيڪي پنهنجي هٿن جو پورهيو ڪري کائين ٿا، سي سدائين پنهنجي حال ۾ خوش آهن. هنن ۾ نه بي اطميناني آهي ۽ نه منجهن لالچ ۽ اجائي هَوس ئي آهي-هو سدائين سنرا آهن، ۽ وٽن سدائين سڪار ئي سڪار آهي.

مارئي اميرانه ثقافت کي حقارت جي نظر سان ڏسندي عمر کي مخاطب ٿي چوي ٿي، ته اسان لاءِ سادي ۽ فطري زندگي سرمارئيدارانه زندگيءَ کان وڌيڪ بهتر آهي. آءٌ عزت ۽ مان، سون جي سڪن تي قربان ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به تيار نه آهيان. منهنجي لاءِ اها بک به وڌيڪ بهتر آهي، جنهن سان عزت ۽ شان سلامت رهي:

ڪارا ڪراين ۾، سون اسان کي سوءِ،
ور جيڏين سين جوءِ، فاقا فرحت پائيان.

اهڙيءَ طرح شاهه صاحب، سنڌي عوام جي نه فقط رهڻي ڪهڻي ۽ ساده ۽ فطري زندگيءَ جي ترجماني ڪئي آهي، پر سنڌن مزاج ۽ فطرت، ذهني لاڙن ۽ نفسياتي ڪيفيت کي به نکيڙي نروار ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح هن صالح ۽ صحتمند معاشري جي مثالي انسان جون خوبيون ۽ خصوصيتون نروار ڪيون آهن. هڪ عربي شاعر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عنتره جو هڪ شعر آهي:

ولقد ابيت علي لطوي واظلمہ

حتيٰ آنال بہ ڪريم الماڪل

(مان ڏينهن رات بکيو رهي، محنت ڪريان ٿو، تان جو انهيءَ طريقي سان مان عزت واري روزي ڪمايان ٿو.)

هي شعر ٻڌي حضور صلي الله عليہ وسلم جن فرمايو هو، تہ مونکي ڪنهن بدوي جي زندگيءَ اخلاق تي رشڪ نہ آهي. سواءِ عنتره جي هن شعر جي.)



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏريائين ڏار

حافظ ارشد انيڙ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڏُريائين ڏار

حافظ ارشد انڊڙ

وطن عربي زبان جو لفظ آهي، پر اسانجي ٻولي ۽ ڪلچر ۾ اهڙي طرح سان ملي ويو آهي، جو هينئر اهو لفظ سنڌي زبان ۾ پنهنجو ٿي پيو لڳي. هونئن سنڌي ٻولي ۾، وطن کي ”ديس“ ۽ ”ساٿيه“ سڏجي ٿو. مثلا ”لطيف سائين فرمايو آهي ته ”ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين.“ سڄڻ ۽ساٿيه ڪنهن اٿاسي وسري“ هينئر ساٿيه لفظ گهٽ استعمال ٿئي ٿو، پر سنسڪرت ٻولي جا لفظ ”ديس“ ۽ ”ديش“ ڀرپور طريقي سان استعمال ٿين ٿا. عربي ٻوليءِ جو هڪ ٻيو لفظ ”مُلڪ“ به ڪنهن لحاظ کان وطن جي معنيٰ ۾ استعمال ٿئي ٿو.

## وطن جي تعريف:

موجوده دؤر ۾ قوميت ۽ وطنيت جا ڄاڻو عالم ديس جي ۽ وطن جي معنيٰ هن طرح سان لکن ٿا:

اُهو ملڪ، جنهن جي خمير مان انسان جو بت ۽ بُوتو ٺهيو هجي، جنهن جي ٻولي ۽ تهذيب، جيڪا جاگرفيائي حالتن سبب پروان چڙهي ۽ ان ۾ رائج هجي، ان ملڪ جي رهاڪن جي پنهنجي هڪ خاص سيڃاڻ هجي، جنهن سبب هو ٻين کان نيارا ۽ جدارا محسوس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿين. انسانن جي پيدائش کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين، ان تي زندگي جا جيڪي به دور آيا هجن، انهن دؤرن ۾ هن جيڪي ڪجهه ڪاڙو پيتو ۽ واپرايو هجي، اهو سڀ ڪجهه نشامبر ۽ نکريل هجي. مثلاً ان جو لباس، ان جي پوشاڪ، ان جو هٿيار، ان جو ساز ۽ آواز، ان جي موسيقي، ان جو آرڪيٽيڪچر، ان جي سواري، ان جون ريتون رسمون، ان جون پنهنجون رانديون ۽کيل ۽ جنگ جا انداز پڻ ٻين کان مختلف هجن. جنهن به طبقي وٽ مٿي بيان ڪيل سڀ ڪجهه آهي، پنهنجي زمين به آهي ۽ اُن زمين تي اُن جي تهذيب جي حڪمراني به آهي ۽ اُن جي ڌرتي تي اُن جا گيت ۽ سُر گونجن ٿا ته ان ڌرتي کي ”ديس“ چئبو آهي ۽ ان جي رهاڪو ماڻهن کي، قوم سڏبو آهي. دنيا جي ڪا به آبادي يا ڪو به طبقو تيستائين پاڻ کي قوم سڏائڻ جو حق نٿو رکي، جيستائين

اُن وٽ مٿي بيان ڪيل سڀ ڪجهه نه هجي. ديس جي ٻي تعريف ۽ قوميت جي ٻي تعريف جيڪا ڪئي ويجي ٿي. اُها اها آهي ته ”جيڪي به انسان يا جيڪا به ڌرتيءَ ڪنهن به هڪڙي حڪمران جي اقتدار هيٺ هجي پوءِ توڙي جو ان ۾ مختلف قومون، مختلف ٻوليون وارا ماڻهو ۽ مختلف، ماحول رکندڙ علائقا هجن، بشرطيڪ اُهي سيئي هڪڙي اقتدار هيٺ هجن. اُن کي مُلڪ سڏين ٿا ۽ اهڙي اقتدار هيٺ رهندڙ ماڻهن کي ’قوم‘ سڏين ٿا.

هن وقت اسانجو بحث هن ڳالهه سان نه آهي، ته وطن جي مٿي ڏنل ٻنهي تعريفن مان ڪهڙي فطرت جي اصول جي ويجهي آهي، اٽل ۽ سدائين رهندڙ آهي ۽ ڪهڙي تعريف نيچر کان پري، انسان جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ٻٺايل ۽ هر وقت بدلجندڙ آهي، پر اهو ضرور چوڻو پوندو تہ فطرت جا اصول اٽل ۽ دائمي ٿيندا آهن ۽ انسان جون ٻٺايل ڳالهيون ڦرنديون گهرنديون رهن ٿيون.

## وطن سان محب جا سبب:

انسان جي ديش ۽ ڌرتي سان محبت ڇو آهي؟ ان جا ڪهڙا ڪارڻ ٿين ٿا، جو هڪڙو نيڪ فطرت رکندڙ ماڻهو ڪڏهن بہ ديس جي محبت کي دل مان ڌار نٿو ڪري سگهي. انهن سببن تي دنيا جي مختلف ملڪن جي عالمن وڏا وڏا ڪتاب لکيا آهن ۽ ڪيترائي فلسفيانہ نڪتا بيان ڪيا آهن. منهنجي خيال ۾ انسان جا زمين سان محبت جا ڪارڻ هي ٿي سگهن ٿا؛

(١) هندو مذهب جي پراڻن ڪتابن، ويدن، رامائڻ، مهاڀارت ۽ الهامي ڪتابن توريت، زبور، انجيل ۽ قرآن شريف، زرتشت جي ڪتاب "زنده اوستا" جي مطالعي ڪرڻ ڪانپوءِ معلوم ٿيندو تہ پنهنجي دور جي هر ڀلي ماڻهو ۽ نبين سڳورن پنهنجي ديس سان محبت ڪئي هئي. الله جو مشهور پيغمبر حضرت موسي عليہ السلام اهو عظيم انسان آهي، جنهن پيغمبري پيغام سان گڏ پنهنجي قوم بني اسرائيل کي "قبطين" جي قبضي مان آزاد ڪرايو هو ۽ مصر تان ڌارين جو راڄ ختم ڪيو هو. جيئن تہ انسان مٽي مان بنايو ويو آهي. ان جو بت ۽ بوتو مٽي مان بنيو آهي، تنهن ڪري آدم عليہ السلام الله بہ بهشت ڇڏي هن دردن واري ڌرتي تي رهڻ پسند ڪيو هو، جنهن مان هن جو بُت ۽ بوتو بڻايو ويو هو. آدم جو بهشت مان ڇڪجي ڌرتي ڏي اچڻ "ديس" جي اها ڪشش هئي، جيڪا هڪ بهشتي ماڻهو کي بهشت مان ٻاهر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏي پاڻ ڏانهن وٺي آئي ۽ شعر چيائين تہ ”تون منهنجو آهين، مون ۾ اچي ديرو ڄماءِ.“

(٢) بُت ۽ بُوتو:

جيئن تہ انساني جسم جي خمير ۾ هوا، باه، پاڻي ۽ مٽي شامل آهن ۽ اُهي مڙيئي مٽيءَ جا جُزا آهن، تنهنڪري پنهنجي خمير کان ڌار نٿا رهي سگهن. اِنهي حساب موجب انسان جو اُن ڌرتيءَ سان محبت ڪرڻ، جنهن مان ڄائو آهي، جنهن مان هُو اُسريو ۽ نِسريو آهي، اُن سان اُن جي مُحبت فطري آهي. قرآن پاڪ ۾ فرمايو ويو ”اسان اوهان کي اُنهي مٽيءَ مان ئي پيدا ڪيو آهي ۽ اُنهي مان ئي اوهان کي وَرائي ويندا آهيون. ۽ اُنهي مان ئي اوهان کي ٻيهر ڪڍنداسُون.“ صورة طٰہ سيپارو ١٦.

مٿين آيت سڳوري مان معلوم ٿيو تہ ڌرتي اسانجي ماءُ آهي، انسان هُن مان ئي ڦٽي نڪتو آهي ۽ اُن جي ئي پاڪُر ۾ آرام ڪري ٿو ۽ اُن جي جهولي مان ئي جاڳي اُٿندو.

ڌرتي جو ويري، ڌرتي ڄائي جو دُشمن ۽ راڪشش جنهن ڌرتي جي هستي، حيثيت ۽ عظمت کان انڪار ڪيو هو، سو شيطان هو. هُو ڌرتي وارن جو ويري ڇو بڻيو؟ هنجي ڪري تہ هن جي بڻ بنياد ۾ مِٽيءَ جي بجاءِ باه هُئي. جيڪڏهن هُوڌرتي ڄايو هُجي ها تہ شايد ڌرتي وارن جو ويري ڪڏهن بہ نہ ٿئي ها. هي مشهور اُصول آهي تہ ”ڪُل شيءِ يرجع الا اصلة“ يعني هر شيءِ پنهنجي ماڳ ڏانهن موٽندي آهي. ڦڙو سمنڊ مان پيدا ٿي هوا جي ڪُلهن تي سُوار ٿي، ڌرتي تي وسي ٿو، وري اِهو قطرو گهڻن ساٿين سانُ گڏجي لهوارو لُڙهي ساڳي سُمونڊ ڏانهن موٽي اچي ٿو. جُزي جو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪُل ڏانهن موٽڻ فطرت جو اعليٰ اصول آهي، جيڪو سموري ڪائنات ۾ جاري ۽ ساري آهي ۽ اِها ڪُل جي ڪشش آهي، جيڪا "جُز" کي آرام سان ٽِڪڻ نٿي ڏئي ۽ هر هنڌان هن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي وٺي ٿي. اُن ڪري انسان جو زمين سان پيار ۽ محبت بہ فطري گهرج آهي. لطيف سائين جي رسالي جي سرمارئي ۾ بہ انسان جي وطن سان محبت جي اُٿاه جذبن کي بيان ڪيو ويو آهي: تہ انسان جي جسم جو جيئن تہ هر حصو ديس جي مِٽيءَ مان تيار ٿيل کاڌو خوراڪ کائي اُسريو ۽ نِسريو آهي، تنهنڪري وطن جي مِٽي اُن جي جسم جي هر حصي ۾ موجود آهي ۽ اُن مِٽيءَ جي خمير ۾ رچيل ۽ حَل ٿيل آهي. انسان ذات جي ديس دوستي جي جذبن کي لطيف سائين هن طرح بيان ڪيو آهي:

"ترتر اندر ٿاڪ، عُمر ماروئڙن جا،
لاٿائون لطيف چوي، مٿان لوئيءَ لاک،
عُمر! ڪريو آک، پهريو ٿي پن چران."

▲

"واجهائي وطن کي، آءٌ جي هت مُياس،
تہ گور منهنجي سُومرا! ڪج پنهوارن پاس،
ڏج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي، منجهان ولڙين واس،
مُيا ئي جياس، جي ويڃي مڙه ملير ڏي."

لطيف سائين مارئي جي زباني فرمايو آهي تہ "اي عُمر تون منهنجي جسم، جان ۽ روح مان ديس ۽ ديس واسين جي پريت ڪيئن ختم ڪري سگهندين. مُنهنجي پريت ڪا ٿُلهن ڏاڳن سان ڳنڍيل ناهي، جيڪا اُدڙي سگهي، پر مُنهنجو پيار ۽ پريت تہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنهي ڏاڳي سان سِبيل آهي. مُنهنجي دل جي ڪَپڙي کي ديس ۽ مارن سان، بَخين سان سِبيو ويو آهي، جنهنکي ڪو بہ آساني سان اُديڙي نٿو سگهي.

سَنهي سُئي سبيو، منهنجو سانگين سين ساه،
وينـي ساريان سُومرا! هت گولاڙا ۽ گاه،
هينئون مُنهنجو هُت ٿيو، هِت منـي ۽ ماه،
پکن منجھ پساه، قالب آهي ڪوٽ ۾.

پوءِ ڪڏهن ايئن بہ ٿيندو آهي، جو ديس واسين جي ڪمزوري، ايڪي جي گهٽتائي ۽ نظريي جي گهٽتائي جي ڪري وطن جي آزادي ويرين جي وَر چڙهي ويندي آهي ۽ ديسي ماڻهو پنهنجي ئي ديس ۾ ڌارئي حملہ آور جو غُلام بڻجي ويندو آهي. لطيف سائين قومن جي غُلام بنجڻ جا سبب تہ بيان نہ ڪيا آهن ۽ نہ ئي اُن ڳالھ کي بحث جو موضوع بڻايو آهي، پر لطيف سائين ديس واسين کي غلامي جي نتيجن کان خبردار ضرور ڪيو آهي، ۽ ٻُڌايو آهي تہ جڏهن ماڻهو غُلام بڻجي ويندو آهي، تڏهن اُن جي سوچ، اُن جو دماغ ۽ ان جو جسم پنهنجي اختيار ۾ نہ هوندو آهي ۽ پوءِ ماڻهوءَ پنهنجي گهر ۽ پکن ۾ قيدي پيو لڳندو آهي. لطيف سائين فرمايو آهي تہ جڏهن آزادي هوندي آهي تہ ماڻهو جي دِلي ڪيفيت هي هوندي آهي:

نڪا جهل نڪا پَل، نڪو رائر ڏيھ ۾،
آئيو وجهن آهُرين، روڙيو رتا گُل،
مارُو پاڻ اَمُل، مليروُن مُرڪنو.

۽ جڏهن آزادي کسجي ويندي آهي، تڏهن ماڻهوءَ جي ڪيفيت



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيئن مون اڳ ۾ بيان ڪيو، هيءَ هوندي آهي.

بندي پيا قرار، اسين لوچيون لوه ۾،
متي تن ترار، سدا سانيئڙن جي.

غيرن جي حُڪمراني ۽ وطني ماڻهن جي محڪوميت تمام وڏين بُراين ۽ گُناهن کي جنم ڏيندي آهي. غير ملڪي ۽ بديسي حُڪمران جيئن ته دولت جو پوڄاري ۽ اقتدار جو بُکيو ٿيندو آهي، تنهنڪري هُن جي لُٽ ڦُر جو عمل رَعيت تائين به پهچندو آهي. مُلڪ جو هر ماڻهو ٻئي جو ويري بنجي ويندو آهي ۽ جائز ۽ ناجائز جو فرق مِٽجي ويندو آهي. حڪمرانن جي اُن عمل جي ڪري هر ماڻهو جي نظر ٻئي جي ڏن ۽ دولت تي هُوندي آهي ۽ پوءِ بدامني ۽ ڌاڙا، لُٽ ۽ ڦُر ديس واسين جو مُقدر بنجي ويندا آهن. لطيف سائين حڪمرانن جي اُن ٽولي کي نصيحت ڪندي فرمايو آهي ته:

جنھ سي لوڙائو ٿيا، جنين پر رهن،
مارو منجهه ٿرن، رهي رهندا ڪيترو.

▲

جنھ سي لوڙائو، جنين سندي ڏير،
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.

۽ جڏهن بدامني، ڌڪار ۽ نفرت وڌي ويندي آهي، ظُلم طاقتور بنجي ويندو آهي، حق، انصاف ۽ سچ ڪمزور ٿي ويندا آهن، تڏهن سچ جا ساٿي پنهنجي ڪکن ۽ ماڳ کي ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿي ويندا آهن. ظلم ۽ ڏاڍ هِنن کي ايڏو ڪمزور ڪري ڇڏيندي آهي، جو هُو پنهنجي زمين تي پنهنجي دفاع ڪرڻ جي سگهه به ساري



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ سگھندا آهن ۽ غير مُلڪي قبضي ڇمائيندڙ جي هٿان هار ڪائي پڇي ويچي ڪنهن اَمن واري زمين تي پناه جا ڳولائو ٿيندا آهن.
لطيف سائين فرمايو:

ڀُري نہ ڀڪر دانهن، پَونڻ پُٽڪو سٽان،
ميان! ماروئڙن جا، اوٺا ڏسان آنهن،
جن سانيڪا سنجيا، سي ڏٺي ڪرڙ ۽ ڪانهن،
پڪا ڪٺي پرانهن، جيڪس لڏيو لوئڙيارئين.

ماڻهو هجرت ۽ لڏ پلاڻ فقط ڏارئي حُڪمران ۽ غير ملڪي حملہ آور جي ڪري ئي نہ ڪندا آهن، بلڪ ڪڏهن ڪڏهن پنهنجن جي ڏاڍ مُڙساين ۽ اُره زوراين ڪان تنگ اچي ماڻهو پنهنجا ماڳ ۽ ڪک ڇڏڻ لاءِ مجبور ٿي پوندا آهن. ڌاڙن، چورين ۽ خوني حملن سبب بہ ماڻهو پنهنجي ڪان تنگ اچي، پنهنجا مُلڪ ۽ ماڳ ڇڏي ويچي، ڪو نئون اجهو وسائيندا آهن.

حضرت شاه عبداللطيف رحمت الله عليہ جن انساني تاريخ جَي هن تجربي کي بہ بيان ڪيو آهي تہ جڏهن ڪي بهادر ۽ اڻ موٺ انسان وطن جي آزادي جي سودي ڪرڻ لاءِ تيار نہ ٿيندا آهن، تڏهن هن کي ڏهڪاءُ ۽ ڏاڍ جي وڏي پيڙاءُ مان گذرڻو پوندو آهي. عام طرح سان ڪنهن بہ انسان کي ڪمزور ڪرڻ لاءِ ٻہ حَربا استعمال ڪيا ويندا آهن! هڪ خوف ۽ ٻيو لالچ.

لطيف سائين جن فرمايو آهي تہ ديس جا سورهہ ۽ وطن دوست ساٿي ڪڏهن بہ نہ لالچ ۾ ايندا آهنْ ۽ نہ ضمير جو سودو ڪندا آهن ۽ نہ ئي ناٿي وانگر بازار ۾ وڪرو ٿيندا آهن، نہ هنن کي لالچ نِوائي سگهندي آهي نہ ئي ڪين لالچ ڪان سواءِ ڏاڍ جو ڪو ٻيو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حربو؛ جيل، قيد ۽ سُورن جون سختيون ڊيڇاري سگهنديون آهن.
اهڙن اڏول انسانن لاءِ شاهه سائينءَ هن طرح سان بيان ڪيو آهي:

اِيءُ نہ مارُن ريت، جي سيڻ مٽائِن سون تي،
اَچي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪا نہ ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙيَن سين نہ مٽيان.

▲

سيل پَڃن جي سُومرا، مونکي مَت مَ آڇج مير،
تورين گهڻين، ڏينهڙين ويندِيس هُت همير،
مَچڻ مَنجهہ ملير، ڪنڌ مٽانهون نہ ڪٽان.

۽ جڏهن ڪي وطن دوست غيرتمند انسان لوڀ ۽ لالچ ۾ اچي ديس ۽ وطن جي عزت جو سودو نہ ڪندا آهن، تڏهن اُنهن تي ڏاڍ مُڙسي جا حربا آزمايا ويندا آهن. ماڻهي مَردن ۽ ڪونڌر جوانن لاءِ ڏاڍ ۽ ڏنڊاپيڙيون ۽ جيل جُون اونداهيون ڪوٺيون تيار ڪيون وينديون آهن، مگر ديس جا سچا شيدائي ڪڏهن بہ ڏاڍ آڏو نہ جُهڪندا آهن.

لطيف سائين فرمايو آهي:

ڳچي ڳانا لوهہ جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺين اندر ڪير،
چاري چوگانن ۾، واهيت ڪن وزير،
چِـن نہ چَجهي آهيان، اهڙي سٽ سرير،
مارُوءَ جام ملير، پُڄج ڪي پنهوار ڪي.

مضمون جي پُڄاڻي ۾ سُر مارئي ۾ بيان ڪيل لطيف سائين جي اُن فلسفيانہ نڪتي کي بيان ڪندس، جيڪو هڪ عالمگير سچ آهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جنھنجي سچائي کان ڪو بہ انڪار نٿو ڪري سگھي. انساني تاريخ جي ھن عالمگير سچائي کي لطيف سائين ھن طرح سان بيان ڪيو آھي: تہ جن انسانن جي ڪا زمين، ماڳ ۽ ڪا پاڙ نہ ھوندي آھي، اُھي انساني جذبن مان ھڪ اھم جذبي يعني 'احساس' کان خالي ٿيندا آھن. اُنھن کي نہ پنھنجو احساس ٿيندو آھي ۽ نہ ئي اُھي پاڻ تي ترس کائيندا آھن ۽ جڏھن ڌرتي تي ميگھ راڄا ساوڻ رُت ۾ ميگھ ملھار ڪندو آھي، تَلھ ۽ ترايون پرجي ويندون آھن ۽ سُڪا ساوا ٿي ويندا آھن، تڏھن ساوڻ جي ايڏي وڏڦڙي مينھن جي وسڪاري جو اثر اُنھن ڪَٺور دل انسانن جي پٿرين ٺوٺ دل تي بلڪل نہ ٿيندو آھي. ۽ اھڙن مڪروه ماڻھن جي احساس جي دل سدائين سُڪل رھندي آھي، لطيف سائين فرمايو:

ڌريائين ڌار، جي وڏي وڻ جُدا ڪيا،
تن سڪن ڪھڙي سار، تہ ڪہ اُنا مينھن ملير ۾.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ڪتيءَ وَٽيون ڪُٽيون

محمد حسين ڪاشف

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "ڪَتيءَ وَتيون ڪُتيون"

محمد حسين ڪاشف

مارئي سنڌ ڌرتي جو اهو مقدس ۽ عظيم ڪردار آهي، جنهن کي سنڌ جي سدا حيات شاعر لطيف جنهن اتساهه ۽ انداز سان بيان ڪيو آهي. انجو مثال ادب جي دنيا ۾ ملڻ محال آهي.

مارئي جي سُر ۾ دنيا جي هن عظيم شاعر ۽ مها ڪَوي ويهون واري چڙهيون آهن. فڪر جي لحاظ کان، انداز بيان جي خيال کان، صوري ۽ معنوي حقيقت کان هر لفظ، هر سٽ، هر بيت هر تصور واجب سجده آهي. لطيف جي ذات اندر جي انهي اولڙي جو عڪس ۽ پرتوي جي پچار آهي، جيڪو اُڏ مان ۽ اوتون ڏيئي جيءَ کي جهپيون ڏيندو، جهوريندو رهي ٿو:

"اڪ اشهد چاءِ تہ مسلماني ماڻهين"

جتي مارئي انساني آزادي پنهنجي ڌرتي سان محبت پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ تهذيب سان اٽوٽ انگ جي نشاني آهي. اتي هو ظلم، زور، زبردستي، ڏاڍ ڏهڪاءُ، جبر، غلامي ۽ سماجي ڪُنياءُ خلاف هڪ آواز ۽ آدرش آهي. لطيف پنهنجي ڌرتيءَ جي ماضي، حال ۽ مستقبل کي نظر ۾ رکي چئي ڏنو تہ:

"وطن جن وساريو، حيف تنهين کي هوءِ"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماروُ مٽ ملير جا، ساريم سيئي،
حب الوطن من الايمان“ اندر اهيئي،
پکن ۾ پيهي، پسان شال پنهوار کي.

تاريخ جي هر دور جي پنهنجي تقاضا، پنهنجو موڙ، پنهنجا معروضات آهن. ان ۾ اسان لاءِ لطيف کان وڏ پيو نہ ڪو رهبر آهي ۽ نہ وري وسيلو. پوءِ بہ جيڪڏهن اسان ان کي ڇڏي ٻاهر وڃي جهنگ آهوڙيون تہ اها اسان جي ٻاڻ لاءِ ستم ظريفي آهي. لطيف جي هيڏي وڏي فڪري ڪينوس جنهن ۾ ڪيئين رنگ ۽ موضوعن جي چترڪاري ڪيل آهي. مون فڪر جي ڏاري کي اهو موڙ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي تہ مارئي کي عمومي سوچ جي جامي ۽ مامر مان ڪڍي ڌرتي سان تشبيھ ڏجي ۽ انجو تعبير ڪجي، جيڪا اڄ صعوبتن سُهمن، ڏاڍاين ۽ ڏمرن، ۽ گهرَن گهاون ۾ قاتل ۽ ڦتڪندي نظر اچي ٿي. اهو سنگ جيڪو الست ۾ ارواحن جو آهي، ان کي جسد خاڪي جي عيوض ديس جي ماناٽي مٽيءَ سان ان جي نسبت ڪجي، جنهن ۾ ڪا قباحت ڪانہ آهي. ڇاڪاڻ تہ ڏيھ اها ڏِس ۽ ٻاڳن ڀري ڀونءِ آهي، جنهن ۾، جيءُ جنم ونئي اُسري ۽ نِسري، وڏي ۽ ويجهي ٿيو. ان جي آب ۽ خاڪ پاڪ چوڙي ماٽي وري ان ئي ڀُونءِ ڀيڙو ٿئي ٿو. آءٌ سمجهان ٿو تہ پنهنجي ديس کان مٿي انسان لاءِ ٻيو ڪو قالب ڪونہ آهي، جنهن سان هن جو الستي انگ اٽڪيل ۽ اڙيل آهي، جيڪو، ميثاقان مهند بہ هو تہ اڄ بہ آهي. ان کي نڀائڻ ۽ نستون ڪرڻ اسان جو فرض آهي.

ٿر ڄائي ٿاريلڻ تاريخ جي اندر ظلم ۽ ڏاڍ جي آڏو ڪنڌ نہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهڪايو. پنهنجي پڪن سان پريت جي پچار ۽ لاڪ پري لوئي جي لڄ رکي، سنڌ ڌرتي جو تاريخ ۾ جيڪو مانُ مٿاهون ڪيو، ان جي عظمت کي سلام آهي. مارئي جي جنهن سونهن ۽ سوپيا عمر جو چت چريو ڪري وڌو ۽ هو ظلم تي لهي آيو. انهي حسن جي حقيقت جي اپٽار ضروري آهي. ”ميون شاھ عنات“ سندس سونهن کي بيان ڪندي فرمائي ٿو ته:

سِڻ ڏيو سر جهوپڙين اُيي اَجوهي،
اڱڻ منجھ عِنات چٽي پٽي پاپوهي،
ڪُوٽي پانهون ڏي، لوڪان ليکي وڄڙي.
(شاھ عنات)

—— ▲ ——

سڻ ڏيو سر جهوپڙين اُيي جو هِي جوءِ،
سا وِڃون پَسي وِماسيون، جا سُونهن سَندياءِ هوءِ،
اَوهس پسيو اُتهين، پَتنگ سَيڪو پوءِ،
جڏهن مارئي مٿو ڌوئي، تڏهن سورج سونهن جهڪو ٿئي.
شاھ عنات

ليڪن لطيف هڪ ئي بيت ۾ ٿر جي ٿاريلي جي سونهن جي جيڪا ستاءُ بيان ڪئي آهي، انجو مثال ادب ۾ محال آهي.

اُپريو آس ڪري، ساٿيھ مٿان سِڄ،
پکي منجھ پَدمٽي، ڏي ورا ڪا وِڄ،
جهڙي صورت سِڄ، تهڙي مُورت مارئي.

خليفي قاسم بہ ان ڏس ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي آهي:
ابر منجھ اُهاءُ ٿيو، ڪامڻ ڪٺندي ڪَنج.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه عنات، شاهه لطيف يا خليفي قاسم، مارئي جي جنهن سونهن ۽ سوبيا، جو ذڪر ڪيو آهي، ان کي سنڌ جي سيتلتا ۽ حيرت ۾ وجهندڙ حسن چئجي ته بجاءِ آهي. جنهن سونهن يونانين جو وات پاڻي ڪري وڌو، آرين، ايرانين، ۽ عربن جون گگون ڳاڙي وڌون، جيڪا پنهنجي ملوڪت ۽ سڦلتا جي جي ڪري تاريخ جا ڳهاءُ جهليندي رهي آهي. اڄ به انهي نظر ئي هيٺ مٿس وار آهن. ليڪن تاريخ شاهد آهي ته، وارن ڪرڻ وارا هن ڌرتي هميشه ڌڪي ڇڏيا. اڄ نه آريا آهن نه اشڪاني نه عرب نه يوناني، نه ارغون ۽ نه انگريز، ڇو ته هن مانائتي مٽيءَ تي ظلم ڪرڻ وارن لاءِ ڪڏهين به جاءِ نه رهي آهي نه رهندي.

جيئن ملير ڄائي ٿر جي ٽاڪن ۾ وڏي وڏي ٿي، وينهن ۽ ويڙهيچن جي ويڙه ۾ پلي پختي ٿي، سانگين ۽ سرتين سان سانيپڙو تي پلر پريا پٽ که ۽ ڪٿوري جين واسيائين. تيئن سنڌ ڌرتي جي خوشبوءِ تاجدار مدينه کي پڻ آئي، ڪلمه جي مارئي پالٽي پنهوار جي ڄائي هئي، ته اڄ جي سنڌ مارئي موهن جي دڙي جي مهان ۽ مک مٽي سون ورني سيم آهي، جيڪا ڌاڙن جي ڌهڪاءُ ۽ دهشت گردي جي دام ۾ ڦٿي، ڇڇري پئي آهي. سندس سَنڌ، سَنڌ ساٿو ۽ جيءُ جُهريو پيو آهي. ان هوندي به آکندي رهي ٿي ته:

جي لوڻ لڳن لائين، ڇيري ڇم، ڇم،
مون ڪو اگي نه ڪيو، اهڙو ڪوجهو ڪم،
جان، جان دعويٰ دم، تان، تان پرت پنهوار سين.

اڄ، جنهن لاءِ مياس سي ڪانڌي ڪين ٿيام واري ڪار آهي. انهي حال کي هينئين سان هنڊائيندي پنهنجن جي پرڪارن کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَسندي ڏوراپو ڏئي ٿي تہ:

لِينگڙيدي لوءِ ۾، جنهن لاءِ ٿياس،
تَنهين تان تِر جيترو پَلڪ آءٌ نہ پُڇياس،
جهروڪن جهوريو هِنيون، ڪوٽن آءٌ ڪُٺياس،
مارُن موجهہ مارياس، نات ماڙين ماريس ڪينڪي.

آئون تہ مارن لاءِ پيئي مران پوءِ بہ خبر نہ آهي تہ مارو ڇو منهن مٽي ويا.

"ماڙين ماريس ڪينڪي، مُيس مارن لاءِ"

ڇا منهن جي اها آه، جيڪا مون ڪوٽ ڪيرائڻ لاءِ ڪئي، ان جو لوءِ ۾ ڪو پڙلاءُ ڪن نہ پيو آهي. اهي دودا ۽ دلير ڪٿي، اهي سوڍا ۽ سپوت ڪٿي. اهي مانجهي ۽ مٿير ڪٿي، وريام ۽ واهرو ڪٿي. جوڌا ۽ ڳوڌا ڪٿي. ڪوپا ۽ ڪنڌار ڪٿي. اهي ڏاتي ڏول ڪٿي. اهي راول ۽ رتول ڪٿي جن منهن جي ڪک مان جنم وٺي آرين کي اُرهہ سامهون ڪيو، سڪندرسان سينو ساهيو، اشڪانن تي اُلرَ ڪئي. ديبل تي دهمان ڪرڻ وارن سان مهاڏو اٽڪايو. ڪرڙي کي رت جو ريج ڏنو، اهي پاپوهيا پنهوار ۽ سنڌ جا سوڍا پٽ ڪٿي جن جي هڪل ۽ هٽڪ موهن جي ماگ ڪان مڪلي تائين ڪاڇي ڪان ڪارونجهر تائين، ننگر ڪان نُهٽي تائين ڪلاچي ڪان ڪشمور تائين پئي پوندي هئي. انهن ونهين ۽ وريامن لاءِ مارئي جو من وسوڙل ۽ وياڪل آهي. ڪٿان ڪانہ ڪوڪ ٻُري ۽ نہ پنهوارن جو پڙلاءُ ڪن پيو، اوٽي تي اُڀي چوءِ ٿي تہ:



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"الله اوٺي آڻ، جيکي نياپا نينھِ"

سيڻن ۽ سيبڻن واھرن کي نہ ورندو ڏسي، قريبن جي ڪانگل کي ڏسندي چيائين تہ:

ڪنگل لنوي ڇُوءِ، منھن جي مارئڙن کي،
ڇانگا ڇڇي ڇيلڙو، جي ويو ڪنھن جو ھوءِ،
صحيح وڙولجي سوءِ، آئون ڪيڻن ويس سري.

ڇا ھيڏي ساري سنڌ مارئي اوھان کي وسري ويئي، جنھن کي "سون برابر سڳڙا ڀانھن ڀڏائون" اڄ ان کي ڳچي ڳانا لوھ جا آھن، پازيبا پيرن جي عيوض پيڪڙا پيرن ۾ پيل آھن. جنھن جو قالب ڪوٽن ۾ قابو ۽ زور پرين زنجيرن ۾ آھي. جا چوي پيئي تہ:

ڳچي ڳانا لوھ جا، زيرون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٽين اندر ڪير،
چاري چو ڳانن ۾، واھيت ڪن وزير،
ڇن نہ ڇڇي آھيان، اھڙي ست سرير،
مارو ڇام ملير، پڇج ڪي پنھوار کي.

—— ▲ ——

باوجود انھن ڏاڍين ۽ ڏمر جي پنھنجي پنھوارن جي پچار ۽ سانگين جي سار ڇڏڻ مون لاءِ عيب آھي. ھو ڇنين آئون ڳنڍيان، ھو مارين آئون جياريان، ھو وسارين آئون ساريان، ڇو تہ جتن جي جاڙ ھوندي بہ ھي سڱ ڇنڻ جھڙو نہ آھي. آئون سيل ۽ ست جو سنبل آھيان. عمر جي ارڏاين، وزيرن جي واھيت ۽ ڪوٽن جي ڪڙ ھوندي بہ مون پنھوارن جي پچار ۽ پچر نہ ڇڏي آھي، ڇو تہ انھن جي جڙ جان ۾ ريءَ لھار لڳال آھي:-



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آئون ڪيئن چڏيان سومرا، تن پنهوارن پچار،
جِڙ جنهين جي جيءَ ۾، لڳي رِيءَ لُهار،
ميخون محبت سنديون، هينئڙي منجهه هزار،
پکا ۽ پنهوار، ڏٺي مون ڏينهن ٿيا.

▲

مارئي جنهن جي سونهن ۽ سوڀيا، سيتا جو سچ ۽ سيل آهي. انجو منهن ملور آهي، ڏوراپو ڏيئي چئي رهي آهي تہ جن سان جنب گذاريم ۽ جن کي جنم ڏنم اهي ڪٿي آهن:

متي تر رهي ويا گذاري ڏينهڙا،
موتي منجهاران ڪانہ ڪا تن پنهوان پهي،
ويا سب وهي، جنب گذاريم جن سين.

▲

اهي ٿاڪ ۽ ٿاڻان جهوپا ۽ جهوپڙيون، لوڙها ۽ لانديون، چونئرا ۽ چوڪنديون دهمان ۽ دهشت گردي سبب وماسيل ۽ ويران آهن. ڏاڍ ۽ ڏهڪاءُ کان هراسان ۽ هيسايل آهن. عمر جي اُور ڪري سانگهين جا ساٿ ڪاهڙ ڏانهن ڪِدائون ڪٿي ويا:

ڪاهڙ ڏانهن ڪٿي ويا، ڳالهيون ڳُڻ چڏي،
سَنڪي سَندي سومري ويا، راڄ لڏي.
ويچي وينا ويڙهئين، آجايون آڏي،
آءٌ پري پاڳ وڏي، ملنديس مارئڙن کي.

▲

ڪاهوڙيان ڪٿي منهنجا ويڙهيچا ويا،
لنگي لڪ لطيف چئي، پرئين پر ٿيا،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڏيون جاڙ جِيان، منهن ڏنم مارئين.

—— ▲ ——

كاهوڙيان كٽي ويا رهيا ڏِنَان دُور،
سپ لڏايا سومري، عمر كري اُور،
وڏي كنهن ضرور، مارن ملير مٽيو.

نہ وره وندڻ وارو نہ سورن سلڻ وارو كنهن كي ڏوراپا ڏجن. كنهن تي ميارون مڙهجن، تہ هو تن مان سان هينئن كيو.ظلم ۽ زوري سبب كاهوڙ خالي ٿي ويو. كرهن تان سنگهار ،ستائون ئي كٽي ويا.

عُمر ٿيم اپار ورِه وتيان كن سين،
سي ڏوٽيئڙا ڏور ٿيا ٽِڳان جن تنوار،
سِتائون سنگهار، كرهن تان ئي كٽي ويا.

اڄ انهن پنهوارن جا پڊ ۽ جهانگين جا جُهوپا خالي ڏسيو لُڙك لڙيو پُون.

كاروڙيان كٽي ويڙهيجهپ ويا،
سيڻ منهنجا سيد چئي هتي تان هٿا،
پسي پڊ تنهين جا لڙي لڙك پيا،
ڏيهي ڏور ٿيا، ڏيان ڏوراپا كن كي.

سنڌوءَ جي سرير كان كنهن پڇيو آهي؟ جيكو "تاندين كاندين باهرين بچان مربيئي" وانگيان آهي. "پاڙي ناه پروڙ تہ كا رات رڃائي گذري" واري كار آهي. پاٿيا ريون ۽ پنهوار پنهنجي سانگين ۽ سيڻن كي كٽي ڳولين سندن لاءِ راهون ۽ رند، پيچرا ۽ پنڌ، گس ۽ گام گم آهن. جو اباڻن ڳٺن جو ڳوپ ڏنو



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ظاهر ڪن ٿيون، تهڙي ريت ڌرتي جا حالات ان جي تاريخ ڪيفيت جا اهڃاڻ آهن، انهن کي پرروڙڻ ۽ پڙهڻ ضروري آهي. جيڪا بہ قوم يا فرد انهيءَ ڪيفيت جا اولڙا ۽ ڌرتي جي دانهن ۽ ان جي سوچن جي عمل تي ڪو ڌيان نٿي ڌري ۽ انهن وارتائن کي نٿي ووڙي تہ اها ان قوم جي بدنصيبي ۽ زوال پذيري جي نشاني آهي.

لطيف انسان جي انهي زوال پذيريءَ جو قائل نہ آهي. پر بجاءِ ان جي هو "تتي ٿڌي ڪاه ڪانهي ويل وهڻ جي" جو درس ڏيندڙ ۽ "مٺي مَتي مهراڻ ۾ پٺو تهيو ڏيٺي" جي پڪار ڪري ٿو. مارئي جي مام ۾ اسان کي ملڪ، ماحول، جدوجهد، انقلاب مطلب تہ وسيع بنيادن تي انهن ڳالهين کي ڳولڻ ۽ انهن لاءِ سوچڻ گهرجي جيڪي انساني روين، طبقاتي ورتاءُ ۾ مناسب تبديلي لاءِ هن ڌرتي تي ضروري آهن. اسان کي پاڻ تي پنهنجي وجود تي، پنهنجي ماحول تي پنهنجي ڌرتي تي هڪ نبض شناس حڪيم جيان نظر وجهڻ گهرجي ۽ پنهنجي قومي ۽ فڪري ورثي جو محاسبو ڪرڻ گهرجي تہ ان کي ڪيڏانهن گهليو ۽ نيو پيو وڃي. سنڌ جو سانگي ۽ وانگي نہ ڪڏهين ويڙهو رهيو آهي ۽ هو موهن جي دڙي کان وٺي اڄ جي دؤر تائين امن جو پيغامبر ۽ پرچارڪ رهيو آهي. سنڌ نرصوفين جي سرزمين آهي. سنڌي هڪ صالح ۽ امن پسند قوم رهي آهي. ليڪن انجو جيڪو ڪيس اتريلي رهيو آهي. اهو نهايت روح فرساءِ ڏکوئيندڙ آهي. اڄ ڌرتي جا ڏٺي انيڪ وار تائن ۾ وڪوڙيل ۽ ذهني طور وسوڙيل آهن. نہ هن ڌرتي جا شهر هنن جا آهن نہ واهڻ جون واٽون هنن لاءِ محفوظ آهن. زنده رهڻ جي ڏوهہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪئين ڪير ۽ ڪلا هنن جي سيني تي هينا ويا آهن. حسرتن جا ڪنول ڪومائجي هر هنڌ ڪري رهيا آهن. ان ڏاهه جو ڏس ڏيڻ اسان جي اديب عالمن دانائن ۽ دانشورن جو ڪم آهي. قلم ئي هڪ اهڙي قوت آهي، جيڪا چنگ چوري مارئي جي انهي موجهه کي مانو ڪري سگهي ٿي.

”ڪڏهن ورندو واءُ، ڪڏهين وسندا مينهڙا“

تاريخ جا فيصلا اٽل هوندا آهن. انهن کي ڪير به روڪي نٿو سگهي. ماڻهوءَ جي مسلسل پيڙا هن کي زنده رهڻ جي رجحان ڏانهن مائل ڪندي پوءِ هو ان لاءِ ڪهڙو فيصلو ڪري؟ اهو ان جي صوابديده تي ڇڏيل آهي، ته ڪهڙو به رستو اختيار ڪري. ان لاءِ ڪيس ڪوبه مجبور ڪري نٿوسگهي. تاريخي حقائق مصروضي حالات مان جنم وٺن ٿا. معروضان جي انهن اسبابن کي جيڪڏهن سياسي ۽ اقتصادي، تمدني ۽ ثقافتي تناظر ۾ سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي ويئي ته اهو وڏو وٺاهه آهي. تاريخ جا انقلاب ۽ ماڻهوءَ جون سوچون هميشه تاريخ جي انهن ڏارن جي لاهي ۽ چاڙهي جي بنيادن تي پيدا ٿين ٿيون. انهن مان سڄاڻ ۽ ڏاها ماڻهو قومي سڦلتا لاءِ گل چونڊيندا آهن. ۽ انهي روشني ۾ قومن جي مستقبل جي لاٽ ٻاريندا آهن. اهي ڏياٽيون جڏهن هر هنڌ روشن ٿين ٿيون، تڏهن سڄو سماج ان سان منور ٿي وڃي ٿو. ۽ فرد کي تاريخ ۾ پنهنجو مستقبل سهائو نظراچي ٿو. ليڪن ڪڏهن، ڪڏهن سوچن جا غلط ڏارا تڪيه جي بنياد تي قومي قافلي کي منزل تي پهچائڻ جي بجاءِ رڻ ۾ رلائي ڇڏيندا آهن. ليڪن صحيح فڪري اوسر هميشه ساٿ کي سهنجو ڪري منزل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي پهچايو آهي. تاريخ ۾ اندر ظلم سدائين ڌتڪار ۽ لعنت جو حقدار رهيو آهي. پوءِ اهو ڪنهن جي به طرفان هجي. ۽ انجو ڪرڻ وارو ڪير به هجي. ناانصافي، ناانصافي آهي. عدل، عدل آهي. سچ، سچ آهي. حق، حق آهي. لطيف انجو اظهار هر موڙ تي ڪيو آهي. ان کي سماجي تناظر ۽ تاريخي تقاضا جي روشنين ۾ بيان نه ڪرڻ ۾ اسان جو اوهانجو، سڀني جو ڏوهه آهي. جنهن کي نه آئنده جو مؤرخ معاف ڪندو، نه وري اسانجو نسل، اسان ۽ اوهان کي بخشيندو. معروضات مان حال جي حقيقت جي اورڪ اورڻ اسان سڀني جو فرض آهي. لطيف لڄ پال آهي. هن جو اکر، اکر ضمير لاءِ ضرب آهي. اڄو ته ان کي اڄ جي آئيني ۾ ڏسون ۽ پاٿپٽي جي خول کي پري ڪري مارئي جي انهي مام ۽ مامري کي ڳوليون، جيڪا ويڙهيچن جي واهپ لاءِ واجهائي رهي آهي. سنڌ جي ڪکِ ايڏا سائي آهي. ان لاءِ لطيف جي هن لفظن تي يقين آهي ته پنهوار پکي پيهي ايندا ۽ سنڌ جي اها سونهه جيڪا مارئي جو مُهت ۽ مانُ آهي. اها جڳن جا جڳ قائم رهندي.

ملیران مارو، پکي پيهي آيو،
وريا واهارو، هاڻو سب هيٺا ٿيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جي ڪرهستي زندگي

ولي سروري

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# "مارئي جي گرهستي زندگي"

ولي سروري

مونکي عالم هجڻ جي دعويٰ هرگز نہ آهي. شاهہ سائين جي شاعري سان بي پناهہ عشق اٿم، ان عشق جي عالم ۾ هڪ نئون نڪتو نظر آيو آهي، جيڪو شاهہ جي شيدائين آڏو عرض رکان ٿو، ان لاءِ مون وٽ ڪي تاريخي ثبوت نہ آهن، البت شاهہ سائين جي شاعري خصوصا سرمارئي مان حوالي طور ڪي بيت پيش ڪندس.

اسان وٽ جيڪا ڪهاڻي دهرائجي ٿي سا اِها تہ مارئي جا مائٽ غريب هئا. سندس نندپڻ ۾ مڱڻو کيت سان ٿيو. ڦوڳ وٽن ملازم هو. تنهن بہ اِن سڱ لاءِ ڪوشش ڪئي. ناڪاميءَ جي صورت ۾ وڃي عمر سومري کي پڙڪايائين، جيڪو اَڳ ڏٺو عاشق ٿي مارئي کي پنيرڪي کان اڳ رات جي ڪاراڻ جو فائدو وٺي کوهہ تان زوريءَ کڻي ويو. هَر حيلي سان مارئيءَ کي پٽ راڻي بنائڻ جي ڪوشش ڪيائين ۽ نيٺ هارجي مارئيءَ کي آزاد ڪيائين، جنهن کي وٺڻ لاءِ سندس مڱيندو کيت آيو هو.

اهو تہ سچي سُرمارئيءَ ۾ ڪٿي بہ ڦوڳ جو نالو ڪو نہ ٿو اچي. پيو تہ کيت جيڪو مڱيندو چيو وڃي ٿو (کيت جي هجي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

KHAIT تينديو ۽ نہ KHET) تنهنجو نالو بہ مارئي سڏو سنئون نٿي وٺي. اسان جي ٿري سماج ۾ اڄ بہ ايئن آهي تہ مڱيندي جي شهر، ذات، قوم يا سندس نالو هرگز نہ ورتو ويندو آهي. جيتري قدر گهرواري جو تعلق آهي تہ ان لاءِ سنڌيءَ سڀاجهڙيءَ ۾ هر مزاج ۽ هر مهل مطابق نالا آهن. مثلا ور، ڪانڌ، مڙس، محبوب، سپرين، وَلهو، ڏڻي، مالڪ، خاوند، گهروارو ۽ انيڪ اهڙا ٻيا.

اسان جي هن سماج ۾ اڄ بہ مڱڻي ۽ پرڻي جي وچ ۾ لائون يا مٿاميڙ جي رسم آهي ۽ اُن بعد ڪنواري ڪنجروپائي ور وريتي ٿيندي. ان رسم بعد ان کي ڪنواري يا مڱيل نہ چئبو پر وني، وهہ، زال، استري، نار، منڌ ۽ اهڙن ٻين لقبن-لفظن سان ياد ڪبو.

شاهہ لطيف جي ڪلام ۽ خاص ڪري سُرمارئي ۾ انهن رسمن ۽ نالن جو ذڪر اچي ٿو. سُرمارئيءَ جي ڪنهن بہ بيت مان ثابت نٿو ٿئي تہ ڪو مارئي مڱ آهي، ۽ مارو عرف کيت مڱيندو آهي.

سون برابر سڳڙا، ٻانهن ٻڌائون،
مون ماروءَ سين لڏيون لوئيءَ ۾ لائون،
ڪيئن ڪري قبوليان، عمر کي آئون،

هن بيت ۾ شاديءَ جي خاص رسم لائون جو ذڪر آهي. ثابت ٿيو تہ مارئيءَ کي مڙس ڏنو ويو هو، جنهن ڪري هاڻ هوءَ عمر کي خاوند واري حيثيت ڪنهن بہ طرح ڏيڻ لاءِ تيار ناهي.

ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو، ڪٿيروئي خوب،
ميروئي محبوب، اسان مارو ميڃيو.

هن بيت ۾ ڪٿيرو ڪانڌ قبوليو ويو آهي، جيڪڏهن ميرو آهي، تڏهن بہ محبوب آهي ۽ ماروءَ سان قبول وايجاب جي رسم مڪمل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيکاري ڇيو ويو آهي تہ "اسان مارو ميچيو"

آءُ ڪيئن سوڙين سمهان، مون ورگهاري ولھ
ڪٽيري تان ڪِل، عمر ڪڇ مَ ايهڙي.

هن بيت ۾ بہ مڙس يا گهر واري جو نالو "ور" استعمال ٿيو آهي. نہ فقط ايترو پر عمر جي آڇ قبول ڪرڻ جي صورت ۾ ڪٽيري تان ڪل ٿيڻ جو ڊپ بہ ڏيکاريل آهي، جيڪو وريتيءَ لاءِ ٻنهي ورتا ۾ ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونهي. پاڻ عمر کي ايلاز ٿا ڪجن تہ ميان منصف ٿجانءِ، اهو ڪڏو ڪم نہ ڪجانءِ.

عمر اڇا ڪپڙا ڪانڌ ياريون ڪيئن ڪن،
جني جا ٿرن ۾ وَر ٿا ويڻ سهن،
هوءِ جي حق پيچن، سي ڪيئن ستيون سومرا.

مون عام پڙهنڙ کي ڇڏي ڪاٿياريون جي بدران ڪانڌ ياريون لکيو آهي. اِها پُل ڪانهي پر ويچار بعد هڪ وٿ آهي ۽ هي موقعو ڪونهي جو ان تي بحث ڪيون.

عمر بادشاھ قبول ٿو ڪري تہ مارئي مڙس واري آهي، ڇو تہ مڙس يعني ڪيت بابت "گم شده" جي شرعي رعايت وٺي، ٻہ چار عدت جا مهينا اَڇا سوءَ جا ڪپڙا اوڍي ۽ پوءِ عمر کي حق ڪري ۽ پلئہ وٺي؟ يا متي چانو ڪري. پر سپ تاري سنڌي سورمي "گمشده" جو مفروصو قبول نٿي ڪري ۽ ايئن ڪري بہ ڪٿي، پر حق پيچڻ ڪان پوءِ ستيءَ جو ست سيل نہ رهندو.

سهسين سيبا ڪنجري لوئي ليڙون ليڙ،
ماروءَ جي مهاڙ ريءَ اندر ناھ اُڪير،
ههڙو حال همير، وني ويندس ويڙھ ڏي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن بيت ۾ آيل لفظ ”ڪنجرو“ ڏيان ڌو چڪائي،
ڀٽن پر هوندا ڀونگا ڀڙ ڀتا رجا.

هن بيت ۾ بہ لفظ ”ڀتار“ سوچڻ جهڙو آهي. مارئيءَ کي عمر بادشاہ سان هزار شڪايتون هونديون، پر عمر بادشاہ پنهنجي پيءُ همير سومري جهڙو عياش ۽ ”زن پسند“ نہ هو. اهو هڪ الڳ بحث آهي جنهن تي الڳ مضمون لکبو.

محلين ماندي مارئي نہ کلي نہ کاءِ،
عمر جي اوصاف جا ويٺي واسا ما ڳاءِ،
هيءَ جا ڪيڏ هاءِ، سا مهندا ايندءِ منهن ۾.

---

پٽ نہ پهريان سومرا، جان ڪي تي جيان،
آءٌ ڪيئن لوئي لاهيان ڪارڻ ٻن ڏينهان.

---

محلين ماندي مارئي ڏنم منهن ملور،
اٽيا سٽيا نہ ڪري، سونهن وڃايس سور،
چت جني جا چور، مکي مرڪ نہ ڪنديون.

بدل سذل ڪهاڻيءَ ۾ چور جا ڀير نشانيءَ طور ظاهر ٿي پيا آهن. آکاڻيءَ جي آخر ۾ ڏيکاريو ويو آهي تہ ڪيئن آيو ۽ مارئي کي ڪوٽ مان ڪڍي اُٺ تي چاڙهي وٺي ويو. حيرت جو مقام آهي، جنهن سماج ۾ مڱيندي کي ٿوموڪلجي تہ وڃي پنهنجي مڱ وٺي اچي؟ يقينا اهو ڪم حق يا ڪانڌ تہ ڪري سگهي ٿو، پر ڀيو ڪو بہ نہ.

جا عمر تو ملِ عيد سا اسان سوءَ وتي سومرا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ عورت لاءِ جيڪي دلچسپيون هونديون آهن؛ تن ۾ وڏي گهر هجڻ، زر، زيور، خوراڪون، نالي وارو ڪانڌ، وڏي اهميت رکن ٿا. مارئي انهن مڙني کي تياڳي نابري واري، سنڌي عورت جو آدرش بنجي ويئي آهي.

جي لڳين لوڻ لائيين چيري چيري چم،
مون ڪر ڪڏهن نه ڪيو اهڙو ڪوجهو ڪم.

جيڪڏهن مون ڪچ ڪمايو آهي ته اوهان صراف آهيو. اِن کي سچ ڪيو

گمان بر کہ بمنزل رسید کارمغان
هنوز باده نا خورده در رگ تاک است.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جي موٽ ۽ ملير جو تصور

بدر ابڙو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئيءَ جي موت ۽ ملير جو تصور

بدر ابڙو

عمر مارئيءَ جي لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ چيو ويجي ٿو تہ جڏهن اَمر ڪوٽ جي حاڪم عمر سومري کي اها خبر پئي تہ مارئي سندس پيڻ آهي، تڏهن هن مارئيءَ کي ملير موٽائي ڇڏيو. ان ڳاله ۾ ڪيتري سچائي ٿي سگهي ٿي؟ ان جو جواب اڄ پاڻ پنائيءَ جي شاعريءَ مان ڳولهينداسون. ٻر جي مختلف حصن مان مارئيءَ جي پيدائش يا سندس ماءُ ماڏوئيءَ سان پيش آيل واقعو مارئيءَ کي عمر جي پيڻ قرار ڏيڻ لاءِ ڪافي سمجهيو ويجي ٿو، پر مارئيءَ جو حسب نسب اڃان تائين بحث هيٺ آهي. ملير جو ماڳ بہ هيل تائين طئي نہ ٿيو آهي. پيو تہ نهيو ماڏوئيءَ سان منسوب ڪٿائن ۾ بہ تضاد آهي. مارئي لاکي ڦلاڻيءَ جي ڌي بہ چئي ويجي ٿي. انهن مان ڪهڙي ڪٿاڪي صحيح سمجهي ۽ ڪهڙيءَ کي غلط؟ يا ماڳهي هر ڪٿا تي شڪ ڪجي؟ بدقسمتيءَ سان سنڌ جي تاريخ اسان کي اڻپوري، ٽڪرن ٽڪرن ۾، واقعن جي تضادن ۽ محدود حدن ۾ ملي ٿي، جنهن ڪري اسان ڪنهن بہ ڪٿا کي "يقيني" قرار ڏيئي نٿا سگهون.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارئيءَ جي قصي بابت اسان کي وڌ ۾ وڌ تفصيل ڀٽائي جي سر مارئيءَ ۾ ملن ٿا، يا وري اهي ڪتائون آهن، جيڪي ٿر جي مختلف ڀاڱن ۾ ملن ٿيون. اڄ تائين عمر مارئيءَ جي قصي کي "عشقيه داستان" ڪري سڏيو ۽ لکيو ويو آهي. پر ڇا سچ پچ ان کي عشقيه داستان چئي سگهجي ٿو؟ عمر سومري جي ذهن تي سوار شيطانيت ۽ عمر جي خلاف مارئيءَ جي ذهن ۾ موجود نفرت کنهن به صورت ۾ عشق جي دائري ۾ داخل ٿي نٿا سگهن. مومل راڻي، سسئي پنهون، سهڻي ميهار ۽ نوري ڄام تماچيءَ جا قصا يقينن "عشقيه داستان" جي دائري ۾ اچن ٿا، پر عمر مارئيءَ جو قصو بنهه مختلف محور تي ڦري ٿو.

ڀٽائيءَ پنهنجي سڄي شاعريءَ ۾ اهڙو ڪوبه بيت نه ڏنو آهي، جنهن سان ان ڳالهه جي تصديق ٿيندي هجي ته عمر سومري مارئيءَ کي پنهنجي پيڻ ثابت ٿيڻ کانپوءِ آزاد ڪيو. نه ئي ڀٽائيءَ کنهن به هڪ بيت ۾ اهڙو اشارو ڏنو آهي، جنهن مان اهو پڌرو ٿئي ته ڀٽائي پاڻ به ان جواز يا ڳالهه کي درست سمجهيو هو. هُن البت اهڙا واضح بيت لکيا آهن، جن مان مارئيءَ جي آزاديءَ جا ٻيا جواز ۽ سبب سامهون اچن ٿا.

ڀٽائيءَ جي شاعريءَ مان ظاهر ٿيندڙ جوازن تي اچڻ کان اڳ، اسان کي اها ڳالهه ضرور ذهن ۾ رکڻي پوندي ته ڀٽائيءَ جي سماجي دانشور واري حيثيت اُتاهين هئي. لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ هڪ هڪ اکر سوچي سمجهي ۽ توري تکي استعمال ڪيو آهي. ساڳي طرح ڀٽائيءَ جيڪي لفظ توڙي خيال نظر انداز ڪيا آهن، اهي به غير اهم ۽ اڻ-لاڳاپيل ڀانئي نظر انداز ڪيا آهن.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچي ساري شاعريءَ ۾ عمر لاءِ فقط هڪ چڱو ريمارڪ نظر اچي ٿو، سو بہ ان وقت جڏهن هُن مارئيءَ کي آزاد ڪيو:

"توکي توڙائين لِکي عمر! اَچائي،
جنهن تو ساماڻي، مامَ نہ ڀڳي مارئين."

پر، ان مان بہ ان جواز جي ذري برابر بوءِ نٿي اچي، جيڪو عام طور تي ڪٿا جي صورت ۾ آهي.

عمر مارئيءَ جي ڪٿا ۾ ٽيون مکيہ ڪردار "ملير" آهي، جيڪو مارئيءَ جو ملڪ آهي. پر، ملير نالي جو ڪوبہ ڳوٺ يا علائقو سچي ٿر ۾ ناهي. ٻئي طرف "مارئيءَ جو کوه" ڳوٺ ڀالوا ۾ ٻڌايو وڃي ٿو، پر ڀٽائيءَ سچي شاعريءَ ۾ ڀالوا جو ذڪر نہ ڪيو آهي. تہ پوءِ ملير ڇا آهي؟ ۽ مارئيءَ جي ملير ڏانهن موٽ ڪيئن ٿي؟

اصل ۾، اهي ٻئي سوال اصل لوڪ ڪٿا کان وڌيڪ ڀٽائيءَ جي ذهن ۾ موجود آدرشي سماج تائين رسائي ڪندڙ آهن. ۽ ڀٽائيءَ وڏي مهارت سان اَمرڪوٽ جي رياستي جبر ۽ سياسي، معاشرتي سرشتي جي مخالف ڪري، فطري، آزاد، ماڻهپي واري ۽ رضاڪاراڻي رياست ۽ مملڪت جو تصور پيش ڪيو آهي. سر مارئيءَ ۾ بہ سرشتا واضح طور نظر اچن ٿا. هڪ، اَمرڪوٽ جو رياستي جبر وارو سرشتو، جنهن ۾ قلعا قيد، واهيت ڪندڙ وزير، ڏنڍاپيڙيون، دڙڪا، لالچون، مارونئڙن جون بيدخليون ۽ اغوا جون وارداتون آهن، تہ ٻئي طرف مارو ماڻهن جو پنهنجو فطري سماج آهي، جنهن ۾ پورهيو، ڏٿ، مال، مانڌاڻيون، سِيل سَت، رُسڻ پرچڻ، نہ جَهل نہ پَل، فطرت سان ويجهڙائپ ۽ پنهوارڪي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پَت آهي.

اَمر ڪوٽ واري سرشتي جي صورتحال اِها آهي تہ اُن خلق کي آزاري وڌو هو ۽ عمر سومرو راڄائي ذميوارين وساري، پرڄا جي ڄڃن ۽ ملڪيتن ۾ اک وجهي ويٺو هو. اهڙي صورتحال ۾، سواءِ اِن جي تہ عوام جبر جي حدن مان چپ چاپ نڪري وڃي يا مزاحمت ڪري، ٻي ڪا واٽ نہ ٿي بچي:

"جُة سي لوڙائو ٿيا، جنين پَر رهن
مارو منجهہ ٿرن، رهي رهندا ڪيترو؟"

اَمر ڪوٽ جي حڪومت جي انداز تي ٻہ هڪ نظر وجهجي تہ اهو مارشل لا جي بربريت کان ڪيئن مختلف ٿي سگهي ٿو:

ڳچيءَ ڳانا لوهہ جا، زيرين ۽ زنجير
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺين اندر ڪير
چاري چوگانن ۾، واهيت ڪَنِ وزير

يا

زيرين ٻيڙين لوهہ ۾، ڳنن ڪَيسُ ڳاهہ
سنڪي سندي سومري، هَڏِ نہ چاڙهيم ماهہ

اهي ڪنهن تارچر ڪئمپ جا هُوبهو نقشا آهن، جيڪي قيد خانن کان وٺي بظاهر آزاد نظر ايندڙ دنيا جا آهن، جنهن ۾ عوام خلاف جاسوسي ادارن کان وٺي عوام دشمن وزيرن ۽ اذيتن جو چٽو خاڪو آهي. ٻئي طرف ملير جو سرشتو آهي، جنهن ۾ ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان ازلي رشتن جو ناتو آهي. فطرت ۽ ماڻهوءَ جو ناتو بہ ايترو ئي ويجهو آهي، جيترو ماءُ پيءُ ۽ اولاد جو ٿي سگهي ٿو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"پهرين ويحان لوءِ، پوءِ مرپچنم ڏينهڙا"

▲

"نڪا جهل نہ پل، نڪو رائر ڏيہ ۾،
آڻيو وجهن آهرين، روڙيون رتا گل،
مارو پاڻ اَمل، مليرون مرڪٽو"

۽ وري ماڻهوءَ جو ماڻهوءَ سان ناتو! ايڏو گهرو، جو بيان نہ ڪري سگهجي:

"چُرن چڻڪن چت ۾، وساريان ڪين وري،
ڪَنان عهد الست جي، ڪہ تنهائين پري،
لَم يَلدِ وَلم يُوالد، مارئي ڪوہ ڪري؟
اڄ ڪِي ڪالهہ مري، ساري سانيڙن ڪي!"

▲

"جڻن ڳنڍيون منجهہ ڳنڍير، تڻن مون من ماروئڙن سين"

پورهيت ٿري ماڻهوءَ جو ٻئي پورهيت سان حق واسطو ايترو مضبوط آهي، جو الست واري انجام کان بہ اڳ کان جُڙيل سمجهجي، اهو هڪ آدرشي، پختو ۽ نہ ڇجڻ جو ناتو آهي. ظاهر آهي تہ لم يلد ولم يولد واريون صفتون انسان يا مارئيءَ جي لاءِ تہ ناهن. انسان ڪنهن کي ڄڻي ٿو ۽ ڪنهن مان ڄمي ٿو، تنهنڪري مارو ماڻهو ماروئڙن کان لاتعلق رهي نٿي نٿو سگهي.

ٻنهي سرشتن جو اهو واضح تضاد مارئيءَ جي موٽ واري سوال تي ڪجهہ سوچڻ لاءِ مجبور ڪري ٿو. اهو سوال لطيف جي پارکن، دانشورن ۽ تاريخ دانن لاءِ پنهنجي جاءِ تي اٽل بيٺو آهي.

سوال اهو آهي تہ سُر مارئيءَ جو موضوع ڇاهي؟ هيل تائين تصوف



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان وٺي قومي سياسي جدوجهد تائين مختلف معنائون حاصل ڪيون ويون آهن، جيڪي سڀ وزندار آهن ۽ انهن کان انڪار ممڪن نہ آهي. اصل ۾، هر شاهڪار تخليق وانگر ڀٽائيءَ جا بيت بہ هڪ کان وڌيڪ مگر هڪٻئي کي ھٽي ڏيندڙ معنائون ڏين ٿا. جهڙيءَ طرح موناليزا جي شاهڪار تصوير نقادن لاءِ هر ڀيري نئي معنيٰ سان سامهون ايندي آهي، تيئن ڀٽائيءَ جي شاعري بہ نقادن جي ذهني سطح ۽ اڀياس موجب معنيٰ ڏئي ٿي. منهنجي خيال ۾ سرمارئيءَ تي ھن ڀاسن کان نظر وجهي سگهجي ٿي:

١-طبقاتي سماج ۽ ان جي جبر کان نفي، ۽

٢- ڪردارن جي چرپر، جيئن آهي:

"جا عمر تومل عيد، سا اسان سوءِ ورتي سومرا،
ويئي ويچارن وسري، خوشي ۽ خريد،
سڪڻ ڪيا شهيد، مارو جي ملير جا"

▲

" آئون ڪيئن سوڙين سمهان، مون ورگهاري وِله،
ڪتيريءَ تان ڪِل، عمر ڪج مَ ايهڙي. "

اهي طبقاتي تضادن جي واضح نشاندهي ڪندڙ بيت آهن ۽ جڏهن ڀٽائي مارئيءَ جي مزاحمت ذريعي ملير ڏانهن واپسيءَ جي گُهر ڪري ٿو تہ هو اصل ۾ اُن آدرشي ۽ فطري سماج جو مطالبو ڪري ٿو، جيڪو عمر سومري جي جبر سبب متاثر ٿيو آهي.

پر، ڇا سچ پچ ڀٽائيءَ جي ان آدرشي ۽ فطري رياست لاءِ مارئي اڪيلي سر مزاحمت ڪري ٿي؟

جواب آهي، "نہ!"



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهن کنوڻ تي کنواءِ، جا ڏِسِ ڏاڏاڻن جي،
سارئو سانبيڙن کي، رويو رات وهاءِ،
سوٽا ڪيم سهاءِ، عمر بنديائين کي.

(عمر! قيدياڻيءَ تي ظلم نہ ڪر، هُو ڏِس منهنجي پار ڏي کنوڻ پئي کجي) اِن بيت ۾ ڏاڏاڻي ڏيهہ طرف کنوڻ جو کجڻ، مارو لوڪن جي بغاوت ڏي اشارو آهي، جنهن ڏانهن ڏيان ڇڪايو ويو آهي. هيٺئين بيت ۾ مارئي عمر کي چتاءُ ڏيندي نظر ٿي اچي:

”مائٽ منهنجا سومرا مارو نہ ميرا،
اٿيو ڏين اسور جو پٽن پر پيرا،
پنهوارن پيرا، وڙهہ مَ ويڙهيچن سين.“

سر مارئيءَ ۾ بيتن جي ترتيب کي ٿوروئي تبديل ڪري ڏسبو تہ هڪ نئين ترتيب جڙي پوندي، جنهن ۾ مارئي جي ڪوهہ تان کڄڻ کان وٺي، مارو لوڪن جي مزاحمت، ان مزاحمت دوران هلندڙ ڳالهيون، دڙڪا، چتاءُ، آسرا، صلح ويندي مارئيءَ جي موٽ تائين سمورا اشارا ملندا. انهن مان ڪي چونڊ پيش ڪجن ٿا:

**ڪوهہ تان مارئيءَ جي کڄي وڃڻ سبب خوف پکڙجڻ:**

”سرتين سنجڻ ڇڏيو، ستين ڳالهہ سُئي،
ماڙيچي ماڙين ۾ ڪڏهن ڪانہ هئي،
عمر آئون نہ مئي، اِن اويالڻا اڳهين“

”پنيءَ جي پوٽن، پيچ پٽڪو نہ سُٽان،
سنجڻ واريون ستيون وجي ويڙ ورن،
پٺا سيٺ سڙنَ، ٽُرهي ٻنهين ڪنڌين“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**مارو لوڪن جو صدمي مان نڪرڻ:**

سپ نہ ويجي ستيون، اجا ڪي سنجن،
پيون سي پهرن، جي اجائجي آئيون.

**ماڻهن ۾ تاءُ پيدا ٿيڻ:**

"ٿر ٿر اندر ٿاڪ، عمر ماروئڙن جا،
لاٿائون لطيف چئي، مٿان لوئيءَ لاڪ،
عمر ڪرئو آڪ، پهرو ٿي پن چران"

(لوئيءَ تان لاڪ لاهڻ جو مطلب ڏک ۽ ڪاوڙ جا جذبا پيدا ٿيڻ آهي.)

ٿر ٿر اندر ٿانءَ، وهين ويڙهيچن جو،
سپ تنهنجو سومرا، ڳنن وينا نانءَ،
اتي ويندي سا آنءَ، لوئي لڄ مٿي ڪري.

مٿئين بيت ۾ سيني جي وات تي عمر جي بي واجبي هلت سبب نفرت ۽ پچر ڏسجي ٿي. جڏهن تہ هيٺئين بيتن ۾ وري ويٺن ۽ شهري زندگيءَ جي متاثر ٿيڻ جو ذڪر آهي:

١- "جنين جا ٿرن ۾ وَر ٿا وينڻ سهن"

٢- "وئي ويچارن وسري خوشي ۽ خريد"

هيل تائين مارئي جي آزاد نہ ٿيڻ تي پٽائيءَ جو تبصرو اِجهو هن ريت آهي:

"عمر تي جور ڪري، جيلاہ راڄ اڳاهون"

(اي عمر! تون مون تي ان ڪري پوي زور رکين، جو منهنجو راڄ پري آهي.)

هوڏانهن ڳوٺ وارن جو ڳڏيل مطالبو ڪهڙو آهي؟



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ڪڏيو پيڻ ڪَهن ملير گهر جي مارئي!“
جيڪڏهن ڪو ماڻهو قيد رهيو آهي ته هن کي اهو چڱيءَ طرح احساس هوندو ته قيد ۾ مضبوطيءَ سان پنهنجي موقف تي بيهي رهڻ جو راز فقط ”عوام جي طاقت ۾ اعتماد“ آهي. جنهن قيديءَ وٽ اهڙو اعتماد ناهي، اهو ڪن پل ۾ پڄي پُري پوندو آهي. مارئيءَ کي مارُوئڙن تي وڏو ويساهه هو:
١-اباڻن جي آسري، ڪتي ڪانه ڪيام،
٢-مچڻ چونم ڪي، ته لڄائيه تر چائيون،
٣-ڪريان هئي نه ڪن، آهر اُنهين آهيان!
صرف آسروئي ناهي، عمر لاءِ چتاءُ به آهي:
١-ميندا ڏوئي نه مارئي، نه ڪلي نه ڪاءِ،
عمر جي انصاف جا وينئي واساما ڳاءِ،
هيءَ جا ڪيئه هاءِ! سا مهندا ايندءِ منهن ۾.
عوامي مزاحمت جو واضح اشارو وري هن بيت ۾ آهي، جيڪو ورجائڻجي ٿو:
تنهن ڪنوڻ ٿي ڪنواءِ، جا ڏس ڏاڏاڻن جي
سارئو سانبيئڙن کي رويو رات وهاءِ
سونا ڪيم سهاءِ، عمر بندياڻين کي.
مزاحمت جي اشاري ڪانپوءِ عوام ۽ حاڪم وچ ۾ ڳالهين جا چٽا اشارا آهن:
١-”اُتان اوٺي آئيو خبر اِي ڪري،
وساريج مَ ور کي، پنج مَ منڌ مري،
ويندينءَ اُت وري، ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾“



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢-"عمر اح گڏيام، ڏوٿي انهيءَ ڏيهه جا،
ٻارانيا ٻرين جا، اُبي ان چيام،
لهي لوهه پيام، لطف سان لطيف چئي"

ايئن ٿو لڳي تہ جڏهن ٻالهيون طئي ٿيڻ ۾ ڍگهو عرصي لنگهي ويو، تڏهن هڪ پيرو وري غيريقيني صورتحال پيدا ٿي، جنهن جو اظهار هن ريت ڪيو ويو:

"نہ خبر نہ خواب، نہ ڪو اوني آئيو
هُتي جو هِت، ڪنهن ڏنو ڪونہ جواب
همين حساب، ڪة ڄاڻان ڪيئن ٿيو؟"

پر جڏهن وري ماروئڙن سان رابطو ٿيو تہ جلد ۽ مانائتي نتيجي جي اميدن سان مارئيءَ وٽ اهوئي نياپو پهتو تہ هوءَ پنهنجي موقف تي ثابت قدم رهي.

١-جو ڏيهه ڏاڏاڻيان آيو، ڏنم تنهن طعنو،
ٻائي ويهه مَ پلنگين، ڳچي سرڳانو،
مٿان لڪ لطيف چئي، ڪانءِ مَ خزانو،
سرتين سيل چوايو، جور هٿي جانَو،
ٿيو سڌ سامانو، حرف لتي هيڪڙي.

٢-نہ ڪي رو، مَرڙ ڪي، هنجون هڏ مَ هار،
توتا بند بِدا ٿيو، پيڙيون نيئي ٻار،
پهچندين پنهوار، سگهي سنگهارن ڪي.

جنهن ڪانپوءِ هيٺيون بيت مارو لوڪن جي ڪامياب مزاحمت جو پختو دليل آهي:

مليران مارُو، پکي پيهي آئيو،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وريا واهرو، هاٺو سپ هيٺا ٿيا.

مارو لوڪن جي طاقت اَمر ڪوٽ جي جبر خلاف فيصلو ڪندڙ ثابت ٿي ۽ پوءِ اها خبر آئي ته:

اُلي ٿي وراڻ، ڪِينءَ واڏايون آيون،
لٿي لوئڙيارين، مڙني مُنهن ڪاڻَ،
صلح واريو سومري، ڇني پنهوارن پاڻ،
همير نئون هاڻ، مهت لهندءِ مارئي!

ممڪن آهي ته اساڳا سينيئر محقق "گهرولڙائي" واري خيال سان متفق نه ٿين، پر ڀٽائيءَ جي شاعريءَ مان پيش ڪيل شاهديون اهو سوچڻ تي مجبور ڪن ٿيون ته عمر سومري مارئيءَ کي فقط ان صورت ۾ ڇڏيو، جڏهن هو وڏيڪ سياسي ۽ قبائلي دٻاءُ برداشت ڪري نه سگهيو.

عمر سومرو ڪردار جي لحاظ کان اڳ ئي ڪمزور هو. تحفة‌الڪرام ۾ (صفحي ۱۰۴-۱۰۵ تي) اهو قصو ڄاڻايل آهي. جنهن ۾ هن پنهنجي دوست ۽ وزير تميميءَ جي زال گنگا جهلي هئي. جنهن ڪانپوءِ دهليءَ جي بادشاهه علاءُالدين يا سندس سپهه سالار سومرن تي چڙهائي ڪئي هئي. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ به ڪتاب "سومرن جو دؤر" ۾ (صفحو ۱۸۱تي) اهو قصو ڄاڻايو آهي.

ان سڄي بحث جي انت ۾ مان اِها راءِ پيش ڪندس ته مارئيءَ جي موٽ جو ڪارڻ عوامي مزاحمت هئي ۽ ڀٽائيءَ اَمر ڪوٽ ۽ ڪينجهر جي حڪومتن ۽ جهوڪ واري تحريڪ جي پس منظر ۾ رضا ڪاراڻي، پورهيت، استحصال ۽ جبر کان آجي سماج، رياست ۽ مملڪت جو تصور پيش ڪيو آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جو ڪردار

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئيءَ جو ڪردار

ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر

"جيها جي تيها، مون مارو ميڇيا،
مون جيڏيون ملير ۾، چونڊن موڪ مِها
منهنجي آهَ اِها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ کي."

مارئي سنڌي سماجي زندگيءَ جو هڪ اهڙو لازوال روپ آهي. جنهن کي اڄ تائين وقت جون ويرون نه ميساري سگهيون آهن ۽ نه ئي آئينده انهيءَ جي سونهن ۽ سوڀيا ۾ ڪا ڪاراڻ اچي سگهندي!

مارئيءَ جي واقعي کي اڄ ڇهه (٦) سوَ سالن کان به مٿي وقت گذري چڪو آهي، پر ايئن ٿو لڳي ته ڄڻ اهو واقعو تازو ئي گذريو آهي. هر سنڌي ماڻهو ايئن ٿو محسوس ڪري ته مارئي سندس نڪ مان هئي، هوءَ سندس ڀيڻ هئي، مارئي هُن جي لڄ هئي، عزت هئي ۽ غيرت هئي، جنهن عمر جهڙي حاڪم کي شڪست ڏيئي ۽ پنهنجن پيڪن جي عزت ۽ غيرت کي فتح بخشي آهي. بلا شڪ! ايئن ڪوبه سنڌي نٿو چوي ته مارئي رڳو ٿريچن جي ترجمان هئي، بلڪ سنڌ جي غيرت جي هن وقت هوءَ علامت بڻجي چڪي آهي.

شاه صاحب جي ڪلام جي مضمون مان مارئي جي مختلف



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردارن جا رخ، جيڪي هر ذي شعور انسان کي پاڻ ڏانهن جذباتي انداز ۾ ڪشش ڪن ٿا، اُهي آهن: حب الوطني، ضمير جي آزادي، همت ۽ جرئت، ڏاڍ سان جنگ ۽ قومي جدوجهد. اهي سيئي ڪردار تڏهن تہ وڌيڪ حسين ۽ لازوال ڏسڻ ۾ اچن ٿا، جڏهن اهي هڪ سنڌي نياڻيءَ جي مضبوط ارادي مان جنم وٺندي نظر اچن ٿا. مگر، انهن مڙني ڪردارن جو ماحاصل، جيڪو هر مسڪين ۽ لاچار انسان جي من جي آٿت ٿئي ٿو، اهو آهي عمر جهڙي جابر حاڪم کي شڪست سان همڪنار ٿيڻ. هن طبقاتي ويڙهاند جو نقشو لطيف هن طرح چيو آهي:

"ڪريو مهاڙ ملير ڏي، اُبيائي آهي،
جا مٽي ڏنس مارئين، سا لوئي نہ لاهي،
سومرا! ساهي، ستيءَ وجھ مَ سنگهرون."

مارئي سنڌي نياڻيءَ جي عفت ۽ پاڪدامنيءَ جو اهڙو مثالي ڪردار آهي، جو جيستائين سنڌي سماج زنده آهي، تہ اهو وسرڻ جو نہ آهي. سندس پرورش ٻهراڙيءَ جي صاف ۽ ستري ماحول ۾ ٿي، جتي ذهني عياشيءَ جو نانءُ نشان بہ نہ هوندو آهي ۽ نہ ئي ڪڌن ڪرتوتن ۽ نفرتن جو اُتهين اهڃاڻ نظر ايندو آهي. سيئي پاڻ ۾ هڪ ٻئي جي ڄڻ جا رکپال، آزاد انسان، صاف دلين ۽ نيڪ نيتن جا مالڪ. هنن جي روايتن ۽ زندگيءَ جي قدرن ۾ ڪابہ ميراڻ نظر نہ ايندي. دراصل اهوئي پاڪ ۽ صاف ماحول هيو، جنهن هن سنڌ جي سوريہ نياڻيءَ جي ڪردار ۾ عظمت پيدا ڪئي هئي. جيئن پاڻ ٿي چوي:

"هڏ نہ پڙان هيڪڙي، ٿوري ٿر ڄاين،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مونکي ماروئڙن، ميري ڪري نہ مڃيو.“

سماجي علمن جي ماهرن جو رايو آهي تہ جنهن ماحول ۾ انسان جو جنم ٿئي ٿو ۽ وڏي ويجهي ٿو، انسان انهيءَ ئي ماحول جي تصوير ٿي اُڀري ٿو. يعني ان ماحول جو مٿس گهرو اثر پوي ٿو. مارئيءَ جي انهيءَ عظيم ڪردار جي پويان يقينا سندس مارن جي غيرت ۽ پرورش جو ڪردار ڪار فرما هيو. جيئن هن بيت ۾ پاڻ بہ اقرار ٿي ڪري:

مائٽ منهنجا سومرا ! مارو نہ ميرا،
اٿيو ڏين اَسور جو، پٽن پر پيرا،
پنهنوارن پيرا، وڙهہ مَ ويڙيچن سين.

هن بيت جي زبان بيشڪ، لطيف جي آهي، مگر پنهنجن مائٽن لاءِ غيرت ۽ غيرتمندانہ جذبو تہ مارئيءَ جو آهي. شاه صاحب تہ رڳو انهيءَ سنڌي نياڻيءَ جي ڪردار جي نقش نگاري ڪئي آهي.

عمر حاڪم هيو، هن مارئيءَ کي شاهي محلاتن جي عياشيءَ جا سبزباغ بہ ڏيکاريا. سٺن طعامن جون لالچون بہ آڇيون، سون ۽ چانديءَ جا زيور بہ سندس اڳيان آڻي پيش ڪيا. سٺيون پوشاڪون بہ مارئيءَ جي اڳيان آڻي حاضر ڪيائين، مگر مارئيءَ کيس چيو:

”اَرَمَ هَڏِ مَ اوديان، پَٽولا پَٽَ چير،
باندوٽا بہ ڏيان، ارغچ ۽ عنبير،
ماروءَ سين شل ماڻيان، ڪٿيون جهڙيون ڪير،
اندر اُڃ اُڪير، مونکي پري پهنوار جي.“

مارئي عورت هئي، جيڪڏهن چاهي ها تہ عمر بادشاه سان شادي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بہ رچائي سگھي ھا. ڪير ھيو جو سندس راھن ڪي روڪي ھا، مگر ھن سنڌي نياڻيءَ اھڙي سڳ ڪي قبول نہ ڪيو، جنھن ۾ سندس عزت-نفس جي توھين ھئي. پنھنجن پيڪن ۽ ماروئڙن جي تشخص جي تذليل ھئي. ھن ھمت ۽ جرات سان حاڪم جي سڳ ڪي رد ڪندي چيو:

"ڪاند نہ ڪنديس ڪو ھئو، ڪٽيروئي خوب،
ميروئي محبوب، اسان مارو من ۾."

عمر بادشاہ جابر حاڪم بہ ھيو. ھن ڏٺو تہ مارئي لالچن جي دام ۾ نٿي ڦاسي تہ، ڪيس ايذاءَ ڏيڻ شروع ڪيائين ۽ اھڙا ايذاءَ جيڪي عورت جي قوت برداشت ڪان مٿي ھئا. شايد مٽيرا مڙس بہ اھڙا ايذاءَ سھي نہ سگھن ھا، مگر ھيءَ جھانگياڻي پنھنجي فيصلي تي اٽل رھي:

"جي لوڻ لڳين لائين، چيري چيري چم،
مون ڪَر اڳي نہ ڪِئو، اھڙو ڪوجھو ڪَم،
جان جان دعويٰ دَمُ، تان تان پرت پھنوارسين."

افسوس انھيءَ ڳالھ جو آھي تہ ڪن مفڪرن عمر حاڪم ڪي عادل بادشاہ ۽ انصاف پرور سڏيو آھي. سندن دليل آھي تہ عمر جھڙي حاڪم مارئي سان "ھٽ چراند" نہ ڪئي. حالانڪ مارئي عورت ھئي ۽ عمر مرد ھيو، ھو سڀ ڪجھ ڪري سگھيو پئي، پر ھُن ايئن نہ ڪيو. منھنجو اندازو آھي تہ شايد ا اھڙا انسان انصاف جي جذبي ڪان خالي آھن، يا ايئن بہ ٿي سگھي ٿو تہ عمر جي اھڙي ڪُڏي ڪردار ڪان، جنھن ۾ ھن ھڪ بي گناھ عورت ڪي قيد ڪري رکيو، اسان جا اھي مفڪر سچ چوڻ ڪان فرار اختيار ڪندا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هجن ۽ وٽن اهوئي ڳتو رهجي ويو هجي تہ ڪيئن بہ ڪري عمر جي عيبن کي ڍڪيو وڃي.

هن سلسلي ۾ سڀ کان اول جنهن نڪتي اسان جو ڌيان لهڻو اهو هي تہ عمر بادشاهہ هو، مٿس رعيت جي حفاظت جو حق هيو ۽ نہ رعيت جي ڏڄن ۾ ميري اک وجهڻ جو. مارئي جي اغوا ٿيڻ کانپوءِ وسندڙ ماڳ ۽ مڪان ويران ٿي ويا. مارو ماڻهن جا وسندڙ ويڙها ويران ٿي ويا. عورتن پنهنجن پکن کان ٻاهر نڪرڻ ۾ بہ خوف پئي محسوس ڪيو.

شاهہ صاحب جي شاهدي موجب:

"سرتين سِجهڻ چڙهيو، سَتين ڳال سئي،
ماڙيچي ماڙيين، ڪڏهن ڪا نہ هئي،
عمر! آنءُ نہ مٺي، ان اويا لٺا اڳهين."

ان کانپوءِ ٻيو نُڪتو هيءُ آهي تہ عمر کي پنهنجي حاڪميت تي ناز هو. وٽس سون هيو چاندي هئي، پٽ پٽيهر نوڪر چاڪر ۽ شاهي محل، دولت ۽ ثروت، مطلب تہ انسان کي خريد ڪرڻ يا لاچار ڪرڻ لاءِ هن وٽ سڀ وسيلا موجود هئا. هن سوچيو تہ اڄ نہ تہ سڀان مارئي ڪيس ضرور قبول ڪندي. عورت آهي، سون چاندي، عطر، عنبير ۽ پٽ جي پوشاڪن تي ضرور هرڪندي. مگر مارئي!

"ڪرئو مهاڙ ملير ڏي، روءِ اُيي چوءِ،
سُهُڃ سوري پائيان، سومرا سندوءِ،
ملڪ مارو جي آهيان، جور نہ ٿيان جوءِ،
سو قلب ڪوٽ نہ هوءِ، جو هُتيجن هٿ ڪيو."



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان ڪانسواءِ هن ستي کي عمر پيرن ۾ زنجير ۽ هٿن ۾ هٿڪڙول وجهرائي ڇڏيا ۽ مٿس سخت چوڪسي به مقرر ڪري ڇڏي هئي، ته متان خود ڪشي ڪري يا ڪوٽ مان هلي وڃي.

"ڳچيءَ ڳانا لوهه جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوڙيين اندر ڪير،
چاري چوڳانن ۾، واهت ڪن وزير،
جن نه ڇڄي آهيان، اهڙيءَ سٽ سرير،
مارو ڄام ملير، پڇج ڪين ڀنوار کي."

اهڙيءَ طرح ڏکن ۽ ڏاڪڙن، سورن ۽ سختين، اباڻن جي اڪير ۽ حاڪم جي سخت گير ماحول مارئيءَ جي اهڙي حالت بنائي ڇڏي هئي، جو هوءَ رڳو هڏڙن جي مڙهي وڃي رهي هئي. دراصل جنهن جوين کي عمر اغوا ڪري آيو هو، اهو ڏکن سورن ۽ بکن اُڃن ۾ ڪومائجي ويو هو. هاڻي عمر جي قيد ۾ رڳو مارن جي غيرت، ٿريچن جي لڄ ۽ انساني ارادي جي هڪ مضبوط تند وڃي بچي هئي، جيڪا عمر جي عظمت ۽ شان جي توهين هئي. نه ڪاڏ نه خوراڪ، نه پاڻي نه ماني، نه هار نه سينگار-هڪ اداس روح هيو، جيڪو عمر جي بندي خانه ۾ بند هيو.

شاه صاحب جي شاهديءَ موجب:

"محلين ماندي مارئي، ڏنم مُٺ ملور،
اٺيا سٽيا نه ڪري، سونهٗ وڃايس سور،
پيس لوهه لطيف چئي، لٿس ڪوڏ ڪپور،
چت جنين جا چور، سي مکي مرڪ نه ڪنديون."

مختلف شاهدين مان پتو پوي ٿو ته اهو قيدوبند مارئيءَ پورن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ سال ڪاٽيو. انهيءَ سڄي سال ۾ هوءَ هڪ لاوارث لاش وڃي بچي هئي. ڇا، لاش سان لاڙون لهڻ عمر حاڪم جي ذوق جي تسڪين ممڪن ٿي سگهي پئي؟ هر گز نه بلڪ مارئيءَ جي انهيءَ شرافت جي ڪردار عمر جهڙي حاڪم لاءِ سندس ئي محل ۾ ذلت ۽ توهين جو ماحول پيدا ڪري ڇڏيو هوندو! سندس محل خالي ته ڪونه هيو. ڪيتريون ئي ڀايون، ٻانهيون، خوبرو جوانيون سندس ڪوٽ ۾ موجود هيون. يقينا عمر انهن جي اڳيان ڪي بهانا به گهڙي ظاهر ڪيا هوندا، جن ڪي بعد جي سگهڙن "تيج ڀائيوار ڀيڻ" سان منسوب ڪيو. مگر شاه صاحب اهڙي ڪابه شاهدي نٿو ڏي.

شاه صاحب جي سڄي رسالي جي مطالع مان معلوم ٿو ٿئي ته پنهنجن سورمين مانَ مارئيءَ تي ڪيس وڏيڪ جهپو آيو آهي، جيئن هيٺي بيت مان واضح ٿيندو، جنهن ۾ پاڻ مارئيءَ جي ضمانت ڏيڻ لاءِ تيار ٿي وڃي ٿو. سندن خيال موجب جيڪڏهن اڄ عمر موجود هجي ها ته وٽس وڃي ڪيس استدعا ڪري ها ته مارئيءَ کي آزاد ڪري، ته جيئن هن کي سندس ساٿيه ڏانهن وٺي وڃي. شاه صاحب ان لاءِ به تيار ٿي وڃي ٿو ته جيڪڏهن مارئيءَ جي عيوض عمر کيس قيد ۾ رکي ته پوءِ اهو سودو به قبول آهي.

فرمائي ٿو:

جي هتِ هئي مارئي، ته لڏيَم ڪَرَڪيٽاسِ،
اردا سِئَمِ عُمَر کي، ويجهو ٿِي وَٽاسِ،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي نہ چڏيايئن، ڪِ جَهلِيايئن، تہ پَهجو انگ آچيانسِ،
لاهي لوهَ لَطيفُ چئي، هِتان هُندَ هَلانسِ،
موڪي ملير سامهين، وٺي ٻانہُ وَڃانسِ،
رهبرُ ٿي ريڙهيانس، سُنهاري ساٿيهِ ڏي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جي حب الوطني

نصرت حسين ابڙو

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جي حب الوطني

نصرت حيسن ابڙو

حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، جنهن کي اسين سڪ، قرب، عزت ۽ احترام وچان، لاکيڻو لطيف، لڄ پالڻ، لطيف ۽ ڀٽائي گهوٽ ڪري سڏيون ٿا، جنهن جي عظمت کان دنيا جي اندر ڪنهن کي به انڪار نه آهي. ان لاءِ ته لطيف جي پيغام جون سرحدون محدود نه آهن. محبت ۽ خلوص جو اهو پيغام دنيا جي هرهڪ ماڻهوءَ جي لاءِ آهي، هرهڪ قوم ۽ ملڪ جي لاءِ آهي، سڄي انسانذات کي مخاطب ٿي لطيف قرب ۽ اخلاص جو جيڪو پيغام ڏنو آهي، ان ۾ ڀڪين جي قرب ۽ ايڪي جو اشارو ٿيل آهي ته،

"ڀسو ڀڪيئڙن، ماڻهانئان ميٺ گهڻو"

لاکيڻو لطيف سنڌ جي سونهن ۽ سنڌ جي تاريخ، ادب، ثقافت ۽ ٻوليءَ جو امام آهي، لطيف جا سنڌي ٻولي تي تي لک لائق،ڪڏهن به وساري نٿا سگهجن، جيڪا ٻاجهاري ٻولي اسان جي مادري زبان آهي، اها حقيقت ۾ لطيف جي زبان آهي، لطيف جي ٻولي دنيا جي ممتاز ٻولين مان هڪ آهي، جيڪا شاهه جي رسالي جي زبان آهي، جيڪا سنڌ جي ادب ۽ تهذيب جي پياري ٻولي آهي، لطيف پنهنجي پيغام کي محفوظ ڪندي فرمايو ته:

"جي تو بيت ڀانئيان، سي آيتون آهين."

لطيف جي رسالي ۾ هرهڪ ڪهاڻي جي لاءِ الڳ الڳ سُر چيل



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن ۽ انهن سرن جا نالا بہ الڳ، الڳ آهن. "سر مارئي" بہ لطيف جي رسالي جو هڪ اهم سُر آهي "مارئي"هڪ ڳوٺاڻي نياڻي پنهنجي حسن ۽ ٺاٺاٽپ جي ڪري نانءُ واري هئي. بادشاهہ عمر ڪي ان جي حسن جي هاڪ ملي ڪيس پَٽ راڻي بڻائڻ جي لاءِ پاڻي پيئڻ جي بهاني کوهہ تان کڻي اچي ڪوٽن ۾ قابو ڪيو. مگر جا عمر بادشاهہ جي دل ۾ هئي اهو قدرت کي قبول نہ هيو. مارئي بادشاهہ عمر جي ڪوٽن ۾ رهي، زندگي جو هڪ وڏو سوال ۽ زندگي جو هڪ وڏو جواب بڻجي وئي. عمر جا پٽ پٽيهر، زربخت ۽ ريشم هار ۽ سينگار جا سامان، مال متاع، عيش عشرت، گلم غاليچا، نوڪر چاڪر، زندگي جي هرموڙ تي حسين نظارا، مارئي جي من مان مارن جي محبت کي نہ ڪڍي سگهيا. مارئي ڪوٽن ۾ قابو رهي "لوئي جي لڄ کي برقرار رکيو." عمر بادشاهہ جو هرهڪ حيلو ۽ بهانو بي سود ۽ بيڪار ٿيو. مگر مارئي جي نظر ۾ مارن جي محبت اتم ۽ اعليٰ آهي. هو هر گهڙي ۽ هر ساعت ۾ فقط مارن کي پنهنجي منزل سمجهي ٿي. مارئي جو ايمان پختو ۽ ضمير بيدار آهي. هو عمر جي محلن ۽ ماڙين کي، مارن جي پکن جي برابر نٿي سمجهي. لاڪيٽي لطيف فرمايو تہ:

اي‍ءُ نہ مارن ريت، جيئن سيڻ مٽائن سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانہ ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙين سين نہ مٽيان.

عمر بادشاهہ جون نوڪرياڻيون ۽ ٻانهيون مارئي کي آرام جي زندگي گذارڻ لاءِ آماده ڪن ٿيون، تيز تڪ ۽ پاري ۾ ڪيس گرم گرم سوڙين ۾ سمهڻ ۽ پاڻ کي اوڍڻ جي صلاح ڏين ٿيون، مگر



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مارئي جي نظر ۾ مارن جي راتين گذارڻ ۽ ڪليل آسمان جي هيٺان قدرت جي نظارن جي آڏو ولهه ۾ سمهڻ جو منظر آهي. مارئي عمر کي صاف انڪاري ڪندي چئي ٿي تہ:

آءٌ ڪيئن سوڙين سمهان، مون ورگهاري وِلهه،
ڪٿيريءَ تان ڪِل، عمر ڪج مَ اهڙي.

مارئي جي دل ۾ هر ساعت هر گهڙي مارن جي اڪير آهي، هو هڪ هڪ ساهه سان مارن کي ساري ٿي، ياد ڪري ٿي، پر ڪڏهن ڪڏهن اداس ٿي پنهنجو پاڻ سان ڳالهائي ۽ دل کي دلاسا ڏئي ٿي مگر، پوءِ بادشاهه عمر جي آڏو ليلائي ٿي تہ راجا راضي ٿي تہ مارئي وڃي پنهنجي مارن سان ملي. لاڪيٽي لطيف چيو آهي تہ:

قسمت قيد ڪيو، نا تہ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،
آٿي لکئي لوح جي، هنڌ ڏيکاريس هيءُ،
پرچي ڪيئن پنهوارن ريءَ، هي جان جسو ۽ جيءُ،
راجا راضي ٿيءُ، تہ مارن ملي مارئي.

مارئي تي عمر جي قيد ۾ ڪو ظلم ۽ جبر تہ نہ آهي، عمر بادشاهه جو هر حيلو ۽ بهانو ان جي من کي موهڻ جو آهي. مگر مارئي پنهنجي ڏکن ۽ ڏوجهرن ۾ ضعيف ۽ ڪمزور آهي. ڪيس پنهنجي دل جا وهم ۽ گمان آهن تہ ڪڏهن ايئن نہ ٿئي جو عمر جي بند ۾ رهي هن جو لاڏاٿو ٿئي. مارئي کي مرڻ جي پرواهه ناهي. مگر پوءِ، بہ مارن جي ملڪ ۾ مرڻ کي پسند ٿي ڪري ۽ دل کي دلاسا ڏئي دعا ٿي گهري تہ:

الا ايئن مَ هوءِ، جيئن آءٌ مران بند ۾،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
پهريان ويچان لوءِ، پوءِ مر پڇنم ڏينهڙا.

مارئي مارن جي ملڪ ۾ مرڻ تہ چاهي ٿي، پر پوءِ بہ ڪيس گمان آهي تہ متان، هت ڪوٽن ۾ دم پرواز ٿئي، انڪري اڳ ۾ ئي پاڻ جيئري بادشاهہ جي آڏو وصيت ٿي ڪري تہ:

واجهائي وطن کي، آءٌ جي هت مُياس،
تہ گور منهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس،
ڏيج ڏاڏاڻي ڏيهہ جي، منجهان ولڙين واس،
ميائي جياس، جي ويجي مڙهہ ملير ڏي.

مارئي جي نظر ۾ اهڙو مرڻ بہ زندگي جي برابر آهي، جو سندس مڙهہ ملير ڏانهن ويجي ۽ وطن جي ٿڌي مٽيءَ ۾ دفن ٿئي.

مارئي جو پختو عزم، مارن لاءِ اڪير عمر بادشاهہ جي لاءِ هڪ وڏو امتحان هو، هن هر حيلو هلايو مگر ڪيس مارئي جي منزل ۽ اصليت جي اجهان خبر ڪانہ پئي. مارئي اجهان تائين هن جي آڏو لطيف جي زباني زماني جي ڳالهين ۾ رکيو ۽ هرهڪ سوال جو جواب مارن جي محبت سان توري تڪي ڏنو. جنهن آخر ۾، ملير جي ٿڌي مٽيءَ کي ترجيح ڏني، مگر پاڻ تي هڪ حرف اچڻ نہ ڏنو، عمر جي نظرن ۾ مارئي جي غربت سامهون هئي ۽ پنهنجو بادشاهي شان ۽ شوڪت ياد هيو. هن جي هر طرح اها ڪوشش هئي تہ، مارئي جي من مان اها اڪير، اهو ڳانڍاپو ڪڍي سگهي، پر هڪ ڏينهن مارئي پنهنجي منزل کي هن طرح واضع ڪيو تہ:

الست بربڪم، جڏهن ڪن پيوم،
قالو بليٰ قلب سين. تڏهن تت چيوم،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تنهين وير ڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

مارئي محبت ۽ خلوص جو نشان آهي، عظمت ۽ عزت جو نشان آهي. هن وطن جي محبت ۽ مارن جي اڪير تي زندگي جي هرهڪ شيءِ کي قربان ڪيو. ڪابہ شيطاني طاقت انجي عزم کي ختم نہ ڪري سگهي. هوءَ هڪ پاڪ پوتر نياڻي آهي، ملڪ جي لڄ آهي، عصمت جي منزل آهي. هو غافل نہ آهي، اصل منزل کان واقف آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عمر سومري جو ڪردار

سوز ہروچ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# عمر سومري جو ڪردار

سُوز ہروچ

پٿائي جي سُندر سنديش کي پُرجھڻ لاءِ انيڪ ڳالھين کي ڌيان ۾ رکڻو پوندو، ڇاڪاڻ تہ پٿائي دنيا جو اهو اڪيلو ’ڪوي‘ آهي، جنھن جو مشاهدو ايڏو تہ ڀرپور آهي، جنھنکي هر طبقي سان لاڳاپيل فرد پنھنجو ڪري اپنائي ٿو. اهوئي ان جي عظيم هجڻ جو سگھارو دليل آهي.

دنيا جي اتهاس جو ڳوڙهو اڀياس ڪبو تہ ساهتيہ جي تاريخ ۾ پٿائي سان ڪو بہ ڏاهو يا ودوان برميچي نہ سگھندو، پر افسوس، سان چوٽو ٿو پوي تہ ڏاريا چنڊ پھچڻ ڪانپوءِ، مريخ سان ميلاپ جا سانباها پيا ڪن، پر اسانجا ڏاها، اڃا تائين اهو نہ طئي ڪري سگھيا آهن تہ: پٿائي پڙهيل هو يا اڻپڙهيل!

پٿائي بہ اهڙي دور جي پيداوار آهي، جڏهن ايسٽ انڊيا ڪمپني جون ٻئڪون سنڌ جي نٽي ۾ اڏجي چڪيون هيون. سنڌ جي واپار تي گورن جو قبضو ٿي چڪو هو.

”ڪا پائيتن“ جا آگونا وڏائي ڪتائڻ جي ڪم ۾ رنڍ ڪون وجهي، ڪين انهي چوڻ تي مجبو ڪيو ويو تہ،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪمزوريون آهن. عورت جي اهڙي ڪمزوريءَ جو مثال، ڀٽائي جي رسالي ۾ سر ليلا چنيسر ۾ موجود آهي. ليلا پنهنجي وَر چنيسر کي، هار تي هر ڪجي ڪؤنرو هٿ وڪڻي چڪي هئي. ٿي سگهي ٿو ته عمر سومرو به هن لوڪ داستان کان واقف هجي جيڪڏهن ائين هجي به سهي ته مارئي به ٿريلي هئي هو به ليلا جي ليلائڻ وارا قصا پڙهي چُڪي هوندي. هُو عمر جي جي هر ڪلابازين کان مٿانهين رهي ويجي پار پهتي.

ايءَ نہ مارن ريت، جو سيڻ مٽائين سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪا نہ ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙئين سين نہ مٽيان.

گهڻا ڏينهن تہ پري رهيا، پر مارئي عمر جي محلات يا آس پاس جي ڪا بہ چيز واپرائڻ، پاڻ ۽ پنهنجي ڪُر کي ٽِڪولائڻ ٿي سمجهي. هر آڇ کي نفرت سان ٺڪرائي ٿي.

ميندا ڌوءِ نہ مارئي، ٿي ڪروندڙيون وار،
سَتي سيئي ساريا، جي پائر جا پنهوار،
عمر اُنهون ڌار، مور نہ ويهي ماڙئين.

سرمارئي ۾ سماج جي ٻن طبقن سان لاڳاپيل فردن يعني، ”پورهيت“ ۽ ”پرمار“ جو جهيڙو ۽ ٽڪر آهي. پورهيت سدائين پرماريت جو شِڪار ٿيو آهي. ڀٽائي هن لوڪ داستان ۾ هڪ ٽياڪڙ جي حيثيت ۾ آهي. هُو آدرشي شاعرآهي. هو مظلومن جو يار غار ۽ استحصالي قوتن جو مخالفت آهي. سڄو رسالو شاهد آهي تہ هن پرماريت جي سدائين نِندا ڪئي آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لکي ۽ لاکو، ٻئي مٺا ٻاجھ ٿي،
قادر لاٿو ڪچ تان، اديون اولاڪو،
واندين ۾ واڪو، ريباڙي رهي پيا.

عمر کي مارئي پنهنجي سچي جنم پتري، مارن جي رهڻي ڪهڻي کان آگاھ ڪندي اهو تاثر ڏيندي رهي تہ مارو ڏٿ ۽ ڏوئرن جا هيراڪ تنهنجي ست رڇين کي ڇا ڪندا! اسان جا وارين منجھ وٿاڻ آهن. هي محل ۽ ماڙيون اسان لاءِ ڪابہ حيثيت نہ ٿا رکن ۽ هي تنهنجا ٿٽ ٿانگر ڏسي اسين هرکجڻ وارا ناهيون، تو جهڙي مڪار سان اسان جو ميلاپ نا ممڪن آهي. سندس هر آچ کي کِل تي سمجهي:

آءٌ ڪيئن سَوَڙين سمهان، مون وَرُ گهارِي وِلَهہ،
ڪٿيري تان کِل، عمر ڪچ مَ ايهڙي.

عمر سومري جڏهن ڏٺو تہ سندس اتڪلون، ظلم جا داستان دهرائڻ، لالچون هن ڪٽيريءَ کي متاثر ڪري نہ سگهيون. هوڏانهن سچي راڄ ۾ بغاوت پئي. سندس سونڪي کان سچا راڄ لڏي وڃي ويڙهيجهپ ۾ بي وس ٻٽيو اجها اڏڻ لڳا ، تڏهن کيس پنهنجو مستقبل تاريڪ نظر آيو ۽ کيس پنهنجي ڪڌن ڪرتوتن کي لڪائڻو پيو. مارئي اڳيان کيس جهڪڻو پيو. مارئي پنهنجي اٽل ارادي سان هڪ ظالم، عياش، جاگيردار کي شڪست ڏيئي، سماج ۾ هڪ نئون انقلاب آندو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حيف تنين کي هوءِ

عبدالوحيد ڪنڀر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# حيف تنين کي هوءِ

عبدالوحيد ڪنڀر

مٿين اکرن کي اصول ڪري سمجهو. يا Maxim زندگيءَ جو Principle ڪري چئو. محاورو ڪري لکو يا سياسي يا قومي نعرو ڪري ڪوٺيو. مطلب تہ جيڪي بہ چئو، لکو يا سمجهو، سو برابر- ٻن لفظن ۾ "منڙي ملڪ جي اُڪيرَ."

عام طرح سان جڏهن بہ وطن پرستي يا وطن دوستيءَ جو ذڪر ٿيندو آهي تہ گهڻو ڪري اهو چيو ويندو آهي تہ "فلاڻو ڪِ فلاڻو پيلي واهَ جو وطن پرست هيو." وغيره

مگر اهڙي قسم جو ذڪر عورتن بابت مڙئي گهٽ ٿيندو آهي. ماڻهو پنهنجي وطن سان محبت جو زنده ثبوت، ويندي جان جي نذراني ڏيڻ تائين پيش ڪري ڇڏيندا آهن. طريقا ڪهڙا بہ مختلف ڇو نہ هُجن، مگر گهڻو ڪري ڳالهہ ڦري گِهري مردن جي اهڙي سهڻي ڪردار جي چوڌاري اچي ٽڪَ هڻندي آهي. پر ملير جي مظلوم مارئيءَ کي پنهنجي وطن ۽ پنهنجي ملڪ جي ماڻهن، ٻڪرن ٿڻن، ڍڳن ڍورن، جانورن پکين، ساون، گاهن ۽ برساتن سان پسيل زمين توڙي خشڪ ٿر واسطي ڪيتري نہ اُڪير ۽ محبت هئي ۽ جهوپڙين ۾ رهندڙ ماروئڙن ۽ سانگيئڙن ۽ ملڪ ملير لاءِ دل ۾ محبت جو ڪيڏو نہ ڇوليون هڻندڙ ساگر موجود هيو!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويچاري اٻوجھ ۽ اڻ پڙهيل مارئي - ڪا هن دؤر جي عورتن وانگر پوليٽيڪل سائنس يا پوليٽيڪل فلاسافيءَ ۾ بي-اي، يا ايم-اي تہ ڪونہ ڪئي هئي، جو ويهي ليڊرن وانگر مدلل تقريرون يا تحريرون ڪري وطن پرستيءَ جو ثبوت پيش ڪري ها! هڪڙي سادي ڳوٺاڻي مائيءَ، پنهنجي غيرت، حق ۽ سچ جي راه تي ڪھڙي نہ بهادريءَ ۽ بي جگريءَ سان ظلم جو مقابلو ڪيو ۽ اُن مقابلي دؤران پنهنجي وطن ۽ ماروئڙن کي روئي روئي ياد ڪيو ۽ هر قسم جي ڏاڍ، خوف، ڏهڪاءُ ۽ لالچ جي اڪيلي سِر ۽ هٿين خالي جنگ ڪيائين ۽هوءَ ننهن کان وٺي چوٽيءَ تائين پنهنجي وطن جي اُڪير ۾ ٻڏل هئي.

حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي جن لفظن ۾ ۽ جھڙي انداز ۾ مارئيءَ جي حساس دل ۽ نرم ونازڪ جذبن کي اُڀاري ظاهر ڪيو آهي، اهو هڪڙو اهڙو بي بها موادُ آهي، جنهن کي جيترو هَرهَر ورجائبو اوترو وڌيڪ سرور ۽ وجد پيو پيدا ٿيندو.

ڀٽ ڌڻي ٿو چوي تہ :

اَلستُ بِربڪمِ. جڏهن ڪَنِ پِيومر
قالوبَليٰ قلب سين، تڏهن تِت چيومر
تنهين وير ڪيومر، وچن ويڙهيچن سين.

مطلب تہ وطن سان پيار ۽ ويڙهيچن سان وچن ۽ سِڪ جو قسم تہ مارئيءَ ازل کان وٺي ڪٽي ڇڏيو هو. هاڻي جڏهن سڪ جو بنياد ئي ازل کان آهي تہ پوءِ وري اڳتي ٻيءَ ڪنهن تعليم يا واعدي وغيره جو تہ سوال ئي ڪونہ ٿو اُٿي. هيءَ تہ هيو هڪڙو بنياد ۽ واعدو، پر هن خاڪي انسان جو تہ ايمان وجود ئي ڪونہ هيو ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِجان انسان جو گوشت پوست نهيو ئي ڪونہ هيو تہ مارئيءَ پنهنجي مارُوئڙن ۽ ملير جي اُڪير جو دم ڀري ڇڏيو هيو.

شاه صاحب فرمائي ٿو:

نڪا ڪُن فَيڪون هئي، نڪو لَگُ لَحَم
ٻڌيو هو نہ ٻت ۾ اِجان ڪي آدم
مون توهين سين سڱُ، اها ساڃاءِ سڀرين!

اِجان بہ هڪڙو اِڳتي قدم هلي ٻڌائي ٿو چوي تہ جڏهن اِجان ڪُن فيڪون ئي ڪين ٿيو هيو ۽ اِجان هيءَ ڪائنات ئي ڪين ٿي هئي ۽ سواءِ خدا جي ذات جي ٻي ڪا بہ شيءَ ڪانہ هئي ۽ وحده لاشريڪ لَہُ واري ڳالهہ هئي. تڏهن ڪان وٺي ئي مارئيءَ جي روح کي ملير ۽ مارُوئن جي تات هئي.

بيت آهي تہ:

نڪا ڪن فيڪون هئي، نڪا مورت ماه،
نڪا سُڌِ ثواب جي، نڪو غرض گناهَ،
هيڪائي هيڪ هئي، وحدانيت واهَ،
لکيائين لطيف چئي، اتِ ڳجهاندر ڳاهَ،
اکين ۽ ارواح، اها ساڃاءِ سڀرين.

هاڻي ڪو جواب ڏئي تہ مارئي پنهنجن مارُوئڙن ۽ ملير سان محبت نہ ڪندي تہ ڪنهن سان ڪندي؟

مطلب تہ وطن سان پيار ۽ پنهنجي وطن جي ماڻهن سان پيار هڪڙي اهڙي شيءَ آهي، جنهن جو ظاهري بنياد ڳولهڻ ئي عبث آهي. هاڻي وري هن جهان يعني هن ڌرتيءَ تي رهندي، مارئي پنهنجي ملڪ ۽ ماڙيچن لاءِ پنهنجي حُب ۽ سڪ جو اظهار ڪيئن ٿي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري. لطيف لعلُ انهن جذبن ۽ احساسن کي نمايان ڪندي فرمائي ٿو تہ:

قسمت قيد ڪياس، ناتَ ڪير اچي هن ڪوٽ ۾،
ونحن اقرب اليه من حبل الوريد، وطن آنءُ ويندياس،
مارن کي ملندياس، ڪوٺيون ڇڏي ڪڏهين.

ڏسبو تہ مارئي جي حب الوطني ۽ حب القوم جو نازڪ جذبو ڀٽائي ويجي قرآن پاڪ مان ثابت ڪيو آهي.

هن ڪان ايمان وڏيڪ ڪهڙو دليل، ڪهڙو منطق ۽ ڪهڙي ثابتي گهرجي؟ عمر جي ڪوٽ ۾ حالانڪ سڀ سک موجود هيا ۽ ڪو سکر وارو سينٽرل جيل تہ ڪونہ هيو، پر پابندي آخر تہ پابندي آهي ۽ اهڙي پابندي يا قيد مطابق، مارئي ويچاري ڪيئن نہ دل جي گهراين مان دانهن ٿي ڪري تہ:

جهڙو قيدالماءِ، تهڙو بند نہ ڪو ٻيو،
جف القلم بما هُوَ ڪائن، لهي نہ ترُ تِنَاءِ،
عمر تو هتاءِ آ، جائي ٿئي آ جڙين!

پنهنجي ملڪ ملير کي ڏسڻ جي جيڪا مارئيءَ جي دل ۾ گهاتي اُڪير هئي، سا هن بيت مان ڪيتري نہ واضح آهي:

هي هنڌ پيٽيون هاڻ، ساڙيان سڀ ڏيهين ريءَ،
ڪُل شيءِ يرجع اليٰ اصلة، ٿي جهجان جهانگين ڪاڻ،
پري پنهن جي پاڻ، پَسان ملڪ ملير جو!

مارئي نہ فقط پنهنجن ويڙهيچن کي ياد ٿي ڪري، پر ساڳئي وقت غيرت جي پهلوءَ کي بہ نہ ٿي وساري ۽ چوي ٿي تہ:

تر تر اندر ٿانءُ، وَنهين ويڙهيچن جو،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَب ۾ تنهنجو سومرا، ويٺا ڳنهن نانءُ،
اُتي ويندي‌س آءُ، لوئيءَ لَڄ متي ڪري،

پنهنجي لوئيءَ جي لَڄ جو ڪيس وري ڪيترو نه اونو هُيو. ايحان به اڪيلي هلي تي آس ڪري ته پل ته منهنجا ڪپڙا ڦاٽي ليڙون ٿي وڃن ۽ وارن جي چڳن جون چڳون جمي وڃن. مان ته شل اهڙي ئي حال ۾ وڃي پنهنجن سان مِلان جو مَنَ ايئن چون ته مارئي اساڃي آسري تي آس لڳايو ويٺي هئي.

چوئي ٿي ته:

سهسين سيبا ڪنجُري، لوئي ليڙون لِيڙ،
واسي وار نه ويڙهيان، مَرُچڳون رهن چيڙ،
ماروءَ جي مهاڙِ ريءَ، اندر ناه اُڪيرَ،
هڙو حال حميرَ، وٺي شال ويڙهِ وڃان!

مارئي پنهنجي ملڪ جي سڪ ۾ پنهنجن سادڙن پکن ۽ جهوپڙين کي عمر جي محلن تي ڪيئن ٿي ترجيح ڏئي، چوي ٿي ته:

ايءَ نه مارن ريت، جئن سيڻَ مٽائن سون تي،
اچي عمر ڪوٽ ۾، ڪنديس ڪانه ڪُريت،
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نه مٽيان.

جڏهن مارئي کي ياد ٿو پئي ته سندس غريب مٽ‌س ڪهڙي نه ڏکئي حال ۾ ولهه ۽ سيءَ ۾ سمهندو هوندو، ته مارئي عمر جا گرم ۽ گداز بسترا ۽ آرامده سوڙين کان انڪار ڪندي چئي ٿي:

آئون ڪيئن سوڙين سمهان؟ مون وَرگهاري وِلهَ
ڪٽيريءَ تان ڪِلَ- عُمر ڪَجِ مَ اهڙي!



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وري جڏهن مارئي کي ملير ياد ٿو پوي تہ پوءِ پنهنجي ملڪ جي طرف منهن ڪري ڪيئن ٿي پاڏائي، چوي ٿي تہ :

ڪيم مُهاڙ ملير ڏي، متي ڪوٽ چڙهي،
نِتُ نهاري ڏيهہ ڏي، ڳوڙها پيم ڳڙي،
نڱي ڪوڪ قلب مان، منجهان روح رڙي،
ويڙهيچن وري، ڪَرِ نہ لڌي ڪڏهين!

۴

جي ڪَرِ لڌائون، تہ بنديءَ بند نہ ساريو،
مارو ئڙن آئون، جيڪُس وِيَس وسري،

مطلب تہ جيڪڏهن مارن مونکي ياد ڪيو ۽ منهنجي ڪا سار لڌائون تہ چڻ مان قيد جا ڏکيا ڏينهن ڪاٽيا ئي نہ هيا.

جڏهن وطن جي سڪ ٿي ستائيس تہ مارئي چاهي ٿي تہ هيڪر تہ اکين سان وري مُلڪ ڏِسان. پوءِ پل تہ مري وڃان:

اَلا اِيئن مَ هوءِ، جئن آءٌ مران بند ۾!
جُسو زنجيرن ۾، راتو ڏينهان روءِ،
پهرين وڃان لوءِ، پوءِ مَرُ پُڄنم ڏينهڙا!

پر جي وطن ورڻ کان اڳواٽ ئي مري پوي تہ مارئي ڪيئن نہ سهٽي ۽ سپاجهي نموني عمر کي وصيت ٿي ڪري تہ منهنجو مڙه ملير ڏانهن موڪلجانءِ، جو جيڪڏهن ٻيئري نہ پهتس تہ مَنَ مرڻ بعد وطن جي زمين ۾ دفن ٿيان:

آءٌ بندياڻي بند ۾، ڪِ ڪي پيس ٻَندِ؟
مُنهين لڳو مهڻو، ڪِ مُنهين ڪڙو ڪندَ؟
مَران جي هِنَ هندِ، تہ نجانءِ مئٺ ملير ڏي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▲

واجهائي وطن کي، ساري ڏيان ساهُ،
بُت منهنجو بند ۾، قيد مَ ڪريجاهُ،
پرڏيهاڻي پرينءَ ري، ڏارَ مَ ڏريجاهُ،
تـڏي وسائج تـر جي، مٿي مُئيءَ مٺاهُ،
جي پوريون ٿـئي پساهُ، تہ نجانءِ مڙه ملير ڏي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جو پيغام

ڊاڪٽر علي اڪبر ايم-ڍڪڻ

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جو پيغام

ڊاڪٽر علي اڪبر ايم-ڍڪڻ

شاهه عبداللطيف ڀٽائي انسان ذات لاءِ شاعراڻي انداز ۾ ناصح ۽ هادي بنجي آيو. شاهه صاحب ڪڌن ڪرتوتن جي ڀيانڪ کي خبردار ٿو ڪري تہ سندن ننگيءَ جا ناهه نيٺ ناپر ٿيندا ۽ ڪين سندن عملن جي اهڙي تہ سزا ملندي جو دنيا جي قائم رهڻ تائين، سندن نالو ۽ ناموس بدنامي ۽ ڪراهت سان ورتو ويندو ۽ مظلوم جو نالو هميشہ پيار ۽ الفت، دعا ۽ محبت سان وٺي ڪيس ياد ۽ آباد رکيو ويندو. سرمارئيءَ ۾ شاهه صاحب ڦوڳ جي بدنيت ۽ چغلخوريءَ کي مارئي ۽ سندن مائٽن جي بدناميءَ جو سبب ڄاڻائي ٿو. ڦوڳ هميشہ لعن ۽ طعن جو حقدار بنجي ٿو ۽ مارئيءَ جو مان ۽ شان هميشہ مٿاهون ڏيکاريو ويجي ٿو، جيڪو ايندڙ وقت ۾ پڻ رهندو. ڦوڳ جي لالچائڻ ۽ هرڪائڻ سان عمر، مارئيءَ کي زوري کڻي پنهنجي محل ۾ سکيو ۽ آسودو رکڻ جي ڪوشش ڪري، پنهنجو بنائڻ جي تمنا ۽ آسرو رکي ٿو، مگر مارئيءَ جي لڄ ۽ حياءَ، مارن جي محبت ۽ ملير ملڪ جي مايا ڪيس پناهه ۾ رکي ٿي ۽ آخرڪار ڏکيا ڏينهن ڪٽي، عمر جي قيد ۽ بند مان آزاد ٿي، پنهنجي منڙن مائٽن کي پنهنجي غيرت ۽ همت، حياءَ ۽ شرم جو ثبوت ڏئي جڳ واسين کي اهڙو تہ سبق سيکاري ٿي، جو انسان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذات لاءِ تاقيامت زنده ۽ جاويد رهندو ايندو. سرمارئيءَ ۾ مارئيءَ انسان ذات لاءِ هيٺيان پيغام پهچائي، پنهنجي پَت ۽ پريت جو اظهار ڪيو آهي.

١-مارن سان ڳانڍاپو

مارئيءَ جي پنهنجن مٽن ۽ مائٽن سان ڪو نئون يا جمڻ سان ڳانڍاپو ۽ لاڳاپو نہ آهي، مگر سندن رشتو تہ ان ڏينهن کان وٺي جوڙيو ويو هو، جنهن ڏينهن رب العالمين روحن کي پيدا ڪري ڪائنات پڇيو هو، تہ ڇا هُو سندن رب نہ آهي؟ مطلب تہ مارئي پنهنجن مارن جي روز اول کان رشتي ۾ ڳنڍيل ۽ جڙيل آهي. انڪري اهڙو پراڻو رشتو ڇڏي عمر سان ڪيئن تي ڳنڍجي ۽ رلجي، پوءِ ڇو نہ ڪٿي مارو ماڻهو غريب ۽ مسڪين هجن ۽ عمر محلن ۽ ماڙين، دولت ۽ ملڪيت جو مالڪ هجي. مطلب تہ مارئيءَ انسان ذات کي ڪهڙو نہ سهڻو سبق ڏنو آهي تہ انسان کي طمع ۽ لالچ ۾ نہ اچڻ گهرجي، مگر پنهنجي حال تي حاضر رهي ۽ راضي گذاري پنهنجي غيرت ۽ حياءَ، پرم ۽ شرم، ناموس ۽ نالي کي سيني حرصن ۽ حسدن کان متاهون رکڻ گهرجي تہ جيئن پنهنجي روح کي بدنامي ۽ داغداريءَ کان نجات ڏياري هن ۽ هُن دنيا ۾ سرخرو رکي سگهجي.

٢-پنهنجن کانسواءِ زندگي

مارئي عمر جي قيد ۽ محل ۾ پاڻ کي پنهنجن مارن ۽ سريتن کان الڳ سمجهي ٿي. پنهنجين جيڏين جن سان مارئيءَ پنهنجو جنم گذاريو هو تن کان سواءِ عمر جو محل هن لاءِ گهنگهر يا پريشانيءَ جو باعث آهي. جيڏين کانسواءِ مارئي رت رئي ٿي ۽



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هميشہ سندس اکيون انهن کي ڏسڻ لاءِ واجهائين ٿيون. مطلب تہ پنهنجن کان جدائي انسان کي جهوري ڇڏي ٿي ۽ روح کي تڙپائيندي رهي ٿي ۽ زندگي زهر بنائي ڇڏي ٿي.

٣-اصلي منزل

مارئي عمر جي محل کي ڏاريو ۽ پرائو هنڌ ۽ ماڳ سمجهي ٿي. پنهنجي ڪکائن گهرن کي ياد ڪري دل مان اڌ ما ڪڍي ٿي ۽ آهہ وَزار رڙي ٿي ۽ بد دعا ڪري ٿي تہ هي ڏاريو محل ۽ مڪان سڙي خاڪ ٿي وڃي تہ جيئن هوءَ پنهنجي منڙن مارن جي ماڳ وڃي سگهي ۽ عزت وارا ڏينهن گذاري. مطلب تہ انسان ڪيترو بہ پري ڪنهن ڏورانهين ملڪ وڃي ٿو مگر وري بہ ڪيس پنهنجن جي اُڪير آڻي ڪيس پنهنجي ملڪ ڇيڙو ڪري ٿي ۽ پنهنجي ماڳ تي رهي خوشحال زندگي گذاري ٿو.

٤-اباڻن جي اُڪير

"اندر اڄ اڪير، مون کي پرينءَ پنوهار جي"

مارئي وٽ جڏهن ملڪ ملير مان ڪو مٽ مائٽ نہ ٿو اچي تہ هوءَ ڪين سنيالي ۽ ياد ڪري ڳڻتي ظاهر ڪري ٿي تہ سندن ويجهن مائٽن نہ اچڻ ڪري ڪيس ڪير سندن حال، ۽ احوال ٻڌائيندو ۽ سندس سنيها ۽ پيغام پهچائيندو. مارئي خدا کان دعا گهري ٿي تہ شال ڪو ملير مان جهانگي اچي تہ جيئن ڪيس حال احوال ملي ۽ هوءَ سر هي ٿي، محلن جي موبجهاري کي منهن ڏئي سگهي. مطلب تہ انسان جو پنهنجن سان رابطو ضروري آهي. هڪ ٻئي جو احوال رئڻ سان انسان خوش باش رهي ٿو ۽ سندس ذهن گهٽي پريشانيءَ کان بچي پوي ٿو ۽ سندس سوچ تعميري ڪمن ۾



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏئي تہ زبردستي سندس زال بنجي نہ ٿي گذاري سگهي چو تہ هوءَ اڳ ۾ ئي مارن وٽ ڏنل آهي، لوه ۾ لوچي رهي آهي، سانگيئڙن جي سڪايل آهي، لوءَ (جهان-ملڪ) ۾ لنگڙياري (ليڙون لوڏيندڙ) بنجي وئي آهي. جهروڪن ۾ سندس هنياءَ جُهري رهيو آهي. ڪوٺين ۾ بند ٿي ڪُسجي رهي آهي. مارن جي مونجهاري ۾ مري رهي آهي. ان هوندي بہ مارن کي هن طرح بہ پئي ياد ڪري:

"آئون ڪئن ڇڏيان، سومرا! تن پنهارن پچار؟
جڙ جنين جي جان ۾، لڳي ريءَ لهار،
ميخون محبت سنديون، هينئڙي منجھ هزار،
پکا ۽ پنوهار، ڏني مون ڏينهن ٿيا!"

"ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو ٻيو، ڪتيرو ئي خوب،
ميروئي محبوب، اسان مارو مَن ۾."

۷-عصمت جي حرمت

مارئيءَ کي پنهنجي عصمت جو تمام گهڻو اونو هو. موت کي پسند ڪري پئي مگر عزت کي وڪامڻ سندس شيوو نہ هو. ڏکن ۽ ڏولاوَن ڀري زندگي بسر ڪرڻ گهري پئي مگر عزت ۽ ناموس برقرار رکي عيشن کي ننديو پئي. جهڙي سَتي جَتي، عمر جي محل ۾ آئي هئي اهڙي طرح ئي پنهنجن مارن سان موٽي وڃڻ کي پسند ڪري پئي. سندس ذلت پنهنجي مارن ۽ ڪانڌ جي ذلت سمجهي پئي. پنهنجي پيدائش تي ڳوڙها پئي ڳاڙي چو تہ سندس ڇمڻ ۽ وڃي ٿيڻ سان نہ صرف سندس مائٽ بدنام، ٿيا مگر پورو ملڪ ملير بدناموس ٿيو. هوءَ پنهنجن ڏانهن ڪهڙي ڪنڌ سان موٽي وڃڻ لاءِ سوچي پئي. هوءَ ڄمندي مرڻ پئي چاهي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مگر سندس مانُ ۽ مرتبو، عزت ۽ عصمت خدا بچائي ڇڏيو ته مارئي عمر جا عيش ڌڪاري، ماڙين کي مات ڪري سانگين جي پرم ۽ شرم جي سيوا پئي ڪري ۽ عمر کي پئي چوي ته:

"سيل پيڄڻ جي، سومرا! مون کي مت مَ آڇج مير!
ٿورين گهٽين ڏينهڙين، ويندي سُهت، همير،
مڇڻ منجهه ملير، ڪنڌ مٿانهون نه ڪٿان."

۸-صبر ۽ استقلال جو صلو

مارئي به مينهن واري موسم کي ياد ڪري مارن جي سَر هائي پنهنجي سَرهائي پئي سمجهي ته ايتري ۾ عمرڪيس خوشخبري ڏئي ٿو ته اي مارئي ماندي نه ٿيءُ ۽ تنهنجو قيد ڪجهه ڏينهن لاءِ آهي. تو مصيبت ۽ ڏاڍائي جو عقل ۽ فراست، ايمانداري ۽ غيرت سان مقابلو ڪيو آهي، انڪري هوءَ پنهنجن مارن سان جلد ملي ڪين لاءِ بيٺي خوشيءَ جو سبب بنجندي. مارئيءَ پتار کي نه وساريو، ست سالم رکيو، عمر جي عيش ۾ نه جڪڙي ۽ سُڪي نوڻو ٿي وئي: پنهنجا حال هيٺا ڪيائين، سون جي زيورن کي شيهو سمجهيو، ڳچيءَ ۾ ڳهه پائي پلنگن تي نه ويٺي، چيله مٿان خزاني (لوئي) کي نه ڇڏيائين، پنهنجي سَتُ ۽ سِيل کي سالم رکيائين، وارن جون چوٽيون ڳنڍيون ڪري ڇڏيائين، چار جي وٿن کي ياد ڪري نيٺين ننڊ حرام ڪيائين، پنهنجي نفس کي ودي، چيري، چچري، ڇڏيائين ۽ ست بچائي نيٺ پنهنجن جي آبرو واري منزل ماڻيائين-مارئي انسان ذات لاءِ اهو پيغام ڏئي ٿي ته سِپ سمنڊ ۾ پيدا ٿيندي آهي ته به ساگر جو نه پر نديءَ جو پاڻي پيئندي آهي. جيئن هوءَ ڪڪر جي تات ۾ ويهندي آهي تيئن ملير به سندس



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

من ۾ اهڙي طرح پيو وسي. ان ڪري مارئي چوي ٿي تہ:

"سِڪو، سِپ، سرِيتون! سبھن مُلان سير،
پيو مٿائي نير، ايئون آبر آ، مري."

پنھنجي ستر کي سالم رکڻ ۽ آبروءَ جي آبياري ڪرڻ سبب مارئيءَ جا سمورا سور پرزا پرزا ٿي ويا ۽ هوءَ چوڻ لڳي تہ:

"لهي لوهَ پيام، لطيف ساڻ، لطف چئي."

مارئيءَ جيڪي قيد ۾ ڏينهن ڪاٽيا سي هن لاءِ آزمائش ۽ امتحان جا ڏينهن هئا، جنهن ۾ هوءَ پاس ٿي وئي. هن جي اکين مان جيڪي سفيد لڙڪ وهيا، انهن سندس عين کي ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو. مارئي شاهه لطيف جي لفظن ۾ هن طرح منڙي آلاپ سان دنيا کي ٻڌائي ٿي تہ:

"سڪر سيئي ڏينهن، جي مون گهاريا بند ۾،
وسايم وڏڦڙا، مٿي ماڙين مينهن،
واجهائيس وصال کي، ٽيس ٿهارون تيئن،
نِير منهنجي نينهن، اُجاري اڇو ڪيو."

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جان جان دعويٰ

عابد مظهر

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# جان جان دعويٰ دم

عابد مظهر

هزارن سالن کان سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي قوم مارئي جي ڪردار سان اهڙي پاڪ ۽ پوتر محبت ڪري ٿي جيئن ڪو پنهنجي سڳيءَ ڀيڻ سان پيار ڪري ٿو. مارئي سنڌ جو اهڙو امر ڪردار آهي، جيڪو اڄ به قوم پرستي، وطن پرستي ۽ ٻين ڪيترين ئي تمثيلن طور استعمال ٿئي ٿو. اهڙي طرح عمر ۽ مارئي ٻئي سنڌي معاشري ۾ تمثيلي طور ڪتب ايندا آهن. مثال طور "مارئي" اڄ جي سنڌ آهي ته "عمر" اهو سامراجي ڄاڙتو آهي، جيڪو سنڌ جي ماروئـڙن، جهانگيئـڙن کي شاھ سائين جي هن بيت جيان سوڳهو ڪيو ويٺو آهي.

" هٿڙيون هٿن، ڄنگهون ٻانهون ڪاٺ ۾"

مارئيءَ جي ڪردار مان اسان کي همت ۽ بهادري جا غير معمولي مثال ملن ٿا، ڇاڪاڻ ته مارئي عملي طور ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته جهاد بهادري سان سچ چوڻ ۽ جبر سهڻ جي جهنڊي کي بلند ڪرڻ جو نالو به آهي.

هڪ انقلابي مفڪر (١) جي هيئين قول ۾ مون ويساھ رکي، مارئي کي اڄ جي انقلابي ڪردار سان ڀيٽيو آهي ته "توهان اسان جا جسم ته قيد رکي سگهو ٿا، پر ذهن ڪڏهن به قيد نٿا



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهو.“ هن مضمون ۾ مارئي ڪي ان ماڻ ۾ پرکيو آهي، جنهن ۾ اڄ جا انقلابي گهڻو ڪري پورو نہ لهندا آهن، پر ان ڳالھ جي بہ وضاحت ڪندو هلان تہ مارئي جو باندي وارو ڪردار عام انقلابي کان تمام گهڻو مٿيرو آهي، پر آزمائش جا اهي طريقا سيئي ساڳيا آهن، جيڪي هڪ انقلابي ۽ مارئي سان پيش آيا آهن ۽ ايندا رهن ٿا. هر دور ۾ انسانيت جي عظمت کي بچائڻ لاءِ انسان دوست، اڏول سرويچن پنهنجي سرجا سودا ڪيا آهن ۽ پنهنجي عزت ۽خود داري کي برقرار رکيو آهي.

سر مارئي ۾ بہ شاھ سائين هن تي اهي ساڳيا هٿ ڪنڊا استعمال ٿيندي ڏيکاريا آهن، جيڪي هڪ آمر ۽ غاصب، انقلابي قوت رکندڙ سان ڪندو آهي. شاھ ڀٽائي بہ پاڻ کان اڳ وارين تحريڪن. لڙاين ۽ سندس دور جي پر آشوب ڀيانڪ راتاهن جي چگن چگن ماڻهن جي سياسي چالبازين کي ڏٺو پرکيو ۽ تجزيو ڪيو تہ مارئي جو پڙ مڙني کان مٿي تمام مٿي آهي. اهڙي طرح شاھ پنهنجي شاعراڻي شعور کي ڪتب آڻي، انهن ڀاڙي ڪردارن ۽ مارئي جي ڪردار کي سامهون رکي انهن جي چند چاڻ ڪري مارئي جي روايتي قصي کڻڻ بدران، مارئي کي هڪ باندي، خود دار، انقلابي ڪردار جي حيثيت ۾ پرکيو، جنهن لالچن لوڀن جي آچن کي ٺڏا هڻي اذيتون سهي، مارن، سانگين، جهانگين جي هڪ آمر ۽ غاصب آڏو نمائندگي ڪئي ۽ پنهنجي ضمير ۽ عزت تي رهند بہ آڻڻ ڪونہ ڏني.

”وڃڻ تت پيوم، جت هلڻ ناھ حسن ريءَ.“

شاھ سائين بہ انسان جا سٺا گڻ مارئي جي روپ ۾ ظاهر ڪيا.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبر ڏاڍ سهي ظالم سان نفرت ڪرڻ، وطن سان محبت ڪرڻ، ايرن سيرن ماڻهن سان پريت نڀائڻ جهڙين وڻن کي لطيف سائين اهم ڄاتو. اهي وڻون اڄ به هڪ محب وطن ماڻهوءَ جي پرکڻ لاءِ ڪافي آهن.

عمر به جڏهن مارئي کي بنا ڪنهن ڏوهه جي بي دريافتو ڪوٽن اندر باندي بڻائي کيس لالچون ڏئي پٽ راڻي بنائڻ، ريشمي ڪپڙا پائڻ جون آڇون ڪري ٿو ته مارئي سنڌس آڇون رد ڪري ٿي ڇڏي.

پٽولا پنهواريون، مور نه مٽي ڪن،
جة لاک رتائون لوئيون ته سالئنا سونهن،
ان ايلا چئون اڳري، بخمل بافتن،
سکر پائيان سومرا، ڪتي ڪان کهنبن،
جا ڏنم ڏاڏاڻن، سا لاهيندي لڄ مران.

مارئي اهڙي قسم جي ڪنهن به لالچ کي پنهنجي من ۾ جڳهه ڏيڻ نٿي چاهي، جنهن مان هن تي يا سندس ماروئڙن جي ساک تي ڪو الزام اچي. هوءَ بخمل ۽ بافتن تي اُن کي اهميت ڏئي ٿي، عمر جي طعامن ۽ پلائن تي هرڪڻ بدران هوءَ پنهنجي سادي سودي ڳنڍڻ، پلي، ڏٿ، للر، ساڳ، لنب، سائين ۽ آراڙي کي اهميت ڏئي ٿي.

آٿين ۽ چاڙهين، ڏٿ ڏيهاڻي سومرا،
منجهان لنب لطيف چئي، چائر ڪيو چاڙهين،
پلاءَ نه پاڙين، عمر آراڙي سين.

ڏوٿياڻي مارئي غريب ماڻهن جو اهم گڻ عزتِ نفس ۽ ضمير جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بچائڻ کي سمجهيو، چاڪاڻ ته ڳوٺاڻن غريب ماڻهن وٽ جيڪڏهن ڪا شاهوڪاري آهي ته اها آهي! عزت، ضمير اخلاق ۽ خود داري. هن پوري سر ۾ شاهه لطيف جا ڪيا بـ ڪيترائي بيت آهن، جن ۾ عمر مارئيءَ کي لوڀ ۽ لالچ ڏئي ٿو، پر مارئي پنهنجي عزت، خود داري ۽ انا کي هٿان نـٿي ڇڏي.

عمر هاڻ لالچ بدران مارئي تي سختيون ڪرڻ شروع ڪيون، پر مارئي اُهي اذيتون خوشيءَ سان سٺيون ۽ مقصد ۾ ڪڏهن بـ هيٺائي نـ ڏيکاري، اِجا بـ هن جو ذهن هڪ سچي انقلابي جيان مضبوط ٿيندو ويو ۽ عمر کي چوڻ لڳي تون مونکي ڪمزور سمجهي، مون تي ڏاڍ ڪرڻ گهرين ٿو، پر منهنجي پختي ۽ پڪي ارادي ۾ ڪڏهن بـ لرزش نـ ايندي.

شاهه سائين مارئي تي ٿيندڙ اذيت هن طرح بيان ڪري ٿو:

ڳچيءَ ڳانا لوهه جا، زيريون ۽ زنجير،
پيڪڙا پيرن ۾، ڪوٺين اندر ڪير،
چاري چوگانن ۾، واهيت ڪن وزير،
ڇَن نـ ڇڄي آهيان، اهڙي سٽَ سريرَ،
مارو ڄامر مليرُ، پيچ ڪئين پنهوار کي.

پر اهي لالچون، سزائون، اذيتون روحاني توڙي جسماني، هن جي عزمِ ۽ استـقلال کي لوڏي نـ سگهيون ۽ هن بي اختيار عمر کي مخاطب ٿي چيو تـ اسان مارو ماڻهو دل جا اڇا اجرا صاف صوفي طبيعت رکندڙ، اسان کان اهڙو ڪڏو ڪم ڪڏهن بـ نـ ٿيندو، جنهن مان اسان جي عزت نفس مجروح ٿئي، زخمي ٿئي، چاهين تون منهنجي جسم ۾ چيري لوڻ وجهين، پر اول آخر تو لاءِ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي منهنجي دل ۾ نفرت ويٺي آهي، اها محبت ۾ ڪڏهن بہ تبديل نہ ٿيندي:

جي لڱين لوڻ لائين، چيري چيري چمڙ،
مون ڪَر اڳي نہ ڪئو، اهڙو ڪوجهو ڪمڙ،
جان جان دعويٰ دمڙ، تان تان پرت پنهوارسين،

مارئي فقط اها دعويٰ زباني نہ ڪئي هئي، پر عمر اهي سيئي سختيون آزمايون بہ هيون، جنهن ۾ مارئي جي دعويٰ سگهاري نڪتي. اهڙي طرح هر اذيت سهڻ وقت هن جي زبان مان هي سٽ سمنڊ جي ڇوليءَ جيان پوري زور سان ٿي نڪتي:

”ستيون دعا ڪجاه، تہ پرم پارو ڙي رهي“.

هن عملي جدوجهد ۾ مارئي عمر کي آخري جواب ڏنو، پنهنجي اخلاقي جرئت مند ڪردار وسيلي اهو ثابت ڪيو تہ سنڌ جي عورت ڪنهن بہ هڪ کي پنهنجي زندگيءَ ۾ جڏهن من مندر ۾ ويهاري ڇڏيندي آهي، تہ ڪڏهن بہ ٻيءَ کي ان اندر جڳهہ ڏيڻ پسند نہ ڪندي آهي.

”ڪان نہ ڪندس ڪو ٻيو، ڪـٿيرو ٿي خوب“

اهي ئي مارئي جا سنا گڻ هئا، جنهن ڪري شاه عبداللطيف ڀٽائي هن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ اهم سورميءَ جي حيثيت ڏني. سر مارئي وسيلي شاه سائين سنڌ جي عوام کي ٻڌايو تہ انفرادي خوشيون اجتماعي مفادن تي قربان ڪرڻ ئي اصل انساني وڏ ۽ گڻ آهي. مارئي جي ڪردار مان ثابت ٿئي ٿو تہ جنهن ڌرتيءَ تي توهان ڄاوا نپنا آهيو، ان سان وفاداري ڪرڻ ئي قوم پرستي ۽ وطن پرستيءَ جي اصلي وصف آهي. هن پوري سر ۾ مارئي جي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪردار وسيلي، ڏاڍ ۽ جبر سهي بہ عزت نفس بچائڻ ۽ ظالم کي سچ چوڻ ۽، وطن سان محبت ڪرڻ جو درس ڏنو ويو آهي. اهو هن سُرَ جو اصلي سگهارو مقصد آهي.

(١) هوچي منة



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر ماروئي جو مطالعو

فقير امداد علي سرائي

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سر مارئي جو مطالعو

فقير امداد علي سرائي

هِن سُر بابت منهنجي مڙني ڇاپي رسالن جي ڏورـ اَڀياس محققين جي لِکڻين جي مطالع کان ڌار، ملڪ جي اندر ۽ ملڪ کان ٻاهر جاڪوڙ ڪندي، شاهه رحه جي رسالي جي سڄاڻ بزرگن فقيرن ۽ وڏي ڄمار جي سگهڙن جي سنگت ۽ صحبت مان، جيڪو گيانُ ۽ وِديا حاصل ڪئي اٿم، ان موجب شاهه سائين جي اصلي آڳاٽن رسالن ۽ صحيح گنج شريف ۾ شاهه صاحب جا ڪل ٣٦ سُر ثابت آهن. جن مان گهڻن سُرن تي هندوستاني راڳڻين جا نالا پڻ رکيا ويا آهن، مگر ڪي چند سُر جن جو مُوَجد سائين بادشاهه پاڻ آهي. جئن "سُرمارئي." هي سُر هندي راڳڻين مان نه آهي، جنهن جو ظاهري تعلق همير سومري جي اڙٻنگ پٽ عمر بادشاهه ۽ هڪ اشراف ڳوٺاڻي سنڌي عورت ساڻ آهي. هي هاڃيڪار واقعو ١١٨٠ع کان اڳ جو آهي. هن قصي کي شاهه سائين پنهنجي عوامي شاعري ۾ آڻي اَمر ڪيو آهي. سُر مارئي ۾ ڪل ١١ داستان آهن ۽ هن سر جي گائڪي جو مُوجدُ ۽ موسيقار شاهه سائين پاڻ آهن. اهوئي سبب آهي ته شاهه سائين کان سُر مارئي جي گائڪي راڳڻي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سُر تار سَکي شاهه جا راڳائي فقير سُر مارئيءَ کي اُهڙي طرح هڪ عجيب گونج ۽ لهجي سان ڳائيندا اچن ٿا، جنهنجو الاپ اُتڪ سُر جي لانڍ ۾ سُرن کان سُريلي نماڻي نرالي ۽ مَنُ موهيندڙ آهي. ويجهڙائي واري دور ۾ سائين غلام شاهه پٽائي ۽ سندس فرزند سُر مارئي کي سٺو نڀائيندا هيا. ان کان اڳئين دور ۾ سُر مارئي کي ايتان بہ وڌيڪ موثر ۽ موهيندڙ انداز ۾ ابراهيم فقير راڳائي سنڌ ۾، ۽ ڪَڇ طرف مائي جِيان زال نهال فقير جَت ڳائي پٽائي سائين جي سمي جون سِڪون لاهيندا هيا ۽ ٻڌندڙن کي روئا زڙي بي حال ڪندا هيا. هن سر ۾ شاهه سائين عوامي ۽ الهامي شاعر عمر مارئي جي لوڪ ڪهاڻي کي سچو ثابت ڪندي واقعي جا ٻار پٽا ڏيندي سٺو علمي اُهاءُ ۽ شاعري شعاع جو پَرتو وچِڙيو آهي ۽ اهڙي پَر پنهنجي لافاني شاعري ۾ سُر جا پارٽ ۽ ڀاڱا جدا جدا داستانن ۾ پڌرا ڪيا آهن جيڪي ڪجهه هيٺ بيان ڪجن ٿا :-

(١) هڪ اشراف سنڌي عورت جي سَت جي تصديق.

(٢) وطن جي حُبَ

(٣) ماروئڙن مائٽن ڏيهه ۽ ڏيهواسين لاءِ فطري مَحبت

(۴) عزم جي پختائي ۽ بهادري

(٥) سومري بادشاهه جون سَپرايون ۽ ڏاڍايون.

(٦) مارئي جي غيرت پکن جي پريت ۽ ظالم جي ماڙين کان نفرت.

(٧) پنهنجي ڪانڌ جي عزت برقرار رکڻ ۽ پڳ بچائڻ لاءِ عمر جا قيد ڪاٽي ثابت ڪيو آهي تہ هڪ سنڌي اشراف عورت لاءِ هڪ مڙس هوندو آهي ۽ نہ گهڻا. ان کان علاوه هن سرَ ۾ پيا بہ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻا روحاني راز سمايل آهن. (ملڪ جي آسودگي سُڪار لاءِ وسڪاري لاءِ دعا جا بيت پڻ چيل آهن ) جن مان ڪجھ هن مضمون ۾ قلمبند آهن جهڙوڪ

(i) ماروئي جي مسلمان هئڻ جي پڪ

(ii) ماروئي جي ڪيت سان شادي

(iii) عمر جي عزرائيل سان نسبت ۽ شاه سائين جي ظاهري ۽ "مخفي مارؤئي" بابت سندس شاعراڻي شاهدي ۽ سَنَد پڻ قلم بند ڪجي ٿي، جيڪا ڪاڻ تہ هن سر جو راز ۽ اپياس پاڌارڻ ضروري سمجهان ٿو جنهن احوال کي ترتيب وار هيٺ ڏجي ٿو تمام سُهڻن اَملہ ۽ ٺهڪندڙ بيتن سان :-

## هڪ اشراف عورت جي سَت جي تصديق :-

شاهدي حضرت شاه عبد اللطيف رحہ

سيلَ پيڻ جي سومرا مونکي مَت ِم آچج ميرَ
گهٽي ٿوري ڏينهڙي ويندس هُتِ هَمير
مچڻ منجھ مليرَ ڪندس متاهون نہ ڪٿان.

▲

(٢) جَهڙِ پين جهنگل رهن، ڪن گلا نہ غيبت
مور نہ اچي ماڙيين منهنجي جيءَ کي جمعيت
سا ه منهنجو سانيه ۾ هِت مڙه آهي ميت
تون راجا، آءُ رعيت، اي سگ نہ ٿهي سومرا.

▲

(٣) پٽو لا پنهواريون مور نہ متي ڪن
جا لاک رتائين لوئي سا، مرڪ مارو،ڙن



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اُنَ اِلا نچوُن اڳري، بخمل بافتن
سکر پائيان سومرا ڪتي ڪان ڪُنهن
جا ڏنم ڏاڏائن، سا لاهيندي لڄَ مران.

▲

(۴) جهڙي آيس جيئن، تهڙي ويحان تن ڏي
تہ لالا ئي جا لطيف چئي مندن اُنا مينهن
ماڙيءَ لڳم مهٽو سڀ ڄماندڙ سيڻن
تيس ڪا نياري ڪانڌ جي هتي اُچي هيئن
ڪنڌ ڪٽندس ڪيئن، مَنه ماروئڙن جي.

▲

(۵) جي لوڻ لِڳين لائين چيري چچڙ ي چَمَر
مون ڪُر اڳي نہ ڪيو ڪوجهو اهڙو ڪم
جان جان دعويٰ دم، تان تان پرتِ پنهوارسين.

▲

(٦) عمر اچا ڪپڙا ڪاٺياريون ڪيئن ڪن
جن جا تَـرن ۾ وَرَ تـا ويـڻ سَهـن
هو جي حق پيحن، سي ڪيئن ستيون ميان سومرا.

## ”وطن جي حُب“

(۱) وطن ريءَ ويهي جي هت گهاريم ڏينهڙا
او مارو ڏيندم مُنهن، ۾ ڏاڏاٿا ڏيهي
پکن ۾ پيهي، شل محلن جي مَرُڏئان.

▲



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) قضا آنديس ڪوٽ ۾ وطن مون وَلهار
قيدالماءُ اشدِ من قيد الحديد آهيم انتظار
والي واڳ وطن تي وار، تہ مِلان ماروئڙن کي.

▲

(٣) واجهائي وطن کي ساري ڏيان ساهہ
بُت منهنجو ند ۾ قيدم ڪريجاهہ
پر ڏيهاڻي پرين ءَ ري ڏارمَ ڏريجا
ٿڌي وسائج ٿرن جي متي مئيءَ متا
جي پويان ٿي پساهہ، تہ نجاءَ مڙهہ ملير ڏي.

▲

(٤) واجهائي وطن کي آءٌ جي هِت مُياس
گور منهنجي سومرا ڪج پنهوارن پاس
ڏِج ڏاڏاڻي ڏيہ جي منجهان ولڙين واسُ
مُيائي جياس، جي وڃي مَڙهُ ملير ڏي.

▲

(٥) مارو مت مـلير جا ساريم سيئي
حُب الوطن من الايمان اندر اِهيئي
پکن ۾ پيهي، پسان شال پنهوار کي.

▲

(٦) جڪس چڪيم چاڪ ونهين ويڙهيچن جا
واجهائي وطن کي فنا ڪيس فراق
سيئي سارين سومرا جَنين ٿر اندر ٿاڪَ
ماروءَ جي اوطاق، گهڻو اُڪنديون آهيان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▲

(٧) ويان شال وطن ڏي جت ساهيڙيون ۽ سرتيون
مون جيڏيون مليرَ ۾ ڪن لويون لاڪ رَتيون
ڪاهُڙ جون ڪتيون مري شال ماٺيان.

## مارُوئڙن مائٽن ڏيهہ ۽ ڏيهواسين لاءِ فطري محبت :-

(١) الله اوني آٺيين جي نياپا نين
آءُ انهن جي آهيان توڙي مون نہ مَڃين
مس منهنجي هٿ ۾ ڪاغذ ڪي آٺين
لڙڪ لکڻ نہ ڏين، ڪريو پون قلم تي.

▲

(٢) ايان ڪتي ڪالهہ جا متي ڏني مارُوئين
سا ڪيئن لوئي لاهيان لڱن متان لال
مارُن ملي شال، هي ڏهيون تو ڏيکاريان.

▲

(٣) عمر مارُوئڙن جا مونکي ڦقڙن اندر ڦٽ
سي وساري سومرا آءُ ڪيئن ڪلي وِهان ڪٽ
هن لوئي متان لٽ، لاهيان ڪيئن لطيف چئي.

▲

(٤) عمر اوني آيو ڪٿي سگّرن جا سلام
سرتين جي سٽ مان قادر ڇيجي ڪامَ
مون تان لاهہ ملامر، تہ هيڪر هيڪاندي ٿيان.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

▲

(٥) پره ڦــٽي ڦار وڏمر ويڙهيچن لئي
لا تــقنطو من رحمت الله ڏنو سڌ سَتار
ان آيت جي آڌار، مونکي ماروئڙ ميڙيين

▲

(٦) عمر اميدون ٽي رکان ويحن لوه لهي
قِصا ڪنديس ڪوٽ جا سرتين ساڻ سهي
سندي مرڪ مهي، ويجي ولوڙيان ويڙه ۾.

▲

(٧) صائمر سِڪي جيئن، آذان جي آواز کي
مون مَنُ مارن سين تيئن، رهيو آهي روح ۾.

▲

(٨) پڻڪي پني رات ماڙيءَ مٿي مارُئي
ٽي نهاري نيڻ ڪٿيو اُٿي آڌيءَ رات
وِهاٽي پِريات، ڪو الله اوني آئيين.

## عزمر جي پختگائي ۽ بهادري

(١) آطلش آبريشمر جا ٻنڌڻ ٻاريندياس
شيشا لال گلاب جا لب نـ لائيندياس
لاڪ رتيون لوئيون مرڪي مٿي ڪندياس
پنڙي جهڻ پرين سين پاور جي پيـنـدياس
ويجي ڏر ڏئنديس، ميندا ماروءَ چامر سان.

▲



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) آءٌ ڪيئن ڇڏيان سومرا تن پنهوارن پچار
جڙ جنيجي جان ۾ لڳي ريءَ لوهار
ميخون محبت سنديون هينئڙي منجهه هزار،
پکا ۽ پنهوار، ڏني مون ڏينهن ٿيا.

▲

(٣) ايءُ نہ مارن ريت جئن سيڻ مٽائن سون تي
اچي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانہ ڪُريت
پکن جي پريت، مارين سين نہ مَٽيان.

▲

(٤) ٻانُهن ٻنهن ٻيڙيون مٿي ڪانن ڪَنڌُ
ميان آءٌ ملير جو ويٺي پچان پنڌ
هوند نہ ساريم بَندُ، جي ڪَرَ لڏائون ڪڏهن.

▲

(٥) ڳچي ڳانا لوهَ جا زيريون ۽ زنجير
ٻَيڪڙا پيرن ۾ ڪوٺيَنِ اندر ڪيرَ
چاري چوگانن ۾ واهيت ڪن وزير
چئن چني آهيان اَهڙي سِٽ سَرير
مارو چامَ ملير، پُڇج ڪي پنهوارِ ڪي.

## سومري بادشاھ جون سِپرايون ۽ ڏاڍايون :

١- چڏ سپرايون سومرا نہ ڪر ظلم زيان
ڪيڏانهن جَم جَما، ويا جن سڏايو تي سلطان
جنجا هن جهان ۾ ڦِريا تي فرمان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تَنِ نہ نيا پاڻ سان نگارا ۽ نيشان.
عدل ڪر احسان، تہ ساکَ وَڌئي سومرا

▲

٢- ساري عمر سومرا ڦر نہ ڦہنديا،
مارُيون مقامن ۾ آڌڻ نہ ڏيندياءِ
گڏينديءَ گرزن سين عمر نہ چونديا،
اُتي تو نيندياءِ، جتي حاڪم سُجهي ٿو حق جو.

▲

٣- قاضي عمر ڪوٽ جا نبيرج نياءُ
سَہر پُسي سومرو رکج ڪوم ريا
ويڙهيچاٺو وياءُ، قضا آندو ڪوٽ ۾.

## مارُئي جي غيرت پکن جي پريت ظالم جي ماڙين کان نفرت“

(١) تَر توهر گهر جهوپڙا، پارڻ جنجو پوهُ
وَلڙا مينهن ملير تي ٿَهڪي بيٺا توهَ
رات بہ منهنجي روح، سيئي سجڻ ساريا.

▲

(٢) چُٽن چٽڪن چٽ ۾ وساريان ڪيئن ورن
ليشڪ مثلة شيءِ پسڻ ناهہ پرين
پکا پنهوارن، نيئي ”آڌيا ناهہ ۾.

▲



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(۳) سرتين سنجڻ چـڏيو سَتيءَ ڳالھ سُئي
ماڙيچي ماڙين ۾ ڪـڏهن ڪانہ ويئي،
عمر آءٌ نہ مُٺي، اِن اوياليان اگهين.

هن بيت مان ظاهر آهي مارُئي ذات جي ڪير هئي.

▲

(۴) مون جيڏيون ملير ۾ متي ڪن ڪـتا
سون نہ پائيان سومرا همين هتا
تن ماروئڙن متا، لوئي لاهہ مَ لطيف چئي.

▲

(۵) عمر آندي مارُئي متّان ڪوهہِ ڪٽي
چُلهيون اُنِ نہ چاڙهيون جَنِ هيءَ چٽي
ڏ ڪيندءِ ڏٽي، شرعا پچندءِ سومرا.

ماروئي پنهنجي ڪانڌ جي عزت بچائڻ لاءِ عمر جا قيد ڪاٽي ثابت ڪيو آهي ۽ هدايت ڪئي آهي تہ سنڌي اشراف عورت لاءِ هڪ مڙس هوندو آهي ۽ نہ گهڻا.

(۱) پاسا پولڙن ۾ پانهون سر پيئي
اکيون نَڪُ آريج لئي تِمايم تيئي
ڏورتيا ڏيهي، پرين پائر وٽ ۾.

▲

(۲) ڪانڌ نہ ڪنديس ڪو بيو، ڪتيروئي خوب،
ميرو جي محبوب، اسان مارو من ۾.

▲



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣) مُنهن منهنجو سومرا مر ميرئي هوءِ
متان مارو چوءِ، ته ڏوتوءِ ڏوراٽن ۾.

▲

(٤) سکر سيئي ڏينهن جي مون گهاريا بند ۾
وسايم وڏ ڦڙا مٿي ساڙين مينهن
وجهائي وصال کي ٽيس تهوارن ٽيئن،
نيرُ منهنجي نينهن، اُجاري اڇو ڪيو.

▲

(٥) قضا آنديس ڪوٽ ۾ وطن مون ملير
چانڪ ويندس ويڙهه ۾ پيئندس پاڪ پنير
هايجا ڪيو همير، بي ڏوهيون بند ڪرين.

▲

(٦) همير جي هاڃي جي سُڌ نه سومرين
جن سونڪو ناه سرير ۾ سي اَلبيليون اُٺن
سَترسي سکن، جن ويڙهيچو وجود ۾.

▲

(٧) پَٽُ نه پهريان سومرا جانڪي تان جيان
آءٌ ڪيئن لوئي لاهيان ڪارڻ ٻن ڏينهان
جانسين ٿي جيان، ڪانڌ نه ڪنديس کي پيو.

## مارُئي جي مسلمان هجڻ جي ثابتي :

(١) پره ڦـٽي ڦار وڌم ويڙهيچن لاءِ
لا طقنتو من رحمت الله ڏنو سڏ ستارَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان آيت جي آڌار، مونکي مارو ميڙيِين

▲

(٢) پنجين رات، پيغام، مُکم مارو ئڙن ڏي،
ويرين ويڙهي آهيان ورج وير وريام
اَدنيا يَسر المومنين و قصر الکافرين ٿيو ماڙيءَ ۾ ماتام
پانئيان قيد قيام، ڏکيا ڪاٽيم ڏينهڙا.

▲

(٣) ڇهين رات چٽي ڳوڙها پيا ڳلن تي
تن ونهين ويڙهيچن جي هِنئين حُب گهٽي،
اِن الله مع الصابرين اها وائي وات وٽي،
ميڙيندوم ڏٽي، مينهن وٺي ماروين.

▲

(٤) ستين رات صحي سارين سانييڙن کي،
تازي تاسرين ۾ پيتم موڪ مَهي،
ڪيم رهاٽيون ريل ۾ هيرين هيٺ پهي،
اَدنيا من ذنب حديث اِها روح رهي
ويحم لوهه لهي، مِلان ماروئڙن کي.

ان کان علاوه مٿي هڪ بيت ۾ هڪ سٽ آيل آهي جنهن ۾ ”گور منهنجي سومرا، ڪج پنهوارن پاس“ گور فارسي ۾ قبر کي چئبو آهي. هوءَ هندو هئڻ نه هئي، مگر مسلمان هئي چو ته پٺاڻي صاحب مارئي سُر ۾ تمام گهٽيون آيتون ڪم آنديون آهن. هن ۾ مسلمان يا هندن کي ان ڳالهه تي مرڪڻ گهرجي چو ته مارئي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسانجي سونهاري ڏرتي يعني سنڌڙي جي هڪ اشراف ڏيءَ هئي، جنهن ملير کي موڙ ۾ ڏائي ڇڏيا آهن ۽ ان جي پارسائي تي اسان ڏيهه واسين کي مرڪڻ گهرجي.

مارئي مگيل نہ پر پرڻيل يعني شادي شده هئي. ڏسو شاهدي شاهه سونهاري اُمين جي:

زُمر زُخرف سومرا حَمدُ جنجو هانءُ
منهنجو منجهہ ملير ۾ ڪيو ويڙهيچن وهانءُ
تون جي آڻين سومرا سو آءُ ڪاچ ڪيئن ڪيان
تو سُئيدَ ڪئي سومرا آءُ تي جاڙ جِيان،
هتي ڪيئن وِهان منهنجو وَچن ويڙهيچن سان.

▲

(١) مون مارن سين لڌيون لوئي ۾ لائون،
سون برابر سڳڙا مونکي پانهن پڏائون
عمر چئو آئون، پٽ ڪيئن پهريان سومرا.

▲

(٢) پٽ نہ پهريان سومرو جانڪين تان جِيان،
آءُ ڪيئن لوئي لاهيان ڪارڻ ٻن ڏينهان،
جانسين تي جِيان، ڪانڌ نہ ڪنديس ڪي پيو.

▲

(٣) عمر مارو ئڙن جڏن مونکي جيري ۾ جائون
اَلله اُت اُماڻي لڌم جت لائون
مارو پاس ملير ۾ مران جي آئون،
تہ متم وِڌائون لوئي لال لطيف چئي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙي ثابتي هڪ وائي ۾ پڻ نشامبر آهي ” لوئي ۾ لائون مون مارن سين لڏيون“ هن باري ۾ مٿي پڻ هڪ بيت اچي چڪو آهي ”ڪانڌ نہ ڪنديس ڪي هيو ڪٽيروئي خوب“ مٿين شاه سائين جي بيتن جي شاهديءَ پٺاندر گهٽن ماڻهن جو شڪ لهڻ گهرجي تہ مارئيءَ مڱيل نہ ھر پرڻيل ۽ پرائي جوءِ هئي ايجا بہ وڌيڪ ثابتي ڪيو تہ هي بيت مارئي جي پرڻي ۽ چڱي چال جي اهڙي ڪري خبر ٿو ڏئي؛

پانڌي پرين پنهوارَ کي چئج چڱي چال
اَماڻجي عمر سومري ضبط ڪئي زال
سا ثابت آهي سيل سان چڱي چائِت، چال
وني ويچ نالَ، ناتہ مارڙين ۾ مَرِيو وڃي.

ايجان بہ هڪ ڳالھ کي پڌرو ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان تہ جئن مارئي بابت شاگردن ۽ سگهڙن جي ڄاڻ ۾ واڌارو ٿئي.

## بيت

عُمرِ تو آندو چاڙهي اَٺ پنياءِ،
بيءُ تہ پانهجو هيڪڙو، تي پانئيان آڳي پاءُ،
عمر تنهنجي ماءُ، آءٌ سَسُ نہ سَڏينديس سومرا.

اهوئي سبب آهي جو شاه صاحب مارئي سر ۾ سندس ساک ڏئي سيل وندي ثابت ڪيو آهي ۽ سندس ماروئڙن مارئي کي پاڪ صاف ڪري پنهنجو ڪيو آهي :-

هڏ نہ پَڙان هيڪڙي ٿوري ٿر ڇاين
مونکي ماروئڙن، ميري ڪري نہ مٽيو.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جو ڪردار

## مختصر فڪري جائزو

محمد ابراهيم چنا

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مارئي جو ڪردار
## مختصر فڪري جائزو

محمد ابراهيم چنا

انسان جي دل ۾، تخليق جو جذبو، سماجي ضرورتن آهر سمايل هوندو آهي. سماجي ضرورتن جي پورائي لاءِ هن ڪائنات ۾ هر دؤر ۾ سيني قومن ۾ اهڙن بهادر ۽ اڏول انسانن جو وجود تسلسل سان تاريخن ۾ موجود آهي، جن جي تخليقن، انساني سماج کي قانون، مهذب ۽ تذهب عطا ڪري جستجوءَ ذريعي ڪائنات جي ۽ حيات جي تسخير جهڙو اشرف عمل پورو ڪيو. اهڙن تاحيات رهبرن سماجي واقعن کي علامتي روپ ڏيئي. من موهيندڙ منظر نگاريءَ جي نڪور اسلوب ذريعي مختلف واقعا پيش ڪري ڪائنات ۾ ٿيندڙ چرپر جي اوسر ۾ پنهنجو ڪردار پڻ ادا ڪيو آهي. معاشري جي مڪمل تاريخ جي تدوين لاءِ هر سطح تي پڻ پاڻ پتوڙيو آهي. مستقبل جي نسلن لاءِ فڪر ۽ شعور کي مرتب پڻ ڪيو آهي ۽ معاشرتي اوسر جي مڙني تقاضائن کي مدِ نظر رکي ڪانه ڪا تخليق پڻ ڪئي آهي، جنهن جو مظهر دنيا جي تاريخ، دنيا جو فلسفو، ڪائنات جا مذهب، ذرتيءَ جي سائنس ۽ انساني خواهشن، ارادن، احساسن ۽ جيوت،



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مقصدن جي اپٽار لاءِ ادب ۽ شاعريءَ جوسيني ٻولين ۾ تسلسل انهن تخلقن جي شاهديءَ لاءِ موجود آهي. نسل در نسل منتقل ٿيڻ وارين انهن تخليقن سان ئي معاشرا پنهنجي راهه متعين ڪندا رهيا آهن ۽ اجتماعي سماجي مقصدن ۾ ڪاميابيون ماڻيندا رهيا آهن.

سنڌ ڌرتيءَ جو سچڻ، سنڌ جي معاشري جو ترجمان سنڌ جي تاريخ جو حساس تاريخدان، سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جو امين، ۽ سنڌ جو ماضي، حال ۽ مستقبل شاهه عبداللطيف ڀٽائي آهي. ڀلاريءَ ڀونءِ جي سچڻ لاکيڻي لطيف جي تخليق جي هرهڪ سٽ ۾ ڪو سماجي واقعو، هرهڪ شعر ۾ زندگيءَ جي ڪو مقصد ۽ هر آلاپ (وائيءَ)، ۾ ڏاڍ ۽ ڏمر مان نجات لاءِ سنيهو موجود آهي. معاشرتي نا انصافين، غيرانساني حرڪتن ۽ زندگيءَ جي ڪرب، واري جوهر جو حقيقي نالو ”شاهه جو رسالو“ آهي. شاهه جو رسالو سنڌ جي سماج جي اهڙي تاريخ آهي، جنهن کي شاهه لطيف سچائيءَ سان، بي ريائي سان، بي ڊپائيءَ سان شاعريءَ جي روپ ۾ قلمبند ڪيو آهي. مغرب ۽ مشرق جي تاريخ نويسن پنهنجي پنهنجي معاشرن جون تاريخون واقعن جي مشاهدي ڪرڻ کان سواءِ لکيون، پر لطيف سائين سير ۽ سفر ڪندي سنڌ جي تاريخ مرتب ڪئي. ابن خلدون، ايڊوردگبن ۽ چچ نامي جو منف لطيف سائينءَ جهڙي تخليق، ڪري ئي نٿو سگهي، جنهن ۾ ڏاڍ ۽ ڌهڪاءَ، ظلم ۽ ستم، ۽ قتلام ۽ دهشت گرديءَ کي هر طرح سان ملعون قرار ڏنو ويو هجي، ٻوليءَ جي مڙني عنصرن مان مدد وٺي معاشرتي پيڙائن تي مبني تاريخ دنيا جي گولي تي ڪنهن لکي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته اهو صرف ۽ صرف لطيف سائين آهي.

سنڌ جي تاريخ، غاصبيت، وحشت ۽ بربريت جي تاريخ آهي. محمد بن قاسم جي حملي کان اڳ ۽ پوءِ تسلسل سان سنڌ ڌرتيءَ جي سونهن کي ختم ڪرڻ لاءِ چئني طرفن کان حملن جوهڪ نه ٽٽندڙ سلسلو شروع ڪيو ويو ۽ اڄ به اهڙي غاصباڻي ذهنيت سنڌ جي بقاءِ خلاف حملا ڪري رهي آهي. سنڌ واسين جي سماج ۾ پيچ ڊاهه، معاشي حالتن ۾ ابتري ۽ اقتصادي حالتن جي زبون حاليءَ لاءِ تاريخ جي هر دؤر ۾ وحشي درندن جو ڪردار، موجوده حالتن جهڙو رهيو آهي. سنڌ جي اٻوجهه، مهربان ۽ مهمانواز انسان جي خلوص، رواداريءَ ۽ محبت جي موٽ هر دؤر ۾ غير انساني حرڪتن ذريعي ڏني ويئي آهي، جنهن جو مشاهدو لطيف سائينءَ پنهنجي دؤر جي حالتن مان بخوبي ڪيو ۽ پنهنجي احساسن جو ذڪر ٣٦ سرن ۾ اثرائتي انداز ۾ پيش ڪري، سنڌ واسين جو حال ۽ مستقبل متعين ڪيو آهي. فرد جي فرد سان، قوم جي ٻئي قوم سان، هڪ مذهب جي ٻئي مذهب سان ٿيندڙ وحشتناڪ روش جي تاريخ لکي لطيف سائينءَ انسان جي ڪردار کي واضع ڪري سبب ۽ مسبب جي نشاندهي ڪئي آهي. عمر جي مارئيءَ سان روش، مارئيءَ جي ملير سان روش، مومل جي راڻي سان روش، پنهونءَ جي سسئيءَ سان روش، ظالم جي مظوم سان روش، مطلب ته هرهڪ سر ۾ روش جي نشاندهي ڪري، شاهه جي رسالي ۾ ڪردارن ۽ علامتن جي مدد سان فڪر جو ايڏو ته عميق سمنڊ تخليق ڪيو آهي، جنهن تي سنڌي قوم جو فخر بجا آهي. مضمون جي غير معمولي طوالت سبب مارئيءَ جي ڪردار کي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

واضع ڪرڻ لاءِ شعرن کي نقل ڪرڻ کان پاسو ڪيو ويو آهي، ڇاڪاڻ ته جيئن ئي ذڪر ڪيو ويو آهي ته، هرهڪ شعر ۾ زندگيءَ جو ڪونه ڪو مقصد سمايل آهي ۽ هر شعر جي تشريح ڪرڻ هتي ممڪن نه آهي. پنهنجي علمي ڪمسنيءَ ۽ محدود ڄاڻ جي پيش نظر لطيف سائين جي فڪر جي سيني پهلوئن کي نروار ڪرڻ منهنجي وس ۾ نه آهي، پوءِ به لطيف سائينءَ کي مون جيئن ڏٺو آهي. سندس فڪر کي جيئن آءٌ پروڙي سگهيو آهيان، اوهان آڏو پيش ڪريان ٿو. لطيف سائينءَ، سنڌ جي سيني علامتي ڪهاڻين ۾ عورت واري ڪردار جي مدد سان پنهجو عظيم تخليقي ڪردار ادا ڪيو. معاشرتي نا انصافين مان نجات لاءِ "وَڏيل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري" جو آلاپ بلند ڪيو. مظلوميت جي مڙني صورتن جي نشاندهي ڪري، ڏاڍ ۽ جبر مان نجات لاءِ "هڻ ڀالا وڙهه ڀاڪرين جي صلاح ڏني. محلن جي مر ڏوئڻ لاءِ خلوص ۽ سچائيءَ سان، جهد ڪرڻ جو درس ڏنو. من ماري مچ ڪرڻ سان ئي مقصد ماڻڻ جي تعليم ڏني. "مون ۾ آهين تون" جي تنوار سان ڪامل اتحاد جي تلقين ڪئي، اعلي انساني گڻن جي، فڪري مواد لاءِ شاه سائينءَ جو هرهڪ شعر اسان کي "پريان سنڌي پار" جو ڏس ڏئي ٿو. ضرورت آهي، سرخيءَ جو سرمون پائڻ جي ۽ ريٽي رونق ڏسڻ جي.

لطيف سائينءَ زندگيءَ جي هر پهلوءَ طرف اسان جي رهنمائي ڪئي آهي. ڏکن ڏوجهرن مان نجات، لاءِ حقيقي واٽ ڏسي منزل جو تعين ڪيو آهي.لطيف سائين جو داخلي تصور، حساس سنڌي انسان جو تصور آهي، جنهن ۾ اعلي انساني آدرشن سان اجتماعي



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقصدن جي حصول جي تڙپ موجود آهي. صلاح موجود آهي، اتساهه موجود آهي ۽ بيداريءَ سان خوشحال زندگي گذارڻ جو سنيهو موجود آهي.

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جو سر مارئي. وطن سان محبت جو عظيم مظهر آهي. مارئي اهڙو ڪردار آهي، جنهن کي پنهنجي ذات سان، ڏونئرن سان، جهوپڙن سان، جهانگيئڙن سان، ڇيلن سان ۽ ڇيڙن سان الستي محبت آهي. مارئي اهڙو روح آهي، جنهن جو پنهنجي عصمت سان، خودداريءَ سان ۽ ننگ سان لافاني رشتو آهي. مارئي جو ڪردار ڦوڳ جي مڱ واري رشتي جي ڀرم کي ڀرڻ کان بچائڻ جو ڪردار آهي. مارئيءَ جو ڪردار مصيبت مان نجات لاءِ هٿ پير هڻڻ جو ڪردار آهي. مارئيءَ جو ڪردار انساني آزاديءَ جي خواهش جو ڪردار آهي. مارئيءَ جو ڪردار مقصد ۾ حائل رڪاوٽن کي استقامت سان ٻيري هٽائڻ جو ڪردار آهي. مارئيءَ جو ڪردار ڪانئرپ جي مذمت ڪندڙ جو ڪردار آهي. مارئيءَ جو ڪردار سنڌ جي لوئيءَ ۽ لڄ جو ڪردار آهي. مارئيءَ جو ڪردار سنڌ جي تاريخ جو ماضي، حال ۽ مستقبل آهي.

وطن سان محبت فطري ٿيندي آهي. وطن جي شين سان، ڀوڪن سان پيرن سان ۽ ذات سان محبت جو اظهار مارئيءَ جي وطن سان ازلي رشتي کي ظاهر ڪري ٿو. جڏهن ڪائنات ۾ ڪجهه به نه هئو، ان وقت به مارئيءَ جو ملير سان رشتو جڙيل هو. جهانگين لاءِ جهجهڻ صرف انهيءَ رشتي جي ڪري هو. محلن ۾ هينئڻ جو منجهڻ آزاديءَ جي فلسفي جو بنياد آهي. ڇڳن ۾ ڇيڙ مقصد سان



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سچائيءَ جو اظهار آهي. ڏاڏڻ طرفان مليل پوشاڪ کي لاهيندي لڄ مرڻ، خودداريءَ کي ظاهر ڪري ٿي. مارن جي مکَ کي عمر بادشاهه جي تيل تي اوليت ڏيڻ، طبقاتي سماج جي مذمت آهي. ”جانسين ئي جيئان ڪانڌ نه ڪنديس ڪو بيو“ انفرادي غيرت جي گواهي آهي. ”ور جيڏين سين جوءِ فاقو فرحت پائنيان“، قلبي اطمينان کي ظاهر ڪري ٿو. حق پيچڻ ۽ سَتي سڏائڻ جي دعويٰ ڪرڻ ننگ ناموس ۽ حيا جو اظهار آهي. ”چت جنين جا چور سي مکي مرڪ نه ڪنديون“ عزم ۽ ارادي کي ظاهر ڪري ٿو. ساڙيهه سامُهين سَتَ، ڪَنديس پَچي ڪنن ڪي.“ ظلم مان نجات لاءِ هٺ پير هڻڻ جو اتساهه ڏياري ٿو. مطلب ته مارئيءَ جو ڪردار زندگيءَ جي انيڪ پهلوئن کي نروار ڪري خودداريءَ سان زندگي گهارڻ جو درس ڏئي ٿو.

مارئيءَ جي عصمت جي بقاءَ لاءِ جنگ، انساني وجود جي بقاءَ لاءِ جنگ جو عظيم مثال آهي. سون، پٽ پٽيهرن، طعامن ۽ آسائشن کان منهن موڙ قومي غيرت کي ظاهر ڪري ٿي. مارئيءَ جي عمر جي شاديءَ واري آڇ کي رد ڪرڻ انساني نفس جو اعليٰ نمونو آهي. ڏکن ڏوجهرن مان نجات لاءِ ”منهنجي آهه اها ڪڏهن ڪيرلئيندي ڪوٽ کي“ جو آلاپ جدوجهد جي پهرئين ڏاڪي طور انساني آزاديءَ جي فطري خواهش جو اظهار آهي. ساهڙين سرتين جي مهڻن ۽ طعنن کان بچڻ لاءِ شخصي ڪردار کي پختو ڪرڻ جو عزم ڪامياب ۽ ڪامران حياتيءَ جي ضمانت ڏئي ٿو.

بظاهر عمر جو ڪردار ظلم ۽ ستم، ڏاڍ ۽ جبر جي علامت طور پيش ٿيل آهي، مگر، عمر بادشاهه جي ڪردار ۾ به سنڌ جي حياءَ



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ شرم جي جهلڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿي. مارئي عمر جي قيد ۾ آهي. بادشاھ جي حيثيت ۾ وٽس سڀ وسيلا موجود آهن. زوري زبردستي مارئيءَ سان شادي ڪري سگهي پيو، پر سنڌ جي روايت ۽ سنڌيت جي غيرت، سندس سامهون آهي، انڪري، منٿ، ميڙ، لالچ ۽لوڀ ذريعي مقصد ماڻڻ ۾ ناڪاميءَ کان پوءِ روايتي بي حيائيءَ جو مظاهرو نہ ڪرڻ، سنڌ واسين جي پختي ڪردار جي تاريخ جو سونهري باب آهي.



sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com